مجيد لفظاً ۽ معنيٰ سان ياد هئن. هميشہ حجري ۽ مسجد ۾ اندر ورد ۽ نماز ۾ مشغول رهندا هئا. گهر ۾ گهٽ ويندا هئا. ضعيفيءَ جي ڪري اکين جي روشني هلي وئي هئن ۽ ان جي بجاءِ دل ۾ روشني وڌي وئي هئن. سيني علمن جو درس ياد ڏيندا هئا. توڪل ۽ تجريد ۾ سندن مثل ان زماني ۾ ڪير بہ نہ هو. مولانا ڪمال محمد عباسي گجراتي جيڪو مالوه جو مفتي هو حديث ۾ سندن شاگرد هو. هجري سنہ نو سؤ ستر کان ڪجهہ مٿي هو تہ پاڻ مقدس جهان ڏي ڪوچ فرمايائون.

شيخ عبدالعزيز رحمۃ اللہ جي ياد ۾

سندن لقب عزيز الحق ۽ والد بزرگوار جو نالو شيخ ڪمال الحق ابن طاهر هو. پاڻ جونپوري آهن قدس سرهم. هجري سنہ اٺ سؤ ڇانوي جو آغاز هو، جو سندن قدسي نفس عنصري جسم سان وابستہ ٿي ظاهري عالم ۾ آيو. ٻن سالن کان پوءِ سندن والد بزرگوار پيدائش جي جاءِ کان سڪونت ترڪ ڪري دهليءَ روانہ ٿيا. اُهي چند ڏينهن زنده رهيا ان کان پوءِ آخري سفر پيش آيو. ان ڪري پاڻ پنهنجي پٽ ڪي پنهنجي مريد رشيد مولانا قاضي خان يوسف ناصحي ظفر آبادي جي سپرد ڪيو. ظاهري ۽ باطني پرورش جي ڪري اُهي ڪمالات پيدا ٿي وئن جيڪي سندن استعداد ۾ لکل هئا. ستهتر سالن تائين پاڻ رهنمائيءَ جي ڪرسيءَ تي وينا رهيا. ذوق- وجد- اخلاق ۽ اشراف اهي صفتون سندن اندر موجود هيون. فصوص الحڪم ۽ ٻين ڪتابن جي حقيقت چگي طرح ڄاڻندا هئا. ۽ عمدو درس ڏيندا هئا. هجري سنہ نو سؤ پنجهتر ۾ هڪڙي بيان جي مطابق ڇاهتر ۾ عالم قدس ڏي روانہ ٿيا. خوابگاه دهليءَ ۾ اٽن. خليفي شيخ محمود وحيديءَ پير جي رحلت جي تاريخ تي هڪ شعر لکيو جنهن مان سندن رحلت 975 هـ ٿي ملي. گهڻي تعجب جي ڳالهہ آهي تہ پاڻ خطن ۾ پنهنجو نالو ذره ناچيز عبدالعزيز لکندا هئا. تقدير الاهيءَ سان "ذره ناچيز" جا اعداد سندن وصال جي تاريخ جي برابر ٿيا. هڪ ڏينهن حسين ابن خانون دهلوي جن جي پيشانيءَ مان مقبوليت جا آثار نمايان هئا. بيان فرمايائون تہ:

"هڪ بزرگ عالم مثال ۾ شيخ نظام الدين اولياءَ قدس سرهُ جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ عرس گاه ۾ جيڪو ڪثرت سان هجوم ٿو ٿئي ان سان مخدوم

www.maktabah.org

کي کو حظ يا حضوري ناهي. جواب مليو البتہ جڏهن عرس ۾ عبدالعزيز ايندو آهي اسين بہ ايندا آهيون. ۽ ان جي صحبت سان خوش ٿيندا آهيون".

مولانا پايندھ قلتيؒ جي ياد ۾

پنهنجي ناپائندگيءَ کي حقيقي پائندگي سان هارائي اهڙا تہ زنده ٿيا جو پائنده رهيا. عقيدت ۾ نسبت مولانا خواجگيءَ جي خدمت ۾ رکندا هئا. نقشي ۽ نفسي سپ علم سندن حالات مان ظاهر هئا. گهڻا فن فراهم کيا هئائون. کاغذي نقوش کي قدسي نفوس جي فيض جو پردو بنايو هئائون. ظاهري درس ڏيڻ جي شان ۾ پاڻ باطني معرفتون ماڻهن کي سيکارينداهئا. ۽ درياءَ جي گرداب مان صحيح ۽ سالم نکري سلوڪ جي آفتن سان آسوده زندگي بسر ڪندا هئا. انهيءَ طرح ماڻهن کي سندن فيض رساني عام ٿي وئي هئي. سخاوت ۽ ايثار جا پسنديده شيوا سندن خمير ۾ داخل هئا. چون ٿا تہ سندن روح کرامتن جي منزل کان نهايت آسانيءَ سان مٿي هلي وئي.

شيخ اڏنؒ جي ياد ۾

پاڻ شيخ جونپوريءَ جا پٽ هئا. "مِنَ اللّٰه" سندن خطاب هو. پاڻ پنهنجي پيءُ بزرگوار جا مريد ۽ تلقين يافتہ هئا. گهڻن ئي چشتي سهروردي- ۽ قادري مشائخن جي خدمت مان فائدو حاصل کيو هئائون. ۽ سندن دل کي مختلف قسمن جي رسمي علمن مان فروغ حاصل هو. هڪ دفعي الاهي محبت جا اهڙا تہ جذبات پيدا ٿين جو علمي گهر بار سپ لٽجي وين. ۽ آخر ۾ نفساني خواهشن جي مخالفت ۽ نفس جي لڙائي جي سبب بصيرت جي حضور ۾ باريابي ٿين. گفتار جي قسم ۾ مولیٰ جي ياد کانسواءِ ۽ خاموشيءَ جي قسم ۾ عالم اسرار جي اندر استغراق کان سواءِ ڪجهہ بہ باقي نہ رهين. ضعيفيءَ جي زماني ۾ سماع جو ولولو پيدا ٿي پيو هئن ان جي باوجود جو ظاهري طرح وڏي عمر ۾ ڪمزوري هئن مگر رقص طاقتور نوجوانن کان گهڻو وڌيڪ طاقت سان ڪندا هئا. گهڻن ماڻهن کي رئاري ڇڏيندا هئا. هجري سنہ نو سؤ چاهتر ۾ عالم قدس ڏي ڪوچ فرمايائون. خوابگاه جونپور.

مصرع: سيمياي عشق پيران راجواني ميدهد-

www.maktabah.org

شيخ حسين بغدادي رحمه الله جي ياد ۾

پاڻ حضرت امام ابو حنيفہ ڪوفيءَ جي نسل مان آهن رحمهما الله گهڻن قسمن جي عقلي ۽ نقلي علمن ۾ اجتهاد ۽ ايجاد جو مرتبو حاصل هئن. نيڪ عادت منڪسرالمزاج- بردبار ۽ محبت ڪندڙ هئا. جڏهن علمن جي تحصيل حاصل ڪيائون تہ افضل روزگار مير غياث الدين منصور جي خدمت جو خيال پيدا ٿين. اهو خيال کين بغداد کان شيراز ڈي ڇڪي آيو. هڪ ڏينهن شيراز جي حاڪم ابراهيم خان مقيم ۽ مسافر سيني عالمن کي سڏائي هڪ وڏي مجلس ڪئي. مير قويءَ کي تجريد جي شرح تي علت ۽ معلول جي بحث ۾ هڪ اعتراض هو. جنهن جي حل ڪرڻ ۾ سڀ اهل سخن عاجز هئا. انهيءَ سبب ڪري سيني خاموشي اختيار ڪئي هئي. سواءِ شيخ حسين جي جيڪو نئون آيل هو. پاڻ فرمايائون تہ بن ڏينهن لاءِ شرح تجريد مون کي ڏني وڃي تہ جيئن ان بحث لاءِ تيار ٿيان. پوءِ جيڪي ڪجهہ خيال ۾ اچي گذارش ڪيان. خير- مطلب تہ پاڻ مختلف طريقن سان هن مسئلي جي الجهنن کي کوليائون. اعتراض ڪرڻ واري صاحب کي اها ڳالهہ ناگوار گذري انهيءَ سبب ڪري نئين آيل مشڪل ڪشا کي خارجيت سان منسوب ڪري حاڪم کي عرض ڪيو تہ اهڙي فتني پرور جو هن شهر ۾ رهڻ مناسب نہ آهي. حاڪم دل ۾ انصاف ڪري جواب ڏنو تہ جيڪو شخص سعادت حاصل ڪرڻ جي نيت سان اسان وٽ آيو هجي ان کي شهر مان نيڪالي ڏيڻ سنو نہ ٿو لڳي ۽ هن مشڪل کي حل ڪرڻ جي تعريف تہ مخدوم جي ئي آهي. اهڙي طرح حاڪم رنجش کي دور ڪيو. چند ڏينهن کان پوءِ ٻنهين بزرگن جي صحبت ۾ اهڙي تہ گرما گرمي پيدا ٿي جو بغداد جو سينو شيراز جي معلومات جي جواهر سان لبالب ٿي ويو. سيروسفر جون ڳالهيون ختم ٿيون. آخر ۾ کين حجاز جي سفر جو ارادو ٿيو ۽ انهيءَ شورش دوستي ۽ شيراز ۾ رهڻ جو تعلق ٽوڙي ڇڏيو. جڏهن حرمين شريفين جي طواف کان فراغت حاصل ٿي تہ پوءِ هندستان جي سياحت جو خيال آيو. جڏهن دهلي ۽ هندستان جي ٻين شهرن جو سير ڪندا پاڻ احمد آباد پهتا تہ اسان دل جي گهٽي محلي شاهہ ابوتراب سلاميءَ ۾ اچي ترسيا. هن شهر جي

www.maktabah.org

محبت انگيز خاڪ دامن گير ٿي جنهن جي ڪري زمين جي پيمائش جي هوس دل مان نڪري وئي ۽ هتان جي بزرگن جي خواهش کين وڃڻ نہ ڏنو مجبوراً پاڻ اُتي رهي درس ڏيڻ لڳا. گهڻن طالبن جو سينو سندن دم قدم جي برڪت سان علم جو گهر بنيو. خاص ڪري حڪيم عثمان بوبڪائي سنڌي ۽ مولانا عبدالقادر بغدادي ۽ ڪي حڪمت ۽ رياضي ۽ جي فنون ۾ سندن شاگردي ۽ سان استادي ۽ جي سند ملي. جڏهن عمر چاهتر سال جي وڃ ۾ آئي تہ هجري سنہ نو سؤ ستهتر ۾ پاڻ دستن جي بيماري ۽ جي ظاهري سبب ڪري دنياوي زندگي ۽ جو اختتام ٿيو. رسول آباد ۾ دفن ڪيا ويا. تقدير جا ڪم ۽ قضا جون گلڪاريون عجيب آهن. پهريائين حجاز جو خيال پيدا ٿين پوءِ سياحت جي شورش دل ۾ وڌي وئي ان کان پوءِ آخري آرامگاه واري شهر ۾ پهچايا ويا تہ سياحت جي هوس دل مان دور ڪئي وئي. ايستائين جو کين موت پيش آيو.

شيخ بهاءُ الدين مفتي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ شمس الدين محبوب ملتاني- قريشي- اسدي- هاشمي ۽ جا فرزند آهن. قدس سرهُ. پاڻ رسمي علم سان ظاهري آراستگي ۽ حقيقي وجدان سان باطن جي فروغ کي وڌائيندا هئا. غوث العرفا شيخ بهاءُ الدين جي نسل مان آهن. سعادت- عقيدت ۽ خلافت پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪيائون ۽ سندن ئي جانشين هئا. پنهنجي بزرگي ۽ جو لحاظ نظر انداز ڪري غريبن جا ڪم ڪرائڻ لاءِ اهل دنيا جي دولت خاني تي هليا ويندا هئا. جنهن زماني ۾ سلطان حسين بکر کان ملتان جي سرزمين ۾ اچي فتنو ۽ فساد برپا ڪيو تہ ان ملڪ جي وڏن وڏن ماڻهن ۾ وطن ڇڏڻ جو خيال پيدا ٿيو. پاڻ بہ پنهنجو وطن ڇڏي ڏنائون. اهو ظهير الدين بابر جو زمانو هو جو آگري شهر ۾ اچي بود و باش اختيار ڪيائون. ڪيترين ئي لکل دل جون ڳالهيون سندن آئينہ نما دل تي ظاهر ٿي پونديون هيون.

چون تہ اسحاق نالي هڪ حافظ هو سندن سفارش نامون سليمان ڪراني ۽ جي نالي ڪڍي ويو جيڪو مشرقي ملڪ جو فرمانروا هو. هن ساده لوح جي زبان تي هيءَ ڳالهہ آئي تہ توراني ۽ ايراني قلمرو جي باشندن کي اسان جي

www.maktabah.org

نالي خط لکڻ جو ڪو حق ڪونهي. حافظ جي دل هيءَ تقرير ٻڌي ناميد ٿي پئي. رات جي وقت سفارش لکڻ واري شيخ جي مثالي صورت خواب ۾ نصيحت ڪندي انهيءَ طعني ڏيندڙ حاڪم کي تنبيهه ڪئي. چنانچه هن صبح جي سفيدي ظاهر ٿيڻ کان اڳ پنهنجي نوڪرن کي حڪم ڏنو ته جيڪو حافظ خط ڪٽي آيو آهي ان جي چگي طرح خدمت ڪيو ۽ بنا دير جي هن دربار ۾ آڻي ڪامياب ڪيو وڃي. چنانچه حڪم جي تعميل ڪئي وئي.

چون ٿا ته عبدالرزاق نالي هڪ سوداگر ملتان جو هو. ان جو بيان آهي ته شيخ جي رحلت يارهين شوال هجري سنه نو سؤ انهتر ۾ ٿي هئي. سندن رحلت کان پوءِ مان هندستان ۾ خريد و فروخت لاءِ ايندو ويندو هوس. هڪ دفعي هيئن ٿيو جو مون سڀ سامان وڪڻي نقد روپيه حاصل ڪري ورتا هئا ۽ سفر جو سامان ٻڌي رهيو هئس ته هڪ بدنيت غلام جيڪو ان وقت حاضر هو. سڀ نقدي رقم جيڪو وڪري کان پوءِ جمع ڪري رکيو هئر ڪٽي گم ٿي ويو. هڪ ته دل ۾ نقصان جو غم هو ۽ ٻيو هوشياري ۽ احتياط کان ڪم نه وٺڻ جا تير لڳي رهيا هئا. ان ڪري همت ۽ عاطفت جي غرض سان شيخ جي پاڪ روح ڏي متوجه ٿي ويس. رات جو خواب ۾ ڏٺم ته پاڻ سجاده ڪنڌ تي رکي مسجد ڏي وڃي رهيا آهن مون جلدي گستاخيءَ سان پنهنجو مٿو سندن پيرن تي رکيو. فرمايائون ته ايتري خوشامند نه ڪر اطمينان ڪر ته ڀڳل شخص ۽ ڪٽي ويل شي ٻنهين جا پير تنهنجي روزيءَ جي زنجير ۾ قاتل آهن لهذا جلد واپس ايندا. عبدالرزاق جو بيان آهي ته ٻن ڏينهن کان پوءِ هن خوشخبريءَ جو ظهور ٿيو ۽ اڏ ڪوڙيءَ جي برابر به ان مال ۾ خيانت نه ٿي.

سندن خوابگاه آگري جي اتر طرف حدن ۾ آهي.

شيخ مبارڪ سنڌي رحمه الله جي ياد ۾

سندن پيدائش جي جاءِ ڳوٺ پاٽ آهي جنهن جي آبادي جو بنياد قائم ڪرڻ ۾ سندن ڏاڏو، مسيح القلوب جي ڏاڏي ۽ شيخ طاهر جي والد بزرگوار سان متفق هئا. پاڻ رسمي علم ۾ مخدوم عباس ابن جلال جا شاگرد آهن. تقدير جي لکئي کين وطن کان احمد آباد ۾ آڻي ڇڏيو. ۽ ڪجهه سال پاڻ هن شهر ۾ ناصرالملڪ جي مسجد ۾ درس جي مسند تي وينا رهيا. آخر ۾

www.maktabah.org

سياحت جو ڪر پيش آيو جيڪو سفر جو سبب بنيو جڏهن برهانپور پهتا تہ ان صوبي جي حاڪر کين جوپڙهہ قصبي جي قضا جي منصب تي مامور ڪيو. لاچار پاڻ قبول فرمائي قضا جي چادر سان پنهنجي اندروني حالت کي لڪايو ان وقت صوبي برار جو فرمان روا وزيراعظر تفاول خان هو. ان جي درخواست قبول ڪري ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پاڻ ايلچپور روانہ ٿيا. وزير اعظر وڏي عزت سان سندن استقبال ڪيو ۽ شهر آڻي تخت گاه جو مدرس مقرر ڪيائين. چون تا تہ پاڻ ڪافي ڳائڻ تي شيخ لاڏجيو سنڌيءَ جي نغمن تي ڏاڍو خوش ٿيندا هئا. هميشہ اکين ۾ پاڻي پريل رهندو هئن. بيداري سندن اهڙي تہ عادت ٿي وئي هئي جو رات بہ ڏينهن وانگر گذرندي هئي. آخرڪار پاڻ اتان شيخ طاهر يوسف جي دوستيءَ جي خيال سان برهانپور وري واپس آيا ۽ سيني شين کان دل هٽائي شيخ لشڪر محمد عارف جي خدمت ۾ لڳايائون. شرح قيصريءَ جو مقدمو پڙهڻ شروع ڪيائون ۽ پورو ڪيائون. انهيءَ فرصت جي اندر مسيح القلوب ڪجهہ متداول علم ڪائنن حاصل ڪيا. مطلب تہ جمع جي ڏينهن سن نو سؤ اٺهتر ۾ ملڪ مقدس ڏانهن روانہ ٿيا. خوابگاه برهانپور شيخ ابراهيم ابن عمر سنڌيءَ جي حظيره مقدس ۾ آهي- قدس سرهم.

مصرع: مبارڪ بر مبارڪ باديدار.

سيد مرشدالدين ولد مير رفيع الدين محدث صفوي رحمۃ اللہ جي ياد ۾

ڪين عقلي- نقلي علم ۽ ظاهري و باطني تصرفات ڪمال درجي جا حاصل هئا. صوفي بزرگن وارا سڀ اوصاف ۽ اخلاقن سان گڏوگڏ سيرت- سخاوت ۽ ايثار بہ موجود هئن. هڪ ڏينهن جو ذڪر آهي تہ هڪ ضرورتمند ڪي ايتري قدر نقد ڏنائون جو اهڙي ماڻهوءَ ڪي ايترو مال ڏيڻ عقل ۾ هرگز نہ پئي آيو انهيءَ سبب ڪري خزانچي ۽ بين ڪارندن ان بخشش ڪيل رقم ڪي گهر جي اگڻ ۾ سيد صاحب جي آمدورفت جي رستي ۾ آڻي انبار ڪيو. جڏهن سندن نگاه انهيءَ ڍير تي پئي تہ پڇائون تہ هي مال ڪهڙي مطلب سان هتي وڌو

www.maktabah.org

اٽو. عرض ڪيو ويو تہ بخشش جو مال آهي جنهن لاءِ فلاڻي شخص کي ڏيڻ جو حڪم ڪيو اٽو هتي ان لاءِ رکيو اٽئون تہ جيئن اوهان ڏسڻ فرمائيو. فرمايائون تہ اسان سمجهو تہ جيڪو مال اسان ڏنو آهي ڪافي هوندو مگر هي تہ بلڪل ٿورو آهي. ايترو ٻيو ٻہ ڏنو وڃي تہ جيئن همت ۽ بيخودئ جي ناموس هٽ ۾ رهي. سندن خوابگاه پنهنجي والد جي مزار سان لڳ آگري ۾ آهي.

مولانا ناصر مفتي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ جمال سادات هرويءَ مان آهن. سندن مرتبو عشق ۽ عرفان ۾ مٿاهون هو. ۽ سندن سند حديث ۽ فقهه ۾ مٿاهين هئي. هڪ ڏينهن مشڪواة شريف ۾ هڪ حديث نظر مان گذرين جنهن جو مطلب هو تہ الله تعاليٰ جلشانه پنهنجو بي مثال ديدار قيامت جي ڏينهن ان شخص کي ڏيکاريندو جنهن جي ظاهري اک بُري ۽ ناجائز شيءِ کي نہ ڏنو هوندو. پاڪ هوندي. پاڻ انهيءَ مجلس ۾ دعا لاءِ هٿ کنيائون تہ اک جي ضرورت ناهي. فوراً نابينا ٿي پيا. ان کان پوءِ ٽيهن سالن تائين طالبن کي فيض پهچايائون. هجري سنہ نو سؤ آسيءَ ۾ سندن تدريس آسماني ٿي. پوءِ سندن فرزند رشيد مولانا مير سندن جانشين ٿيا. مير فروغي اشرف ٻڌايو تہ جڏهن مان فقهه هدايہ سندن خدمت ۾ پڙهندو هئس تہ پاڻ فرمايائون تہ فقهه پڙهڻ جو غرض جيڪڏهن فتويٰ- قضا نذرستاني آهي تہ پوءِ توکي هن مان ڪوبہ فائدو نہ پهچندو ۽ منهنجي تعليم توکل تي نہ هوندي. هجري سنہ نو سؤ نوي کان ڪجهہ مٿي هو جو وصال جي خوشخبري آئي. چنانچہ بنادير جي حقيقي محبوب جي حضور ۾ روانہ ٿي ويا.

شيخ عبدالحڪيم گوشہ نشين ڪالپي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

شروع ۾ پاڻ سپاهيانہ زندگي بسر ڪندا هئا. جڏهن حاجي عبدالوهاب جي خدمت ۾ بيعت ٿيا تہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ خلافت جي خلعت سان سرفراز ٿيا. شمسي ستاري وانگر سندن هستي آفتاب احديت جي تجليات ۾ منتشر رهي ۽ مجذوبن جهڙو حال رهيو. آخر ۾ هڪ گمنبذ هو. محمود خان جي مسجد جي برابر. اتان جي حاڪمن پنهنجي آباءِ ڪرام جي واسطي تعمير

www.maktabah.org

ڪرايو هو ليڪن انهن ڪي نصيب نہ ٿيو. انهيءَ گنبذ ۾ پاڻ چاليهن سالن تائين گوشي نشين رهيا. انهيءَ مسجد ۾ خواجہ خضر عليہ السلام جي خدمت مان فيض حاصل ڪيائون جڏهن پاڻ رحلت ڪيائون تہ لفظ "حڪم خدا شده" جنهن جا عدد نو سؤ بياسي ٿين ٿا. تاريخ ٿي. ڪين هڪ فرزند آهي شيخ عبدالشڪور. فضيلت ۽ پرهيزگاريءَ ۾ مشهور ۽ گوشي نشينيءَ ۾ پيءُ وانگر نامور- ڪنهن بہ مالدار کان نذر جي صورت ۾ ڪڏهن بہ ڪجهہ نہ ورتائون ۽ محض توڪل ۽ آسماني روزيءَ تي گذر اوقات رکيائون.

شيخ قصاب رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ ميرزا شاهہ جا باڪمال مريد ۽ صاحب حال خليفا آهن. بخارا شهر ۾ صاحب خانقاهہ ۽ صاحب خانواده هئا. سندن گهٽو وقت جذب ۽ جلال ۾ گذرندو هو. سندن عجيب عجيب ڪرامتون گهٽيون آهن. رفتار ۾ ۽ قيام ۾ اڪيلائي پسند ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪجهہ دوست يا مريد سير لاءِ سندن وڃڻ وقت پويان پهچي ويندا هئا تہ پري کان ئي واپس ٿي ڪاوڙ ۾ پڪاريندا هئا تہ توهان آواره گرد آهيو هن طرح پيچو ڪري توهان اهو ٿا ٻڌائڻ گهرو تہ "جيڪا توهان جي آرزو آهي. اُها مون ۾ ڪانهي ۽ جيڪي ڪجهہ توهان چاهيو ٿا اُهو مونکي نہ مليو." چون ٿا تہ هجري سنہ نو سؤ اَسيءَ ۾ پاڻ هن فاني دنيا کي ڇڏيائون.

شيخ راجي محمد عيني رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ خان جا پٽ هئا. جيڪو ہن پشتن کان پوءِ شيخ محمد همداني کي پهچي ٿو. رسمي ۽ حقيقي قسمن جا علم سندن وٽ جمع هئا. اندروني فروغ- آزادگي- بيخودي- فيض رساني- سلامت روي- بردباري ۽ مشڪل ڪشائي اهي صفتون حد درجي جون موجود هئن. چون ٿا تہ يارهن سالن جي سندن عمر هئي جو وطن مان پير ۽ استاد جي تلاش ۾ حيران ۽ سرگردان نڪري پيگا. ڳولينديءَ ڳولينديءَ برهانپور خانديس ۾ اچي پهتا. ہن سالن تائين رسمي علمن جي حاصل ڪرڻ ۾ مشغول رهيا ليڪن اندريون جوش ٽڏو نہ ٿيو لهذا

www.maktabah.org

اتان دکن جي طرف سفر اختيار ڪري شهر بيدر ۾ پهتا ۽ هتي شيخ محمد ملتانيءَ جي خدمت ۾ شرفياب ۽ مريد ٿيا. بارهن سالن تائين هڪ حجري ۾ پنهنجي مخدوم زادي شيخ مخدوم سان گڏ صوفين جي مشغلن ۾ گذاريائون. ۽ پير جي پرورش ۽ حضوري سان کسبي دانش ۽ وهبي جنبش ۾ ڪمال ۽ تڪميل جي درجي تي پهتا.

پاڻ فرمائيندا هئا ته هڪڙي رات مونکي ڪشف جي ذريعي معلوم ٿيو ته اڪمل الاولياءَ شيخ محي الدين جيلاني قدسَ سرهُ مصلي تي وينا آهن ۽ بي انتها ماڻهو ۽ پرندا وغيره سندن چوڌاري جمع آهن. هنن سيني مان پاڻ منهنجو نالو ونئي سڏ ڪيائون ۽ مصلي جي هيٺان جيڪا متي وغيره هئي ان کي پنهنجي مبارڪ هٿن سان صاف ڪيائون ۽ فرمايائون ته جيڪو ٻيائيءَ جو زنگ عنصري آثارن سان تنهنجي دل جي آئيني تي هو اُهو صاف ٿي ويو. هاڻي مصلي تي ويهه ۽ هن يڪتابي نياز جي نماز پڙهه ۽ قطبي والايت جي خوشخبري انهيءَ هجوم ۾ مونکي ڏنائون. ان کان پوءِ پير به خلافت جو خرقو عطا فرمائي اُجين ۾ رهڻ ۽ ماڻهن جي رهنمائي ۽ تعليم ڏيڻ جي اجازت ڏني.

هجري سنه نو سؤ ٽيهه هو جو پاڻ اُجين ۾ آيا. ڪجهه ڏينهن منهن تي برقعو رکيائون انهيءَ خيال سان ته ڪاڻي حوس جي نگاهه نه پوي ۽ ڪنهن ڇار ۾ نه ڦاسائي ڇڏي. آخر ۾ هڪ صاحب سيد صفي سلاطين خلج جي اعظم ميرن مان هو ۽ کين شريف خاني خطاب به هو. سيد صاحب دانشمند ماڻهن جي وچ ۾ وهاري پنهنجي نياڻيءَ جو نڪاح شيخ صاحب سان ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ خانه داريءَ جي سازو سامان جي فڪر جي شروعات ٿي. خانقاه- مسجد ۽ مقبرو ٽئي شيون تيار ٿيون. پنجاهه سالن تائين درس ڏنائون ۽ طريقت جي تلقين ڪري گهٽن درويشن کي اعليٰ مقامات تي پهچايائون ۽ پوءِ ستاويهين رمضان هجري سنه نو سؤ ٻياسيءَ ۾ ملڪوتي ملڪ ڏي رواني ٿيڻ جو نغارو وڄايائون.

سندن ڇهه پٽ هئا. عبدالرحمٰن- عبدالرحيم- عبدالڪريم هي هڪ ماءُ مان هئا ۽ عبدالحميد- عبدالمجيد ۽ عبدالحليم هي ٽئي ٻئي نڪاح مان هئا.

عبدالرحمٰن پيءُ کان اڳ ئي ڪوچ ڪري ويو. سندن به پٽ رهيا هڪ محمد ۽ ٻيو محمود. پوئين پٽ محمود کي هجري سنه هڪ هزار ڏهه ۾ جذب ٿيو ۽ مفقودالخير ٿي پيا. پائرن کي ڏوکو ڏئي هڪ رات نڪري ويا. اڇڻ

www.maktabah.org

وارا حجاز ۾ ٿا ٻڌائن.

شيخ عبدالڪريم پيءُ ڪان پوءِ ان جي جاءِ تي سجاده نشين ٿيا. پنهنجي صاحب ولايت بزرگن جي روش کي زنده ڪيائون. اخلاق ۾ پسنديدگي ۽ وصفن ۾ سنجيدگي گهڻي هئن. جوان مرد- پرهيزگار- حق شناس- خدا پرست- پاڪيزه باطن- مهمان دوست- زنده دل ۽ فارغ البال هي سڀ صفتون موجود هئن. هجري سنه هڪ هزار پنج ۾ عالم دنيا کان رخصت ٿيا. والد بزرگوار جي گمنڊ جي ٻاهران دفن ڪيا ويا. ٻه پٽ ڇڏيائون هڪ شيخ عبدالعزيز جيڪو مختلف علمن سان آراسته هو. پاڻ پهريائين رسمي علمن کي شيخ عبدالڪريم نهروالہ جي خدمت مان حاصل ڪيائون. پوءِ بعد ۾ وجيہ الملتہ والدين علوي احمد آبادي۽ جي درس ۾ ويهي ڪتابن جي تصحيح ڪيائون. پاڻ بيڪسن ۽ مستحقن جي معاملات کي حل ڪرائڻ لاءِ بظاهر نواب ڪامگار سپهہ سالار عبدالرحيم خان خان خانان ابن بيرم خان خانان جي جاگيري ملڪ جي صدارت جو منصب ۽ نواب جي مجلس جي مصاحبت قبول ڪئي اٿن. مگر باطن ۾ ذرو ب وابستگيءَ کي ويجهو اچڻ نہ ٿا ڏين. مصنف چگي طرح سندن حالات کي جاچيو آهي. شيخ عبدالڪريم جي ٻئي فرزند عبدالقادر پنهنجي وڏن بزرگن جي وطن ۾ گهر ۽ خانقاهہ جو ڏيو باريو وينا آهن.

حافظ عبدالڪريم بصير رحمہ اللہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ عبدالمالڪ قاريءَ جا شاگرد آهن قدس سرهما. ستئي قرائتون معہ چوڏهن روايتن جي ۽ قصيدو شاطبيہ معنيٰ سان ۽ انهيءَ طرح جيڪي ان تي وارد آهي بلڪل ياد هئن. سندن قرآن خواني۽ ۾ گهڻو تاثير ۽ دل ربائي هوندي هئي. سندن بينائي اکين جي ڪاراڻ مان گهٽ ٿي دل ۾ هلي وئي هئي. سندن باطن قرآن جي نور سان اهڙو تہ منور هو جو هميشہ گڏ وينلن جي ضمير جون ڳالهيون آيتن جي پردي ۾ ظاهر ڪندا هئا سندن خوابگاه آگري ۾ آهي.

حافظ صاحب جن جا حالات بيان ڪندي هيءَ ڪرامت ياد اچي وئي تہ هجري سنه هڪ هزار چوڏهن هو شاهزادي شاهہ مراد اڪبر شاهہ دکن فتح ڪرڻ لاءِ چڙهائي ڪئي هئي. راقم ب انهيءَ مهم ۾ شامل هو. جڏهن احمد نگر جي

www.maktabah.org

قلعي جو محاصرو ٿي ويو ته معلوم ٿيو ته انهيءَ سرزمين تي هڪ شريف نالي مجذوب مشهور آهي جيڪو زيارت ڪندڙن جا حالات قرآني آيتن جي مضمونن مان ظاهر ڪندو آهي. هڪ ڏينهن فقير مولانا محمد رضا شڪيبي ۽ فصيح البيان انيسي جن جو نالو بويقلي بيگ هو، اسين ٽئي شخص گڏجي مجذوب صاحب جي خدمت ۾ ويا سين سلام جو جواب ڏيندي پاڻ **اِن كُنتُم جُنُبا فَاطهرُوا** ترجمو: اگر تون پاڪ آهين، ته پاڪ ٿي وڃ. آيت پڙهيائون. جڏهن اسين اٿي آياسين ته بويقلي بيگ چيو ته مون کي غسل جي ضرورت آهي توهان جي گهبراهٽ سان اڇٽ ڪري فرصت نه ملي ورنه غسل لاءِ تيار هوس.

مرزا شاهه نقشبنديؒ جي ياد ۾

سندن پير بيعت مولانا خواجگي آهن. پاڻ پنهنجي بخشش سان مال جي گوشمالي ڪندا هئا. ۽ درويشاٽي دل تي مرهر رکندا هئا. سخاوت کي فقر جو سرمايو ڪيو هئائون. ۽ الفقر فخريءَ جي ڏاڪڻ کان وحدت جي عالي شان محل تي چڙهي ويا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا ته مان پنجين پشت ۾ حضرت خواجه بزرگ سان وجي ملان ٿو ۽ انهن جي باطن کان مون فيض ۽ ڪمال حاصل ڪيو آهي. البته ظاهر ۾ هر ارادت مولانا سان ضرور رکان ٿو. هجري سنه نو سؤ اَسيءَ کان ڪجهه مٿي هو جو خاڪ جي منزل تي مقيمن کي خيرباد چئي روحاني پاڪ مقام ڏي روانا ٿيا.

شيخ حسن محمدؒ جي ياد ۾

پاڻ ميان جي احمد جا پٽ آهن. عالم- عارف- عاشق- عابد ۽ پنهنجي ڏاڏي مڪرم شيخ جمال چشتيءَ جا مريد هئا. شيخ نصيرالدين چراغ دهلويءَ قدس سرهُ جي نسل مان آهن. ڇمٽ جي جاءِ ۽ آخري آرامگاه ٻئي احمد آباد آهن. سندن حالات جي روزنامچي جي فهرست هن طرح آهي ته فجر جي نماز پڙهڻ کان پوءِ بغير ناغي جي منجهند تائين تلاوت ۽ رسمي درس ۾ مشغول رهندا هئا. ان کان پوءِ خانقاه جي درويش سان گڏجي ڪجهه کاڏو کائيندا هئا. قيلولي کان پوءِ ظهر نماز ادا ڪندا هئا ان کان پوءِ واعظ ۽ نصيحت جي مجلس شروع ٿي ويندي هئي ۽ عصر نماز تائين رهندي هئي عصر کان پوءِ ورد ۽ دعا

www.maktabah.org

۾ شام تائين مشغول رهندا هئا ۽ مغرب نماز پڙهڻ کان پوءِ ذکر جهر (بلند آواز سان) شروع کندا هئا جيڪو عشا تائين جاري رهندو هو ۽ عشا نماز ادا ڪري حجري ۾ اندر هليا ويندا هئا. نماز انتهائي نياز سان ادا ڪندا هئا. رات جو اڪيلائيءَ ۾ بيدار رهندا هئا. جڏهن صبح جي سفيدي ظاهر ٿيندي هئي تہ پوءِ وري اُهي ئي معمولات از سرنو شروع ڪندا هئا. مطلب تہ هڪ اک ڇنپ جيترو وقت بہ زندگيءَ ۾ بيڪار ضايع نہ ڪندا هئا. هجري سنہ نو سؤ ٻياسيءَ جي شوال مهيني ۾ رحلت جي وقت وصيت ڪيائون تہ عبادت جي زمين درويش سان آشنا آهي مونکي انهيءَ ئي خاڪ ۾ سپرد ڪجو. سندن وڏو فرزند شيخ محمد جنهن ۾ گهٽو ڪري پنهنجي پيءُ بزرگوار واري خوشبو موجود آهي. اڄ تائين سندن جانشين آهي.

شيخ جوئباري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

خواجہ جوباري- جوئبار وحدت جا سرو هئا. ۽ خضر صورت اجايلن لاءِ چشما هئا. بيعت مولانا خواجگيءَ سان هئا. قاسم شيخ جا همعصر هئا. چون تا تہ جيڪو ماڻهو قاسم شيخ جي خدمت ۾ ويندو هو تہ قاسم شيخ پهريائين ان جي ازلي استعداد تي نظر وجهندا هئا. جيڪڏهن اُهو شخص سعادتمندن مان هوندو هو تہ خواجہ جوئباريءَ جي خدمت جي طرف متوجہ ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ طالبانِ خدا جي ڪشائش جي ڪنجي خواجہ جوئباريءَ جي هٿن ۾ ڏني وئي آهي ۽ جيڪڏهن طالب اهڙو نہ هوندو هو تہ دعا ڪري رخصت ڏئي ڇڏيندا هئس. هجري سنہ نو سؤ اَسيءَ ۾ ناسوتي سراءِ کان ملڪوتي گلشن آباد ڏي ڪوچ فرمايائون.

شيخ لهره رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن نالو عبدالرزاق هو. شيخ عبدالفتح مکيءَ جا ننڍا پٽ آهن. ڪمالات جا صاحب ۽ سخي مرد هئا. چون تا تہ هڪ شخص کان ڪنهن ڪر ۾ خيانت ٿي وئي پاڻ نصيحت ڪندي خيانت ڪندڙ کي چيائون تہ اهڙي نالائق ڪر جي تهمت تو چو گوارا ڪئي. هُنَ سندن بابرڪت مٿي تي هٿ رکي ڪوڙو قسم کنيو ۽ چيائين تہ جي هي ڪر مون ڪيو هجي تہ ڪرڻ واري جون اکيون انڊيون ٿي وڃن.

www.maktabah.org

بن هفتن کان وڌيڪ عرصو نہ گذريو هو تہ بغير ڪنهن بهاني يا تڪليف جي نابينائيءَ جي آفت ان جي اکين تي پهچي وئي. جمع جي رات ويهہ جماد الآخر هجري سنہ نو سؤ چوراسيءَ ۾ فنا جي منزل کان بقا ڏي رحلت فرمايائون.

شيخ محمد ابن طاهر نهروالہ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن ذات سان ورع ۽ تقويٰ جي محفلن کي زينت هئي. ۽ ڪتاب و سنت جو نقد امتحان ٿي ويندو هو. حديث ۾ شيخ علي متقيءَ جا شاگرد آهن. ان فن ۾ هڪ بينظير ڪمال حاصل ڪيو هئائون مجمع البحار نالي هڪ مشڪل ڪشا شره احاديث جي صحاح ستہ تي جيڪا آهي اُها سندن ئي قلم جي لکيل آهي. چون ٿا تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ منهنجو استاد پنهنجي وقت جو افضل البشر ۽ خداوند ولايت صديق اڪبر هو. اُهي فرمائيندا هئا تہ مون کان پوءِ تون بہ انهيءَ بلند شان واري درجي تي پهچندين. مهدويہ گروه جيڪو سيد محمد جونپوريءَ جو پيروڪار آهي. هن گروه جي شڪست ڏيڻ ۾ پاڻ پنهنجي استاد وانگر هميشہ ڪوشش ڪندا هئا. هجري سنہ نو سؤ ڇهاسيءَ ۾ اُجين ۽ سارنگ پور مالوه جي وڃ ۾ هڪ جماعت رستي ويندي سندن متان اچي ڪڙڪي ۽ کين شهيد ڪري ڇڏيائين.

هڪ واقعي جي شروعات ۽ پچاڻي هن طرح آهي تہ بوهرن جو گروه سندن هم قوم هئا. پاڻ واعدو ڪيو هئائون تہ جيستائين بوهره قوم جي پيشاني ۽ دل مان تشيع ۽ بدعت جي ڪاراڻ سنت جي آب زم زم جي تلقين سان نہ ڏوئيندس تيستائين متي تي پگ نہ ٻڌندس. جڏهن هجري سنہ نو سؤ اَسيءَ ۾ بادشاهہ زمانہ اڪبر شاه گجرات فتح ڪيو ۽ نهروالہ ۾ شيخ سان ملاقات ڪيائين تہ بادشاه پنهنجي هٿ سان سندن متي تي پگ ٻڌي ۽ چيائين تہ مون توهان جي پگڙي نہ ٻڌڻ جو سبب ٻڌو آهي ۽ انهيءَ ڏهني صورت جو ظاهر ۾ ظهور واليءَ زمانہ جي امداد ۽ دستگيريءَ تي موقوف آهي ۽ هاڻي انهيءَ سراپا خير تي عمل ڪرڻ منهنجي ذمي لازم آهي. جيئن تہ صوبو گجرات ۽ دارالخلافہ احمد آباد جي حڪومت انهن ڏينهن ۾ نواب مستطاب خان اعظم ميرزا عزيز ڪُوڪہ جي نالي تي ٿيل هئي. انهيءَ سبب ڪري نواب صاحب جي

www.maktabah.org

مدد جي ڪري انهيءَ قوم جي گمراهي ۽ ڪج رفتاريءَ جون گهڻيون رسمون بنياد کان اکڙي ويون. ليڪن تاج جي صاحب کي پنهنجي محفل مان خان اعظم جي جدائي پسند نہ هئي. لهذا شهنشاهه نواب صاحب کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو ۽ وڏن امين مان هڪ ايراني باشندي کي ذڪر ڪيل صوبو جاگير ۾ ڏئي ڇڏيو. پوءِ ڇا ٿيو جو هن جماعت بنا دير جي نئين جاگير سان مخفي طور موافقت پيدا ڪري سنت جي راه کان انحراف ڪيو. هيءَ حالت ڏسي شيخ مٿي تان پگ ڪولي ڇڏي ۽ دارالسلطنت آگري ڏي وڃڻ جو عزم ڪيو. انهيءَ خيال سان تہ حضور ۾ وڃي پيش آيل واقعات عرض ڪندس. اُستادي شيخ وجيہ الدين احمد آبادیءَ جي خدمت ۾ پهچي سڄو احوال پيش ڪيو. استادي وجيہ الدين انهيءَ عزم کان منع فرمائي عزم کي ختم ڪرڻ لاءِ فرمايائون. مگر جيڪو شخص سفر جي واسطي بلڪل تيار هجي. جيئن تہ ان کي صاف طريقي سان باز رکڻ عوام جي نزديڪ مبارڪ نہ هوندو آهي لهذا انهيءَ قاعدي جي موافق پاڻ هن طرح اها ڳالهہ ٻڌائي:

"گرامي برادر جي حقيقت شناس ضمير کي چڱي طرح معلوم آهي تہ هن نظر ۽ نسق سان جيڪا عالم جي ڪارخاني جي آفرينش ٿي آهي ان جو سبب هي آهي تہ اسمائي ڪمالات جو اظهار جمالي ۽ جلالي مظاهر سان ٻڌل آهي ۽ پنهنجي مربيءَ جي آثار ۽ احڪام جي طرز تي هر هڪ اسم جي مظهر جي ڪجهہ رفتار آهي. اها ئي رفتار هن جي لاءِ صراط المستقيم آهي. گو ان جي مقابل تي نظر ڪري اُها رفتار مخالف ۽ منحرف معلوم ٿيندي هجي ۽ انهيءَ مقام تي هر موسيٰ کي پنهنجي فرعون سان آشتي رکڻ گهرجي.

واضع هجي تہ صراط المستقيم حقيقت شناس مفسرن وٽ بن قسمن جي آهي هڪ ايجابي ۽ بي ايجادي. قرآن مجيد ۾ صراط المستقيم جو ذڪر جتي بہ بلفظ نکره نازل ٿيو آهي اُتي گهٽو ڪري مراد ايجادي آهي ۽ جنهن آيت ۾ لفظ معرفہ وارد ٿيو آهي اتي گهٽو ڪري مقصد ايجابي آهي.

بي هيءَ ڳالهہ آهي تہ انسان جيڪو عالم ڪبير جو نمونو آهي ان جي عنصري پيڪر مان دقيقہ شناس شخص هيءَ عبرت چو نہ ٿو حاصل ڪري تہ ان جي هستيءَ انهيءَ بندوبست ۽ متعارف اعتدال سان ڪجهہ لطيف ۽ ڪثيف

www.maktabah.org

عضون تي ٻڌل آهي. ان ڪري ڪنهن ۾ ڪثيف عضوي ڪي ڪابہ تڪليف پهچي وجي تہ سڄي بدن جي باغيچي جي تازگيءَ ۾ تڪليف ظاهر ٿيندي.

هاڻي منهنجا پيارا ياڻ سياست فراست جي ڳالهہ نہ آهي ۽ حق سان مشغول هجڻ ئي زيبا آهي نہ خلق سان. ڇو تہ هي زمانو خاموشي ۽ گهرن ۾ ويهڻ جو آهي.

استادي شيخ وجيہ الدين ڇڻ تہ ڪين فهمائش ڪئي ليڪن تعصب جو بنياد استحڪام سان قائم هو ان ڪري هن کي نصيحت قبول نہ ڪيائون ۽ جيڪو سفر دل ۾ ڪري نڪتا هئا ان ڏي هلڻ لڳا. پوءِ تہ رستي ۾ پيش آيو جيڪي پيش اچڻو هئن. مقصد جو خلاصو هي تہ سندن پاڻ شيخ نور محمد سندن تابوت کي مالوه کان نهروالہ ڪڍي ويو ۽ آبائي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيائين.

سيد عبدالله آنندي ملتاني رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

ڪين ايزدي توفيق جي بدولت- تعلقات جي بار کان سبڪدوشي حاصل ڪري آزادي ۽ فارغ البالي جي حضور ۾ باريابي حاصل ٿي هئي. سندن حالات جو ڪجهہ بيان هن طرح آهي ڪين داڻي پاڻيءَ جي ڪشش سلطان محمود خرد جي زماني ۾ پيدائش واري هنڌ کان گجرات ڏي ڇڪي آئي. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پاڻ مناسب سمجهي سيد مبارڪ بخاريءَ جي خدمت اختيار ڪئي ۽ نوڪري ڪرڻ لڳا. سيد مبارڪ بخاري جلال الاولياءَ مخدوم جهانيان جي نسل مان آهن جيڪو مالوه جي حاڪم جي اميرن مان هو. جڏهن سندن مخدوم سيد مبارڪ جي عمر جو زمانو آخر ٿيو تہ نوڪري ۽ سپاهگيريءَ جو خيال پاڻ بلڪل لاهي ڇڏيائون. سندن خيال ۾ هاڻي اميرن جي ملازمت جي ڪا حقيقت ڪانہ هئي. هڪ ڏينهن وڏي غم ۾ هئا پنهنجي مزاج شناس گهر واريءَ کان پڇائون تہ معاش جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪهڙو حيلو ڪرڻ گهرجي. گهر واريءَ هيءَ راءِ ڏني تہ سپاهيانہ طريقو ترڪ ڪري بينوا درويشن جي حلقي ۾ داخل ٿي وڃڻ گهرجي. هن کي ٻين لفظن ۾ ائين ئي چئجي تہ همٽ جي هٽ سان فقر اختيار ڪرڻ جو سندرو سيد جي چيلهہ ۾ ٻڌي ڇڏيائين ۽ سندن بيقرار دل کي تسلي ڏئي مطمئن

www.maktabah.org

ڪيائين. ان کان پوءِ ٻنهين جي راءِ اها ٿي ته هتان ڪنهن ٻئي هنڌ هلي رهڻ ڪپي. ڪاڏي ائين ئي نه ٿئي ته هتي ننگ ۽ ناموس جو خيال پيدا ٿئي ۽ فقر جي نئين قائم ڪيل بنياد کي پاڙ کان پٽي ڪڍي. پوءِ گجرات کان مالوه روانه ٿيا ۽ هڪ ڳوٺ بنزير نالي آهي جنهن کي مالوه جي مقامات جو بهشت چئجي. انهيءَ ڳوٺ جي تلاءُ وٽ رهڻ شروع ڪيائون ۽ توڪل ۽ تسليم جا عادي ٿي ڪيترا سال سڻي وقت سان گذاريائون. جيئن ته هي ڳوٺ اڇڻ وڃڻ وارن جي عين وچ ۾ آهي ان ڪري سندن گهر مهمانن کان خالي نه رهندو هو. مصنف به ڪڏهن منڊو (مانڊوءَ) کان عزيزن اُجين جي ديدار لاءِ ويندو هو ته هڪ ڏينهن سندن بافيض صحبت ۾ قيام ڪندو هو. گهٽائي محبت ۽ مهمان نوازيءَ جون رسمون ادا ٿيندیون هيون ۽ ايزدي معرفت جي صفائي ۽ وجدان جي ڪيفيت جي روشنيءَ سان معنوي ذيافت ۾ فرمائيندا هئا. مطلب ته جيستائين سندن زندگي رهي تيستائين جاگيردارن کان وظيفي جي صورت ۾ ڪڏهن هڪ درهم به قبول نه ڪيائون. ۽ آسماني روزيءَ تي شاڪر ۽ قانع رهيا. ڪين آنندي انهيءَ ڪري چوندا آهن جو هميشه شگفته منهن ۽ خوش دل رهندا هئا. آنند هندي زبان ۾ خوشيءَ کي چوندا آهن. هجري سنه نو سؤ نوي ۾ عالم قدس ڏي رحلت فرمائي اتي ئي خوابگاه اختيار ڪيائون جتي زندگيءَ ۾ رهندا هئا.

فقير علي رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن پيدائش جي جاءِ ماهم ڪيلمي آهي ۽ آخري آرامگاه بندر سورت آهي. جيڪو گجرات جي پرڳڻن مان آهي. چون ٿا ته درسي ڪتاب تحصيل ڪرڻ ڪانپوءِ پڙهائيندا هئا. اڪثر درياه جي ڪناري تي رهڻ وارا سندن شاگرد هئا. چون ٿا ته ڏهين صديءَ جي چوٽين حصي ۾ عالم صورت ڪان حقيقي عالم ڏي روانه ٿيا.

قاضي عبدالقادر بن علي رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ ميان جي چشتي مندويءَ جي روضي تي مجاور هئا. رسمي علمن کان گهڻي قدر آگاه هئا. قرائت سڻي ڄاڻندا هئا. ڪجهه جريب ٻني ڳوٺ ڪاتا ۾

www.maktabah.org

کندا هئا. جيکو ديپال جي ويجهو آهي ۽ ديپال پور منڊو (ماندوءَ) کان اُجين جي عين رستي تي واقع آهي. گهر بہ انهيءَ ڳوٺ ۾ ناهيو هئائون. ٻنيءَ مان جيکي ڪجھ حاصل ٿيندو هئن ان کي اچڻ وڃڻ وارن جي ميزبانيءَ تي خرچ ڪندا هئا. آخري سفر تي وڃڻ کان چوڏهن ڏينهن اڳ کين خبر پئي هئي. سفر جو سامان ڪيائون ۽ چيائون تہ بس هاڻي هيءَ زندگي باقي رهي آهي. اٺين شعبان هجري سنہ نو سؤ چوراسيءَ تي گذاري ويا. کين پنج پٽ ۽ هڪ نياڻي هئي. قطب الدين- عزيزالله- موسيٰ- حسن- عائشہ ۽ شرف جهان. پهرئين پٽ دل ماٺهن کان ٽوڙي خدا سان جوڙي درويشيءَ ۾ پيءُ جو جانشين ٿيو ۽ ٻيو پٽ قضا جي ڪم ۾ پيءُ وانگر مشهور ٿيو ۽ جوانيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويو. ٽيهن سالن کان ڪجھ مٿي قضا جي منصب جي نگراني سڻي ڪيائين. تاريخ ويهين شعبان هجري سنہ هڪ هزار نَوَ ۾ اجل جي گهري ننڊ ۾ وڃي سمهيو. هاڻي موسيٰ هٿ پير هڻي پيو ۽ حسن حسرت ٿو ڪري. عائشہ جوانيءَ ۾ ئي بيوه ٿي وئي. بيوه ٿيڻ کان پوءِ هن پنهنجي زندگيءَ ۾ مڙس جي خدمت کي خالق جي بندگيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ نہ ڏنو ۽ مردانہ وار زندگي گذاريائين. هجري سنہ هڪ هزار ويهن ۾ هي بہ فاني دنيا کي ڇڏي ويو.

شيخ نجم الدين رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن نالو چايلده آهي. عزيزالحق جا وڏا خليفا آهن. دهليءَ جي هڪ ڳوٺ نالي سهنہ ۾ گهر هئن. پاڻ رياضت جي درياهہ ۾ ٻڏل ۽ مجاهدي جي باهہ ۾ پگهريل هئا. گهڻن ئي رياضتن وارن سندن خدمت مان فائدو حاصل ڪيو.

خواجہ محمد عبدالله رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ خواجہ جا خواجہ مشهور آهن. سندن بزرگوار والد جو نالو خواجہ ناصرالدين عبدالله آهي جيکو خواجہ احرار جي نالي مشهور آهي. ظاهري علم ۽ معنوي ڪشف سان سندن ظاهر ۽ باطن ٻئي آراستہ هئا. ان جي باوجود جو کين ڪمالات حاصل هئا. پنهنجي حقيقت شناس نظر سان شريعت جي آداب ۽

www.maktabah.org

طريقت جي هر هڪ دقيقي جو لحاظ نظر ۾ رکندا هئا ۽ پنهنجي جسم ۽ جان کي فروگذاشت جي اجازت نہ ڏيندا هئا. سندن ڏاڏو چئن واسطن سان حضرت بابا ماچين کي پهچن ٿا. چون ٿا تہ خواجہ احرارالاولياءَ سان سلطان ابوسعيد مرزا کي عقيدت هئي لهذا انهيءَ کين نهايت خواهش- آداب ۽ خدمت گذاريءَ سان تاشقند کان استدعا ڪري سمرقند ۾ رهڻ لاءِ طلب ڪيو هو. خواجہ احرارالاولياءالتماس کي قبول ڪرڻ مروت سمجهي ۽ سمرقند ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي هن قصي جو تفصيل سميت تقريبات جي ڪتاب رشحات ۾ لکيل آهي. خدا ڪري شوقينن کي ڏسڻ نصيب ٿئي.

چون ٿا تہ انهيءَ عرصي ۾ مير تقي الدين محمد سان سهري ۽ نائي ٿيڻ جي نسبت ٻنهين طرفن کان ٿي وئي يعني خواجہ احرارالاولياءپنهنجي صبيہ عزيزه جي نسبت مير جي فرزند امير عبدالله امام سان ڪئي ۽ مير جي صبيہ جو عقد پنهنجي وڏي پٽ سان ڪيائين. چون ٿا تہ مير جي نياڻيءَ مان ٽي پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون جن جا نالا هي آهن. خواجہ عبدالهادي- خواجہ خاوند محمود- خواجہ عبدالحق- محبوبہ سلطانہ بيگم- زينت سلطانہ بيگم. جڏهن مير جي هستيءَ جي منهن کي فنا جي برقعي لکايو تہ خواجہ احرارالاولياء پنهنجي پٽ جو عقد خواجہ نظام الدين جي نياڻيءَ سان ڪيو. خواجہ نظام الدين- خواجہ عصام الدين- شيخ الاسلام جو پاءُ ۽ صاحب هدايہ فقہ جي اولاد مان آهن. هنن جو ڪرسي نامون هن طرح آهي. نظام الدين ابن خواجہ عبدالملک ابن خواجہ عماد الدين ابن خواجہ جلال الدين محمد ابن مولانا زين الدين عبدالرحيم ابن مولانا برهان الدين علي مصنف هدايہ- انهيءَ نياڻيءَ مان ٻہ ٽي پٽ ۽ ٻہ نياڻيون پيدا ٿيون. خواجہ عبدالعليم- خواجہ عبدالشهيد- خواجہ ابوالفيض- ڪلان بيگم- خانزاده بيگم. ان کان علاوه ٻہ هڪ گهر واري هئن جنهن مان هڪ پٽ خواجہ محمد يوسف هو.

جيئن تہ خواجہ جي خواجہ پنهنجي والده ماجده جي وفات کان پوءِ والد بزرگوار جي اجازت ۽ خوشي سان محلہ درسن ۾ عبادت خانو ۽ رهڻ لاءِ گهر تجويز ڪيو هو. خواجہ احرارالاولياءجي خدمت ۾ اتان مقرر وقت ۾ ئي اچڻ ٿيندو هو. خواجہ احرارالاولياءساڻن ڪمال مهرباني سان بلڪ اعزاز سان سلوڪ فرمائيندا هئا. پيءُ ۽ پٽ وانگر برتاءُ نہ ڪندا هئا بلڪ پٽ جي عزت

www.maktabah.org

گھٹو وڌيڪ ڪندا هئا. مولانا علي صفي رشحات ۾ لکي ٿو:

"هڪ ڏينهن مان سندن خدمت ۾ بمحلہ درسن وينو هئس. هڪ تقريب مان آيت ڪريمہ **يانَارُ كُونِي بَرْدًا وَّسَلَامًا عَلَىٰ اِبْرَاهِيْمَ** جي تفسير جو ذڪر نڪتو تہ پاڻ ظاهري ۽ باطني عالمن جا گهڻا اقوال ۽ عمده تقريرون بيان ڪيائون ۽ حڪيمن جيڪا اها تاويل ڪئي آهي تہ باهہ مان مراد نمرود جي غضب جي آتش ۽ تڏي ٽيڙ مان مراد غضب جو شعلو ٽڏو ٽيڙ آهي. انهيءَ تاويل جي روشنيءَ ۾ معقول ۽ حڪيمانہ دليلن سان ثابت ڪيائون تہ اُها باهہ عنصري باه هئي ۽ تڏاڻ ان جي ماهيت تي حائل ٿي".

هڪ هدايتي فرمان جنهن ۾ والد بزرگوار ڪين تلقين فرمائي آهي هي آهي تہ:-

"فرزند نورچشم توکي اهڙي همٽ رکڻ گهرجي تہ جڻ جن ڳالهين جون ڇاڻ تنهنجي مٿان فرض آهي ۽ جن کان بغير قطعاً ممڪن نہ آهي. جيئن اعتقاد صحيح رکڻ ۽ علم جو ۽ احڪام الاهيءَ جو ڇاڻ انهن ڳالهين کان تون جلد پاڻ کي فارغ ڪري وٺ ۽ ظاهري و باطني دائمي ۽ عبادت ۾ مشغول ٿي وڃ انهيءَ اميد تي تہ حق سبحانہٗ و تعاليٰ تنهنجي دل مان پنهنجي غير جو اعتبار- تعظيم ۽ ڏسڻ دوري ڪري توکي هر وقت انهن ڪمن ۾ مشغول ڪري ڇڏي جيڪي تو مان مقصود اٿس. خداوندا جن صاحبن کي تو محض پنهنجي عنايت سان پنهنجي غير جي اعتبار- تعظيم ۽ ڏسڻ کان نجات ڏني آهي انهن صاحبن جي قرب جي طفيل حقير ۽ ضعيف بنده زادي کي جنهن جي لاءِ تنهنجي عنايت- رافت ۽ رحمت کان سواءِ ڪا اميد جي جاءِ ڪانهي. سيني گرفتارين کان ڇوٽڪارو عطا فرماءِ."

سندن حالات جو بيان مختصراً هن طرح آهي تہ جنهن شاهہ بيگ خان جو تسلط ۽ ظهور ٿي ويو هو تہ پاڻ ماڻهن جي آثارن ۽ طور طريقن مان زماني جي تباهي معلوم ڪري پنهنجي وطن کان بحڪم: **الفرار ممالا يطاق من سنن المرسلين** (جن تڪليفن کي برداشت ڪرڻ جي طاقت نہ هجي، انهن کان پڇڻ رسولن جي سنت آهي) اندجان جي طرف هجرت فرمائي ويا. پر انهيءَ جاءِ کي بہ سندن طبيعت پسند نہ ڪيو ان ڪري جلدي عالم فردوس ڏي وڃڻ لاءِ آخرين سفر جو سامان ٻڌائون. سندن نعش کي ماڻهن انهيءَ ملڪ کان تاشقند شهر ڏي آڻي سندن والده ماجده جي قبر جي پاسي ۾ دفن ڪيو.

www.maktabah.org

انجمن فرزندان خواجہ محمد عبداللہ رحمۃ اللہ علیہ

خواجہ عبدالهادي: پاڻ همٽ ۾ فطرت ۾ درياه وانگر فياض ۽ بخشش ۾ بادل وانگر باهمٽ هئا. فقر ۽ تجريد ۾ خزان نما شاخ جي شڪل ۽ حقائق ۽ معارف بيان ڪرڻ ۾ پُر بهار نوجوان وڻ جهڙي صورت رکندا هئا. جد امجد يعني خواجہ احرارالاوليا جي زندگيءَ ۾ ئي کين حجاز جي سفر جي توفيق ٿي هئي. حرمين شريفين زادهما الله شرفاً جي ارکانن کان فارغ ٿيڻ بعد روم ۽ شام جي زمين ۾ بحڪم **سِيْرُوا فِي الْارض** هليا ويا. جيڪو قدم رکيائون آگاهي ۽ عبرت سان رکيائون ۽ انهيءَ طرف جي سلطانن ۽ حاڪمن سان صحبت ۽ مجلسون ڪرڻ جا ڪيترا دفعا اتفاق ٿيو. هميشہ خواجہ جي طرفان برتاؤ ڪرڻ ۾ ۽ ڪلام ڪرڻ ۾ گهٽو وقار ۽ بي نيازي نظر آئي. ڪنهن وڏي دولت مند جي طرف کان تورو ڪجهہ نقد يا جنس بہ نذر يا سوغات جي طور تي پاڻ قبول نہ ڪيائون. بلڪ جيڪو بہ خدمت لاءِ ايندو هو هر هڪ سان ان جي مناسبت جي لحاظ سان برتاؤ ڪندا هئا. روم جي طرفان ٽيڪس سيني تاجرن تان معاف ڪرائي ڇڏيائون ۽ بزرگانِ دين ۽ ملت اسلاميہ جي پيروڪارن سان ملاقات ڪري فيضياب ٿيا. چون ٿا تہ حقائق پناهي مولانا نورالدين جاميءَ سندن سير و سلوڪ جي روش ۽ سفر و حضر جو طريقو پسند ڪيو هو. جڏهن تقريب ٿيندي هئي تہ تعريف ڪندا هئا جڏهن پاڻ ذڪر ڪيل سفر کان واپس پنهنجي وطن ۾ خواجہ احرارالاولياءَ جي قدم بوسي ڪيائون تہ خواجہ احرارالاوليا ڪارندن کي حڪم ڏنو تہ ہر لک آسي هزار مثقال جيڪي سفر جي دوران خواجہ عبدالهاديءَ ماڻهن کان قرض ونڌي ضروري ۽ شرعي مصارف ۾ خرچ ڪيو آهي. اُهي قرض ڏيندڙ کي فوراً ادا ڪيا وڃن ڇو تہ هن فرزند دور دراز ملڪن ۾ اسان جي درويشي ۽ خواجگيءَ جي ننگ ۽ ناموس جي ڪامل طرح نگهباني ڪئي آهي. خواجہ عبدالهاديءَ جا ہ پٽ هئا. خواجہ عبدالڪافي ۽ خواجہ قاسم پهريون پٽ بلند همٽ- بلند فطرت- شجاعت جو صاحب ۽ اهل ڪرم هو جنت آشياني همايون شاهہ تيموريءَ جي خدمت ۾ هئو. جنگ خوشاب ۾ تير لڳڻ سان پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو. ٻئي فرزند کي حرمين شريفين جي زيارت

www.maktabah.org

جي توفيق ٿي. جيڪا عمر باقي بچن سا عبادت ۾ رياضت ۾ گذاري ڇڏيائون. روم وغيره ۾ هلي ڦري جيڪي به اولياءَ زنده يا آسوده هئا انهن جي قلبن ۾ قبرن جي زيارت کان مشرف ٿيا. مولوي اسماعيل شيرواني، خواجہ احرارالاولياء جا بزرگ خليفا صاحب کرامات ۽ مقامات هئا ۽ اهل علم ۽ معاملات هئا. سندن خدمت ۾ پاڻ بيعت جي رسم ادا ڪري رابطي جي تلقين سان پنهنجي باطن ۾ صفائي پهچايائون. ليڪن پنهنجي نسبت ۽ نسل جي حقيقت مولانا جي خدمت ۾ لکل رکيائون. ڪافي عرصي کان پوءِ فرمايائون ته مان خواجہ عبدالهاديءَ جو فرزند آهيان. جڏهن مولانا اسماعيل عالم ارواح ڏي ڪوچ فرمائي ويا ۽ مخدوم خواجہ محي الدين عبدالحق مکي معظمہ ۾ آيا ته خواجہ قاسم پنهنجي چاچي سائين جي خدمت ۾ تجديد بيعت ڪئي ۽ سندن اولاد مکي معظمہ ۾ هئي.

خواجہ خاوند محمود: پاڻ خواجہ محمد عبدالله جا ٻيو نمبر پٽ هئا. شهاب الدين سندن لقب آهي. ظاهري علم ۽ باطني بصيرت سان آراسته هجڻ سان گڏ منزلن ۽ مقامات جا صاحب هئا. سندن جذبو سلوڪ سان مليل هو. ڪين طريقت جي تلقين سان ۽ پنهنجي ڏاڏي بزرگوار جي دعا سان گهٽو ڪجهہ فيض حاصل ٿيو هو. حجاز جي سفر جي سعادت ۽ حج و عمري جي دولت سان ٻہ دفعا مشرف ٿيا هئا. اصحاب حجاز جي قبرن جي زيارت سان ۽ انهن جي قلبن جي قبول سان پنهنجو باطن منور ڪيو هئائون. حقائق پناهي مولانا عبدالرحمن جامي ۽ حلال و دقائق ۽ ڪشاف حقائق مولانا جلال دوانيءَ جي خدمت مان درسي علوم حاصل ڪيا هئائون. علم طب ۾ رئيس الاطباء مولانا عمادالدين محمود جا شاگرد آهن. هن باب ۾ مسيحائي اعجاز سندن خدمتن مان نمايان هو. اهل تصوف جي قولن جي شرح ڪرڻ ۾ سندن زبان اهل زمانہ جي نفس ناطقہ کي حقيقت گوئي سيکاريندي هئي. هند جي فتح ڪانپوءِ پاڻ دهليءَ ۾ آيا. جنت آشيانيءَ مناسب ارادت ۽ عزت سان پيش اچي اخلاص جو اظهار ڪيو. سندن ٽي فرزند هئا. خواجہ نورالدين- خواجہ جلال الدين- قاسم- خواجہ معين الدين. پهريون پٽ درويش سيرت- فقير دوست- غريب پرور هو. ٻئي پٽ کي جذب- استغراق- ڪرامتون ۽ سنجيده حالتون حاصل هيون. هن گروه جي باعرفان اقوالن جي حقيقت کي چگي طرح پهتل هئا. جڏهن سندن

www.maktabah.org

بيان مان گوهر فشائي ٿيندي هئي ته زماني وارن جا ڪَنَ حقائق ۽ معارف جي موتين سان پرجي ويندا هئا. حالانڪ پاڻ رحلت هندستان ۾ ڪيائون ليڪن سندن لاش مبارڪ ابن ڏاڏن جي مزارن وٽ سمرقند پهچائي وئي. ٽئين فرزند کي جاه وجلال مال ۽ حال ۽ بخشش ۽ بخشائش سڀ ڪجهه حاصل هو. پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ يعقوبي ۽ يوسفي معاملو رهندو هو. هميشه سفر ۽ حضر ۾ گڏ رهندا هئا. ڪين طريقت جي تلقين پيءُ کان ئي مليل هئي. مرزا شرف الدين حسين سندن ئي فرزند آهي. هند ۾ خلافت پناهي اڪبر شاه ابن همايون شاه تيموريءَ جي ملازمت ۾ مرزا جو ستارو شهنشاهي عنايت جي آفتاب سان سعادت جي شرف کي پهتو هو. هنن جي حق ۾ رعايت ڪئي وئي جو دولت جي وڏي درجي کي پهتا. مرزا جي والد بزرگوار ڪاشغر کان خانه ڪعبه جي طواف جو ارادو ڪري عبدالرشيد خان والي نواح ڪاشغر کان رخصت ورتي هئي. رخصت وٺي هند ۾ آيا. خلافت دستگاه خلائق پناه عرش آستانيءَ مرزا جي پيءُ جي آمد کي غنيمت سمجهو. انهيءَ عرصي ۾ حاسد ۽ ڪوتاهه نظرن جي شرارت سبب سلطان جي دل ۾ مرزا کي هن ڳالهه جي خبر پئي ته پير اڪڙي وئن ۽ راءِ ۾ استحڪام نه رهين. پنهنجي جاگير ڏي وڃڻ لاءِ رخصت ورتائون ۽ اهو بهانو ڪري دارالسلطنت کان علحدگي اختيار ڪيائون. مرزا جي جاگير گجرات جي آس پاس هئي. لهذا گجرات جي سرحد ۾ پهتا. خلافت پناهه خواجه جي ادب ۽ رعايت کان باز نه آيو. خواجه ڪجهه ڏينهن ته پريشانيءَ ۾ گذاريا ليڪن بعد ۾ حجاز جو سفر اختيار ڪيائون. جڏهن خواجه بندر جي نزديڪ پهتا ته رب العزت جو فرمان صادر ٿيو جنهن کي قبول ڪري خواجه سفر اختيار ڪيو. ماڻهن سندن لاش کي مختلف قسمن جي قيمتي عطرن سان خوشبودار ڪري هڪ صندوق ۾ رکي جهاز ۾ روانه ڪيو. جهاز اڃا ٿورو مفاصلو به نه هليو ته ٻڏي ويو.

خواجه عبدالحق: سندن لقب محي الدين آهي. پاڻ خواجه محمد عبدالله جا ٽيون نمبر فرزند آهن قدس الله اسرارهم. سندن ظاهر گهڻن پسنديده آثارن سان آراسته ۽ سندن باطن معرفت ۽ الاهي تجليات جي انوارن سان پيراسته هو. پاڻ خواجه احرارالاولياءکان بلا توسط باطني سبق ورتو هو ۽ طريقت جي تلقين حاصل ڪئي هئي ۽ انهيءَ ذريعي سان ڪمال ۽ تڪميل کي پهتا هئا. هن

www.maktabah.org

اجمال جو تفسير هي آهي ته هڪ ڏينهن خواجہ احرارالاولياءسمرقند کان باغ بايزيد جي سير ڪرڻ جو ارادو ڪيو. کين چيائون ته تون اسان سان گڏ باغ ۾ هَلُ. پاڻ عرض ڪيائون ته مون اڃان تائين سبق نہ پڙهيو آهي. خواجہ فرمايو ته اڄ سبق اسين توکي پڙهائينداسين. مطلب ته انهيءَ ڏينهن سبق جي عيوض هن مضمون کي لکي سندن حوالي ڪيائون:

فرزند نورچشم (1) پنهنجي سڄي همٽ کي هن طرح رکجانءِ جو تنهنجي دل ۾ حق سبحانہُ کان سواءِ ٻي ڪابہ خواهش نہ هجي (2) حق سبحانہُ کان سواءِ جيڪا بہ شيءِ تنهنجي دل کي پاڻ ڏي متوجہ ڪري ته لا الہ الا اللہ چئي ان شيءِ کي دل کان پري ڪجانءِ. ۽ هيئن ڪجانءِ ته انهيءَ شيءِ کي پنهنجو دشمن سمجهہ (3) هميشہ حق سبحانہُ کان نهايت نياز ۽ انڪساريءَ سان هي طلب ڪجانءِ ته هو پاڻ کان سواءِ ڪنهن بہ شيءِ ۾ توکي نہ ڳاسائي (4) پاڪائيءَ سان طهارت ڪجانءِ ۽ اڪيلائيءَ ۾ نماز پڙهجانءِ. زمين تي سر رکي حق سبحانہُ کان هيءَ دعا گهرجانءِ ته هو پنهنجي خاص بندن جي دل ۾ تنهنجي محبت پيدا ڪري ۽ انهيءَ ڪانسواءِ ڪنهن بيءَ شيءِ ۾ سعادت نہ سمجهجان ته حق سبحانہُ جا خاص ٻانها پنهنجي دل ۾ توکي جڳهہ ڏئي حق سبحانہُ کان اِهو چاهين ته هنن جي محبت تنهنجي دل ۾ گهر ڪري.

پاڻ بہ هندستان فتح ٽيڻ کان پوءِ جنت آشيانيءَ جي خدمت ۾ آيا هئا. مرزا ڪامران سندن ئي مريد هو. خطن ۾ جيڪو سوال جواب جنت آشيانيءَ سان ٿيو آهي. اهو ڪجهہ مير عبدالحي جي ڪتاب "جمع" ۾ لکيل آهي. گهٽو ڪري سندن عمر جو حصو ڪمزوري- مٽي جي سور ۽ ڪنگهہ جي مرض ۾ گذريو آهي. ايتري ڪمزوري ۽ بيماريءَ جي باوجود نفل عبادات جي ادا ڪرڻ ۾ خواهہ سفر هجي يا حضر ڪمال جي چستي- چالاڪي ۽ توانائي ڪم آڻيندا هئا. ايتري قدر جو سندن ڪمن ۾ ڪنهن مستحب جو بہ ترڪ نظر نہ آيو. چون ٿا تہ جڏهن کين آخري غسل ڏنو پئي ويو ته ان وقت مولانا مصطفيٰ رومي فرمايو ته هن کان وڏي ٻي ڪهڙي وڏي ڪرامت هوندي جو جسم هيتري لاغري ۽ ڪمزوريءَ جي باوجود آخري سفر جي وقت تائين پنهنجي ڪنهن بہ عبادت يا رياضت ۾ سستي نہ ڪئي. حرمين شريفين جي زيارت جي توفيق ٽي ته ٻنهين

www.maktabah.org

مقدس جڳهين تي اڪابرن ۽ فقيرن جي عمدي خدمت ۽ نذر ۽ نياز جو انتظام ڪيائون. فرمائيندا هئا ته جڏهن مڪي معظمه ۾ حرم شريف ۾ طواف لاءِ ويندو هئس ته جنهن کي اڻ بهشتن جو نمونو چوڻ گهرجي ته اتان جي خادمن جي طرف کان ناهمواريون ۽ بي ادبيون ڏسڻ ۾ ايندیون هيون. ۽ اهو ڏسي دل ۾ خلش ٿيندي هئي. ته اهڙن مقدس مقامات جا خادم گهٽو شائسته هئڻ گهرجن. هيءَ ڪنڊن جهڙي کهٽڪ هميشه دل کي زخمي رکندي هئي. هڪ رات طواف ڪندي ڪجهه خلوت ۽ فرصت نصيب ٿي ته هڪدم ڪَنَ ۾ هڪ آواز آيو ۽ ڪنڌ تي هٿ رکڻ جو به احساس ٿيو آواز جو مضمون هي هو ته هن جماعت جا ماڻهو اسان جي درگاه جا خانواده آهن. اعتراض ڪرڻ جي بجاءِ اعزاز ڪرڻ بهتر آهي. هي ٻڌندي ئي طبيعت مان تشويش بلڪل رفع ٿي وئي ۽ سڀ عضوا ۽ حواس تواضع ۽ فرمانبرداريءَ ڏي متوجه ٿي ويا.

غوثي: هن واقعه مان اها سند ملي ته بارگاه ۾ جيڪي خدام حاضر رهندا آهن. انهن سان پنهنجي معاملات ۽ حقوق ۾ مروت ڪرڻ گهرجي. قاضيءَ جي حڪم ۽ مفتيءَ جي فتويٰ تي نظر نه رکڻ گهرجي جو ته جرم معاف ۽ پنهنجو حق ساقط ڪرڻ جائز آهي.

خواجه عبدالعليم: پاڻ خواجه محمد عبدالله جا چوٿين نمبر جا فرزند هئا. سندس صورت ۽ سيرت بلڪل پنهنجي والد بزرگوار وانگر هئي. والدين شريفين ۽ برادران مڪرم جي خدمت ۾ حقوق جي ادائگيءَ ۾ گهٽي ڪوشش ڪندا هئا. پنهنجن ڪمن کي ڇڏي بين جي مشڪل معاملن کي حل ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويندا هئا. بيڪسن جون حاجتون پوريون ڪرڻ لاءِ وڃڻ- گرمي- سردي- سفر ۽ حضر کي خيال ۾ نه آڻي ڏينهن رات مشغول رهندا هئا.

خواجه محي الدين عبدالحق فرمائيندا هئا ته برادرم عبدالعليم خواجن جي خاندان ۾ مضبوط جبل ۽ ثابت قطب جي مثل آهن. هن جي ڪمن ۾ تردد ۽ تنزل کي دخل ڪونهي ۽ سندن پسنديده صفتون- ڳٽڻ ڪان گهٽيون آهن. جڏهن شاهه بيگ خان جي لڙائيءَ جي سبب هن خانوادي جي درويشن ۽ فقيرن کي درماندگيءَ جون تڪليفون آيون ته کين هي حالتون ڏسڻ ۽ برداشت ڪرڻ کان ٻاهر ٿي ويون. لاچار ڪاشغر جي سفر جو ارادو ڪيائون ۽ جيڪي عمر جا ٻه ٽي سال باقي هئن اُهي اُتي بسر ڪيائون ۽ پوءِ عالم ملڪوت ڏي روانه ٿي ويا.

www.maktabah.org

خواجہ عبدالشهيدؒ جي ياد ۾

پاڻ خواجہ محمد عبدالله جا پٽ آهن. جيڪو خواجہ جو خواجہ ڪري مشهور هو. الاهي اخلاقن سان آراستگي ۽ شين جي حقيقت جهڙي چئجي رکندا هئا. ڪسبي ۽ لدني علم، حقيقي ۽ ظاهري بصيرت سلوڪ ۾ هي ٻئي سندن رفيق هئا. جڏهن سندن ولادت سان محلي ۾ بلڪ سڄي سمرقند ۾ خوشي ملهائي وئي تہ خواجہ احرارالاولياءَ بہ هيءَ خوشخبري ٻڌي ۽ انهيءَ محلي ۾ تشريف وني ويا. والدبزرگوار فوراً ٻار کي پنهنجي والد ماجد (خواجہ احرارالاولياء) جي خدمت ۾ پيش ڪيو دين ۽ دنيا جي دولت خواجہ احرارالاولياء جي آستين ۾ هئي. پاڻ هن ولايت جي باغ جي ٻوٽي کي پنهنجي ٻنهين هٿن سان گهٽي محبت سان کنيو ۽ هن عرفان جي گوهر جي ڪَنَ ۾ ٻانگ چئي. وات ۾ ماکي چٽائي ۽ نالو رکيائين. جڏهن ٻئي دفعي خواجہ جي نظر هن عالي فطرت ڇوڪري جي منهن تي پئي تہ فرمايائون تہ هن فرزند جي اکين ۾ عرفان جو فيض ۽ حضور الاهيءَ جو نور عيان آهي. ماڻهن جو بيان آهي تہ حضرت خواجہ عبدالشهيد جا ڪمالات جڏهن ترقيءَ تي هئا تہ هي فرمائيندا هئا تہ جنهن حضور ۾ شهود جي خوشخبري ڏاڏي سائينءَ ڏني هئي ان جو ڪو اثر اجا تائين فقير جي ادراڪ ۾ نہ آيو آهي. ليڪن جيئن تہ خواجہ احرارالاولياء جي بشارت آهي ان کري واپسيءَ واري سفر تائين بہ ان جي اميد ضرور باقي رهندي.

بيشڪ اها اميدواري تہ آهي جنهن سان گهٽي ڪشائش ٿيندي آهي. ڇون ٿا تہ سندن اوقات ڇئن قسمن ۾ تقسيم هئا هڪ حصو قرآن مجيد جي تلاوت ۽ احاديث نبوي عليہ السلام جي ذڪر ۾ گذرندو هو ٻيو حصو فنن جي ڪتابن جي مطالعي ۾ ٽيون حصو فوائد ۽رسالن جي ڪتابت ۾ ۽ چوٿون حصو رات جي نماز ۽ باطني شغل ۾ ۽ باقي وقت جيڪڏهن ڪو رهجي ويندو هو تہ اهو مراقبي ۾ گذرندو هو. مطلب تہ هجري سنہ نو سؤ ڇاهٺ ۾ تقديري ڪرشمو ۽ هند جي ارباب سعادت جو جذبو کين هندستان ڈي ڇڪي آيو. انهن ڏينهن ۾ وقت جو فرمانروا اڪبر شاهہ دارالسلطنت آگري ۾ سلطنت ۽ ڪامرانيءَ جو مزو ماڻي رهيو هو. گهٽو ڪجهہ عاجزي نياز ۽ ڪمال درجي جي تعظيم ۽ تڪريم

www.maktabah.org

جو اظهار ڪري سندن استقبال ڪيو ويو ۽ اهڙي ته سهڻي سلوڪ سان پيش آيو جو هڪ عقيدتمند مريد به پنهنجي روشن ضمير ۽ پير سان اهڙي طرح پيش نه اچي سگهندو. پاڻ اٽڪل پندرهن سال هن ملڪ جي ماڻهن جي رهنمائيءَ سان فيض بخشو. چون ٿا ته هڪ رات سندن ڏاڏي بزرگوار معاملہ جي حالت ۾ هڪ جزوان سندن سپرد ڪيو جيڪو خطن سان پريل هو. تعبير هن واقعي جي هن طرح ظاهر ٿي جو آخر ۾ خدا شناس ماڻهن جن جو تعداد ڏهن هزارن کان به گهٽو هو بيعت جي ذريعي سندن ڪلاه پنهنجي سِرن تي رکي توبہ و دعا جي توفيق حاصل ڪري سلوڪ ۾ داخل ٿيا. معلوم ٿيو ته اهو ڪاغذ جو پرچو انهيءَ جماعت جي نالن جو هو. قصو ڪوتاهہ جيئن ته عمر رسيدي عالم روحانيءَ ڏي باز گشت جو مقدمو آهي لهذا آخري عمر ۾ پيءُ ڏاڏن جو اُخروي وطن ياد ڏياريو. هجري سنہ نو سؤ ٻياسيءَ ۾ واپسي جو عزم ۽ سفر جي تياري ڪري هندستان کان سمرقند روانا ٿيا. منزلن تي قيام ڪرڻ سامان کولڻ وغيره ۾ دير تي دير ٿيندي وئي ۽ سواري و سفر جو اهتمام فرمائڻ ۾ پاڻ رفتار ۽ گفتار سان نهايت عجلت ظاهر پيا ڪن. خاص ڪري آمو درياہ جي ڪناري تي پهچي پاڻ سيني ماڻهن کان اڳ ۾ لهي پيا. جنهن مان سمجهو ويو ته ڪا اندروني ڪيفيت ان جو سبب آهي. جيڪي خادم ۽ خاص محرم همراہ هئا. انهن هن بيتابيءَ جو سبب معلوم ڪيو ۽ اصلي حقيقت معلوم ڪندي سندن جواب گهريو. ليڪن پاڻ سواءِ هن جي ڪوبہ جواب نہ ڏنائون ته مون کي هنن ڏينهن ۾ هر لمحي شوق جي سبب اهڙي حالت پيش ٿي اچي جنهن جو سمجهائڻ ممڪن نہ آهي. ۽ جيڪي ڪجهہ بيان ڪري ٿو سگهجي اهو بہ ٻڌڻ وارن کي حيرت ۾ وجهندو.

۽ وڌيڪ فرمايائون ته آخري سفر آخرت جو آغاز هن ظاهري سفر جي انجام سان مونکي مليل ٿو معلوم ٿئي ۽ غالب گمان اهو آهي ته هنن ٻنهين سفرن جي وچ ۾ اقامت واري مدت ۾ خلل پيدا نہ ٿيندو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ منهنجي ڪن ۾ منهنجي بزرگن جي طرف طلب جو مضمون پهچي رهيو آهي. بلڪ هاڻي هنن ڏينهن ۾ حضرت قطب الواصلين خواجہ بزرگ هڪ رات عالم مثال ۾ صاف فرمايو ته پٽ! هاڻي سستي ۽ درنگ نہ ڪر. پاڻ کي نهايت تيزيءَ سان اسان وٽ وٺي اچ. انڪري مان چاهيان ٿو ته جيترو ٿي سگهي

www.maktabah.org

پنهنجي طرف کان جلد از جلد پنهنجي آباءِ ڪرام جي بافيض مزار جي قدمن ۾ پهچان ۽ انهن جي پاڙي ۾ آخري آسائش اختيار ڪيان. چون ٿا ته جڏهن سمرقند جي سرحد ۾ پهتا ته فرمايائون ته هتي پنهنجي مٽي جا وار ڪوڙائڻ ڪپن شايد سمرقند ۾ مٽو ڪوڙائڻ يا مٽي کي ڪنهڻ جي به فرصت نه ملي ۽ پنهنجي وطن ۾ پهچڻ بعد هڪ مهيني کان ڪجهه گهٽ زنده رهيا ۽ اهو وقت ڪوچ ڪرڻ جي انتظام ۾ گذريو. مير عبدالحي پنهنجي ڪتاب "جمع" ۾ لکي ٿو جمع جي ڏينهن ستين تاريخ رمضان المبارڪ جي هئي جامع مسجد کان موتي ماڻهو حضرت خواجه جي خدمت ۾ آيا. سڀ پٽ پنهنجا- پراوا- متعلقين- اندريان ۽ باهريان خادم واري واري سان رخصت ٿيندي سندن خوشنودي طلب ڪندا رهيا. ايستائين جو شام جو وقت آيو. پاڻ تيمم فرمائي مغرب جي نماز اشارن سان ادا ڪيائون ۽ مون کي پنهنجي ويجهو سڏي پنهنجو هٿ مبارڪ ڪامل مهرباني سان منهنجي مٿي منهن ۽ ڪنڌ تي ڦيرائون انهيءَ دوران طبيعت تي ضعف غالب ٿيو. خواجه هاشم سيراندي ڪان وينا هئا. حافظن کي فرمايائون ته يسين ختم ڪيو پاڻ اکيون کولي فرمايائون ته جڏهن وقت ايندو ته ان طرف اشارو ڪبو. ان تي هڪ منٽ گذريو فرمايائون وقت ٿي ويو آهي. خواجه هاشم سمجهو ته عشا جي نماز جو وقت ٿا پچن. جواب ڏنائون ته اجا شام آهي. وري فرمايائون ته نه وقت ٿي ويو آهي. ان وقت ذهن ۾ آيو ته پاڻ چا ٿا فرمائن. حافظن يسين سڳوريءَ جي تلاوت شروع ڪئي ۽ حاضرين الله الله جي ذڪر ۾ مشغول ٿيا. ٿوري دير انهيءَ حالت ۾ گذري هئي ته حرڪت جو احساس ختم ٿيو. مون خواجه هاشم کي عرض ڪيو ته شايد پاڻ رحلت فرمائي ويا. جڏهن اسان تحقيق ڪئي ته ائين ئي هو يعني چنجر جي رات تاريخ ائين رمضان المبارڪ هجري سنه نو سؤ ٽياسي ۾ پاڻ پنهنجا ظاهري نقش زماني جي ظاهري نمائشي صفحي تان مٽائي، علم الاهيءَ جي صورت خاني ۾ باطني نقش وجي ڇمايو. چون ٿا ته جمع جي ڏينهن صبح جي وقت پاڻ خواجه هاشم کي فرمايائون ته قلمدان گهرائي منهنجون ڪجهه ڳالهيون لکو جيڪي وصيت جي صورت ۾ آهن:

"پهرين اها ته جيڪو منهنجو جانشين منهنجي پيروي ڪرڻ گهري- ان کي

www.maktabah.org

گهرجي ته منهنجي طريقي کي پنهنجو پيشوا بنائي ۽ ماڻهن کي گهرجي ته اُهي به هن سان اهڙي طرح آداب ۽ خدمت سان پيش اچن جيئن باالخصوص مون سان پيش ايندا آهن. بي اها ته تڪلف نه ڪيو وجي. هن ڪَلَ کي جيڪا حرم شريف ۾ پهچائي وئي آهي هڪ چادر ۾ ويڙهيو وجي ۽ جيڪڏهن ڪاجاءِ ڪليل رهجي وجي ته ان کي ڪنهن هم رنگ ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏيو ۽ سندن ميزان جي دالان ۾ مونکي دفن ڪجو. ته جيئن احرارالاولياءَ جي زائرين جي روضي جو پهريون قدم فقير جي خاڪ تي پوي منهنجي ياد انهن جي دلين ۾ اچي ۽ منهنجي روح تي فاتحہ پڙهي اڳتي وڌن ٿين هي ته دل ڪتاب خاني جي وقف ڪرڻ ۾ لڳي پئي آهي. مناسب آهي ته بنا دير جي ڪتاب خانو وقف ڪيو وجي (چوٿون هي ته) حافظن کي ٿي دفعا ختم قرآن ڪرڻ گهرجي. (پنجون هي ته) فرزندن دوستن ۽ آشنائن کي گهرجي ته صبر ۽ رضا کي پيشوا بنائي قطعاً رئڻ پٽڻ کان باز اچن جيڪو ماتم جو بنياد آهي چو ته هن سفر ۾ گهٽا مطلب ۽ مرادون منهنجا رفيق آهن."

جڏهن پاڻ اهو فرمايائون ته درويش جي جاءِ ميزان جي دالان وٽ آهي ته فرزندن ۽ دوستن عرض ڪيو ته خواجہ احرارالاولياءَ جي دالان ۾ هڪ قبر جي جاءِ خالي آهي. جنهن بزرگ جي هن جاءِ تي قبر ٿي سگهي ٿي حضور جن جي بابرڪت ذات کان سواءِ اهڙو ڪو به ٻيو ڪونهي. جيئن ته عرض کي قبول ڪرڻ مروت جو جز آهي لهذا پاڻ قبول ڪندي فرمايائون ته دالان جي مٿئين حصي ۾ قبر اهڙي طرح رکجو جو هن خاکسار جو مٿو وڏي پاءُ خواجہ عبدالحق جي قدمن جي برابر اچي. چنانچہ انهيءَ طرز سان سندن قبر جي صندوق تيار ڪئي وئي. انهيءَ دوران وڏي پاءُ جي قبر مان هڪ سرَ جدا ٿي پئي. حاضرين ماهو المطلوب جو تماشو ڪري سرَ کي وري ساڳيءَ جاءِ تي لڳائي ڇڏيو.

جناب خواجہ عبدالشهيد جا ٻہ فرزند هئا. هڪ ته ننڍپڻ ۾ ئي وصال ڪري ويو ٻيو پٽ سعيد خواجہ عبدالرشيد هو. جنهن والد بزرگوار جي رحلت کان پوءِ خاندان جو ڏيو ٻاريو هو. خواجہ عبدالرحمٰن عرف بادشاہ خواجہ- خواجہ عبدالرشيد جائي فرزند رشيد هئا. گهٽو آرام و اطمينان جون نشانيون ۽ درويشاڻا اخلاق سندن عادتن ۾ نمايان آهن. اميد ته پنهنجي وڏن جي درجن تي پهچي ٻنهين جهانن جي سرفرازي حاصل ڪندا.

www.maktabah.org

شيخ محمد بن شيخ عبدالملک قاري خالدي رحمه الله جي ياد ۾

چون ٿا ته درسي ڪتابن تي عبور پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪيائون ۽ قرائت جي علم ۾ زماني جا استاد هئا. پاڻ فرمائيندا هئا ته مان پنهنجي والد بزرگوار جي خلافت واري خرقي تي دل کي مطمئن ڪري ويهي نه رهيس ۽ هميشه عارفن جي غوث جيلاني قدس سرهُ جن جي باطن کان پرورش جي تلاش جاري رکيم. قادري سلسلي سان گهٽي دل لڳي وئي هئي. پنهنجي باطني پير جو مون کڏهن به بنا وضوءَ جي نالو نه ورتو. جڏهن به غوث العرفا جي روح مبارڪ ڏي اڏورو توجه به ڪندو هوس ته سڀ مشڪل حل ٿي ويندا هئا. هميشه پاس انفاس جي ذڪر ۾ دل مشغول رهندي هئي. پنهنجي سڄي عمر ۾ ڪنهن به قسم جي مدد اهل دنيا کان نه ورتم. مولانا محمد بيان ٿا ڪن جيڪي ڪوتوال جي مسجد ۾ گوشي نشين هئا ته مون هڪ ڏينهن نماز ۾ کين شهباز وانگر اڏامندي ڏٺو ۽ سلام ورائڻ کان پوءِ دستور مطابق صف ۾ ويٺل ڏٺم ان جي باوجود جو نَـوَ نَـوَ ڏينهن مسلسل روزو هوندو هئن. مگر عبادت گذاريءَ لاءِ طاقت ۾ گهٽتائي ڪانه ايندي هئن. ۽ تيراندازيءَ کان بغير هڪ ڏينهن به نه گذرندو هو. چادر ۽ گوڏ کان سواءِ سبيل لباس ڏي ڪڏهن به توجه نه ڪندا هئا. ڪاڏو ڪائڻ مهل سندن هٿ پنهنجي سامهون کان اڳتي نه وڌندو هو. حالانڪ دسترخوان تي مختلف ڪاڏا برابر وارن جي سامهون هوندا هئا. جيڪڏهن گهر وارن مان ڪو پڇندو هو ته اڄ توهان ڇا ڪاڏو ته جواب ڏيندا هئا ته جيڪي ڪجهه اوهان ڏنو. هڪ ڏينهن کين گهر واريءَ ڇيو ته بادشاهه کان پگهار ونو نه ٿا ۽ جيڪي ڪجهه فتوح جي رستي سان اچي ٿو اهو تقسيم ٿي ٿو وڃي ته پوءِ ضرورت جي وقت سواءِ تڪليف جي ٻيو ڇا پيش ايندو. پاڻ مسڪرائيندي فرمايائون ته هن وقت ڇا جي ضرورت آهي. جواب ۾ ڪجهه روپين جي ضرورت ظاهر ڪئي وئي. اجا ڳالهه ختم ئي نه ٿي هئي ته در تي ڪڙڪو ٿيو. هڪ ننڍو ٻار در تي ويو. هڪ ماڻهو در تي ٻيٺو هو جنهن مقدار جي ضرورت ظاهر ڪئي وئي هئي اوترو ئي مقدار ڇوڪري جي هٿ ۾

www.maktabah.org

ڏئي پاڻ جلدي هليو ويو. جڏهن طلب ڪيل شيءِ گهر واريءَ جي سامهون آئي ته فرمايائون ته تو نگريءَ کان درويشي گهٽو بهتر آهي. خدا جي حڪم جي طرف موٽڻ گهرجي. جڏهن آخري وقت آيو ته چيائون ته محمد کي هڪ جاءِ تي مقرر ڪري چڏيو ويو هو. ليڪن هاڻي کا ڏي ويندس اها خبر ڪانهي اٽن ڏينهن کان پوءِ چوڏهين رجب هجري سنه نو سؤ چوراسي تي رحلت فرمايائون. آخري آرامگاه آگري ۾ اٽر.

شيخ محمد ابن ابي اللطف رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شافعي مذهب ۽ قدس خليل جا شيخ الاسلام هئا ۽ عقلي و نقلي علمن جا ماهر هئا انوار شافعيءَ تي هڪ وڏي شرح لکي اٽن. شيخ قطب الدين نپواري چئي ٿو ته مون هڪ ڏينهن شيخ جي سامهون درد دل جي شڪايت ڪئي ته مون گهڻيون دعائون گهريون- وظيفا پڙهيم- تعويذ ڪيم انهيءَ اميد سان ته ختم نبوت جي صاحب عليه السلام جن کي هڪ دفعو خواب ۾ ڏسان. مگر نصيب نه ٿيو. فرمايائون ته اها سعادت هُنَ طرف جي عنايت سان وابسته آهي. پوءِ وري معلوم ڪيو ته يا شيخ چا توهان انهيءَ دولت سان مشرف ٿيا آهيو؟ فرمايائون ته ڪيترا دفعا ۽ بيان ڪيائون ته هڪ رات خواب ۾ مونکي خبر ملي ته نوراني شڪل پيغمبر عليه السلام جن پنهنجي قدمن سان مسجد اقصيٰ کي منور فرمايو آهي. من ڊوڙي وڃي حاضر ٿيس ته کين وينل ڏٺم. صلواة سلام جو مونکي جواب مليو. ۽ فرمايائون ته شيخ محمد توڻ خوش آهين؟ مون عرض ڪيو ته هائو هاڻي جو حضور ﷺ جن جو ديدار ڪيو اٽم. جڏهن مون حضرت جن جي هٿ کي چميو ته حضور ﷺ جن دعا فرمائي ته الله تعالي تنهنجي علم ۽ اولاد ۾ برڪت ڏئي ۽ ٻئي دفعي جو مون ڏٺو ته حضور جن شناسا ڄاڻي فرمايو ته اي شيخ محمد اسان کي هن مقام تائين ڪٽي هلو ۽ مان آنحضرت ﷺ جن کي انهيءَ جاءِ تي ڪٽي ويس ۽ جيڪي چاهين سو پُڇ. مون ٿوري دير تحمل ڪري عرض ڪيو ته يارسول الله ﷺ قيامت ڪڏهن ايندي. حضور جن فرمايو ته منهنجي ويجهو اچ. جڏهن مان سندن قريب ويس ته آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن منهنجي ڪَنَ ۾ فرمايو جيڪي به فرمايائون. سندن پيدائش جي جاءِ ۽ آخري آرام گاه قدس خليل ۾ آهي.

www.maktabah.org

شيخ ابوالنصر طبلاولي مصري رحمه الله جي ياد ۾

پاڻ شافعي مذهب ۽ پنهنجي وقت جا دانشمند هئا. سندن ذات کان عالم کي جمال حاصل هو. ازلي علم جي جهلڪ پڻ سندن ذات ۾ هئي. مهذب اخلاق وارا ۽ ڪشاده پيشانيءَ وارا هئا. ۽ ٻيا به گهڻا بزرگيءَ جا آثار موجود هئن. شيخ قطب الدين پنواري چئي ٿو ته ستاويهين رجب معراج جي رات مصر جي جامع الازهر ۾ جتي سندن درسگاه آهي معراج جو بيان عشا جي نماز کان پوءِ صبح تائين طرح طرح جي معنيٰ ۽ عمدي تفسير سان ڪيائون ۽ هر هڪ ٻڌڻ واري کي ان جي سمجهه جي موافق تعليم ڏنائون ۽ هن بيان کي پوري ڪرڻ جو واعدو ٻئي وقت تي موقوف ڪيائون. عجيب علمي انداز هو. سندن آخري آرامگاه مصر ۾ آهي.

شيخ علي قدسي رحمه الله جي ياد ۾

پاڻ حنفي مذهب جا هئا. بيت المقدس کان مصر ۾ وڃي وطن ڪيو هئائون. سندن ڪتابي درس وڏي رونق وارو هو. علم سيميا جو قانون به ڄاڻندا هئا. شيخ محمد ابن ابي اللطف مقدسيءَ شيخ قطب الدين پنواريءَ کان روايت ڪئي ته منهنجو پاءُ ابوالبرڪات توهان جي درس ۾ ايندو هو ان دوران توهان جي سيميائيءَ جي نمائش ڏني هئائين. شيخ قطب الدين اهڙي قسم جي هڪ ڳالهه لکي شيخ عليءَ جي سامهون پيش ڪئي. پاڻ قسم ڪاڏائون ۽ چيائون ته جنهن ڏينهن سيميا جي مذمت ۾ ابو يوسف رح جي هڪ روايت منهنجي نظر مان گذري. انهيءَ ئي ڏينهن اُن جا وَرَقَ باهه ۾ ساڙي ڇڏيم ۽ ان جي ياداشت ئي وساري ڇڏيم. ورنه اڄ ان جي ٻڌائڻ کان کابه رکاوٽ ڪانهي.

هن علم جي ڄاڻڻ وارن کي واضع هجي ته علم سيميا ٻن طريقن سان هوندو آهي (هڪ مجازي) يعني هڪ ممڪن جي صورت ۽ ٻيو ممڪن جي شڪل ۾ نمايان ڪيو وڃي ۽ هيءَ ڳالهه افسانن جي ذريعي پيدا ٿيندي آهي. ۽ (ٻيو حقيقي) يعني ممڪنات جي صورت ۽ ايزدي صفتن جو جلوو ڏيکاريو

www.maktabah.org

وجي ۽ هيءُ ڳالهه اشغال- اذڪار- ۽ تصورات جي ذريعي سان علم طريقت جي ذريعي هٿ ايندي آهي. مطلب ته عالم جيڪو هڪ جوهر ۾ ڪجهه اعراض سان عبارت آهي. هڪ سيميائي صورت آهي ان شخص جي نظر ۾ جيڪو اهل بصيرت آهي. مصرع: بنيش اهل دل نصيبش باد-

شيخ معروف رحمة الله عليه ۽ شيخ عثمان رحمة الله عليه جي ياد ۾

هي ٻئي حضرات ذوق ۽ وجدان جا خزانا ۽ علم و عرفان جي جواهرن جي کاڻ هئا. ٻئي مسيح القلوب جي ماءُ جا چاچا ۽ شيخ طاهر يوسف جا سوٽ آهن. هنن جي پيدائش جي جاءِ ڳوٺ پاٽ آهي. ليڪن تقدير جو ڪرشمو هنن کي وطن کان ڪيڙي آيو ۽ هڪ جاءِ صيت پور ملتان ۽ بکر جي سرحد تي واقع آهي. ان سرزمين جي درويشن جي رهنمائيءَ لاءِ هنن ٻنهين کي وٺي ويو. انهيءَ جاءِ جي باشندن هنن ٻنهين بزرگن جي آمد کي قيمتي گنج سمجهي غنيمت چاتو ۽ نيڪ اعتقاديءَ سان پيش آيا. هي ٻئي بزرگ سڀني ننڍن وڏن جا پشت پناه ۽ مرشد ٿي ويا. قاضي قاضن سنڌيءَ جا صحبتي هئا. شيخ طاهرين يوسف فرمائيندو هو ته مان هنن ٻنهين صاحبن کان سنڌ ۾ وحدت الوجود جون ڳالهيون ٻڌندو هوس ۽ مرصاد العباد پڙهندو هئس ۽ نه سمجهندو هئس. جيستائين غوث الاولياءَ جي خدمت ۾ گجرات ۾ نه پهتس. ٻنهين بزرگن جي مزار صيت پور ۾ آهي جتي نيازمند ۽ مريدن جي بازگشت آهي.

مصرع: سواد باغ رضوان خاک شان باد-

شيخ محمد فقيه تبصغيه رحمة الله عليه جي ياد ۾

فقيه، تعرڪ ۾ هڪ ڳوٺ آهي جيڪو دارالملڪ يمن ۾ داخل آهي. صلاحيت- صدق- صفا- بدل ۽ رياضت هي سڀ صفتون سندن ڪامل درجي جون هيون. ان جي باوجود جو يمن وارن تان تنگي ڪڍهن ٻه جدا نه ٿي ٿئي مگر پاڻ هر روز ٻن پهرن جو ۽ شام جو مختلف قسم جا ڪاڌا ڪارائيندا هئا. ۽ هڪ معلم کي ڪجهه حق ڏيندا هئا ته جيئن هو ڇوڪرن کي قرآن ۽ نماز ياد ڪرائي. ڏسڻ وارن کي هي حال ڏسي حيرت ٿيندي هئي. هڪ بزرگ دريافت

www.maktabah.org

ڪيو تہ هيءَ حالت هن پراڻي ڳوٺ ۾ ڪيئن حاصل ٿي. پاڻ فرمايائون تہ هڪ هندي نسل ماڻهو هتي آيو ۽ مون کي علم تڪسر سيکاريائين.

شيخ زائرالله رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ عمر ماندوءَ واري جا فرزند آهن. سندن ڏاڏي وٽ غاليچن ٺاهڻ جو ڪارخانو هو. خليج جي سلطان جو زمانو هو جو ماندوءَ ۾ آيا هئا. مطلب تہ شيخ عمر وڏن جو ڏنڏو ڇڏي درويشي لباس اختيار ڪيو هو. گهڻا ڪمالات حاصل ڪري دنيا مان رحلت فرمايائون. سندن فرزند بہ پيءُ وارا طريقا ادا ڪيا. پرهيز- توڪل- خوشنودي- ڪوشش- سپاس ۽ راستي هي سڀ صفتون سندن خمير ۾ داخل هيون. ۽ انهيءَ ئي رفتار سان عمر اسي سالن تائين پهتن. ماهہ رمضان هجري سنہ نو سؤ پنجاسيءَ ۾ روزانہ رات جو مسجد ۾ قرآن ٻڌڻ ۽ تراويح پڙهڻ ايندا هئا. جيئن تہ سندن گهر ڪافي پري هو ان ڪري رات اتي ئي ترسندا هئا ۽ فرمايائون تہ هي اسان جون آخري تراويحون آهن. ٻئي سال رمضان المبارڪ کان اڳ ئي وصال جي عيد نصيب ٿين. آخري آرامگاہ مانڊو اٽن.

ميان ميانجي بن داؤد رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ گلزار ابرار جي مصنف جا ماما آهن. سندن پيدائش جي جاءِ مانڊو آهي. سندن والد بزرگوار سلطان ناصر الدين خلج جي زماني ۾ نهر والا ڪان ماندوءَ ۾ آيا هئا. جڏهن سندن عمر ٻارهن سالن جي ٿي تہ والد دنيا مان لاڏاٿو ڪري ويو. مطلب تہ پاڻ گهڻن مشائخن جا مقبول ٿيا خاص ڪري ارادت جو ڪلاهہ سيد جلال ابن سيد احمد جعفر کان حاصل ڪيائون جيڪو سيدي احمد ڪبير رفائيءَ جي نسل مان هئو. سندن قبر احمد آباد ۾ آهي ۽ خلافت جي خلعت شيخ صدرالدين ذاڪر کان مليل هئن جن جي آخري آرام گاہ بڙوده ۾ آهي. هميشہ تجارت جي ذريعي سان قوت حاصل ڪندا هئا ۽ پاڙي جي درويشن ۾ تقسيم ڪري ان کي مقبوليت جي درجي تي پهچائيندا هئا. اَسي سالن جي عمر هئن. ان کان علاوه ٽيهہ سالن کان وڌيڪ سندن اڏ رات نماز ۾ ۽

www.maktabah.org

سحري دعا وغيره ۾ گذري. هجري سنہ نو سؤ پنجاسيءَ ۾ خاڪي جسم کي قبر جي سپرد ڪري امر ربيءَ جي لطيف جنس دارالملڪ عليين ۾ پهچايائون. سندن ٻہ فرزند آهن وڏو تاج محمد هو جنهن سپاهگيري اختيار ڪئي گهٽو ڪجهہ حاصل ٿين. ننڍو شيخ حسين صاحب حال وقال اهلِ رضا ۽ تسليم آهن. تصوف ۽ وحدت جو شان سندن ذات ۾ ظاهر آهي. بردباريءَ فروتنيءَ جهڙيون وصفون پريل اٿن. پيءُ وانگر رهندا هئا. گهر کي ظاهري ۽ باطني چراغ سان روشن رکندا آهن. خدا ڪري عمر ۾ ترقي ٿئين.

شيخ برهان رحمۃ اللہ جي ياد ۾

سندن پيدائش جي جاءِ احمد آباد گجرات آهي. هجري سنہ نو سؤ بياسيءَ ۾ پنهنجي وطن کان شيخ صدرالدين محمد ذاڪر جي خدمت ۾ گواليار جي مقام تي ويا هئا. ۽ واپسيءَ ۾ شيخ ذاڪر سان گڏ ماندوءَ ۾ آيا هئا. تصوف جو طريقو ۽ ذڪر و شغل جي سند شيخ ذاڪر جي تلقين سان حاصل ڪيائون. عقلي ۽ نقلي علمن ۾ قوت استعداد روان هئن. گلزار ابرار جي مصنف جي دوستيءَ جي سبب جيڪو نحو ۾ سندن شاگرد آهي. مرشد جي اجازت سان ۽ شيخ محمود جلال جي مصاحبت جي خيال سان ماندوءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي هئائون. جڏهن مالڪ مُلڪ اڪبر شاهہ سير ۽ شڪار جي بهاني سان رعيت ۽ سپاهين جا مخفي حالات معلوم ڪندو هجري سنہ نو سؤ پنجاسيءَ ۾ مالوه جي طرف آيو تہ قطب الاقطاب غوث الاولياءَ جا فرزند مخدوم زاده گرامي شيخ ضياءالله بہ شاهي لشڪر ۾ هئا. شيخ محمود جلال- شيخ برهان- حافظ صالح ۽ فقير غوثي حسن هي چار ڀٽان مخدوم زادي جي خدمت جو ارادو ڪري ماندوءَ کان ديپال پور ڏي روانا ٿيا جتي شامي خيما لڳل هئا. مطلب تہ جڏهن لشڪر دارالسلطنت آگري ڏي موٽيو تہ شيخ برهان ۽ حافظ صالح، مخدوم زادي سان گڏ هليا ويا. رستو اجمير ڏي وڃي نڪتو اتي شيخ برهان ظاهري جهان کان رخصت ٿيو رحمتہ الله عليہ سندن آخري آرامگاه انهيءَ بزرگ مقام ۾ آهي. مصرع: باد هم آغوش بابرهان وحدت جان او

www.maktabah.org

شيخ ابو جيو رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ خضر جا پٽ آهن. قدس الله سرهما ڄمڻ جي جاءِ گجرات ۽ آخري آرامگاه برهانپور جو قلعو آهي. توكل ۽ همٽ جا صاحب هئا. پسنديده اخلاق سان سندن زندگي گذرندي هئي. جيكي صاحب گوناگون موجودات ۾ وحدت الوجود كي مڃڻ وارا ۽ بيشمار مظاهر واحد مطلق كي ڏسڻ وارا آهن. انهن اصحابن ۾ پاڻ بہ داخل هئا. شيخ فضل الله گجراتيءَ جا مريد آهن ۽ شيخ نعمان آسيريءَ سان ويجهڙائيءَ جو رشتو هئن. كلام جي بندش ۾ صوفين جي طرز تي هلندا هئا جيئن پير تبريزي- شيخ مغربي ۽ شاهہ انور آهن. سندن نظم اكثر كري درد مندن جي حق ۾ علاج جو حكم ركندي هئي.

مصرع: زيور گوش دل او حلقہ الهام باد-

شيخ ناهر بيابانيؒ جي ياد ۾

سندن پيدائش جي جاءِ "دهار" آهي، جيكا مانڊوءَ كان ستن كوهن جي فاصلي تي آهي. سندن بزرگ سهرورد جا آهن، هن ڪوٽ ۾ اچي گوشي نشين ٿي ويا هئا. چون ٿا تہ ننڍائپ ۾ ئي كين الاهي جذبو ٿي ويو هو. ليكن فرائض ۽ نوافل جا اوقات محفوظ هئا. آخركار سترهن سالن جي عمر ۾ پاڻ پير طريقت جي جستجوءَ ۾ اجمير شريف جي طرف روانہ ٿي ويا. ۽ اُتي وڃي خواجہ حسين رحہ جي خدمت ۾ مريد ٿيا جن كي ماڻهو خواجہ معين الدين چشتي اجميري رحہ جي نسل مان سمجهندا آهن قدس الله سرهما.

پير جي خدمت ۾ هك چلو كڍيائون ۽ مندسور ۾ رهڻ جي اجازت ملين قصو مختصر مندسور جي كناري تي هك تمام وڏو وڻ هو ان جي ٿُڙ كي اندران خالي كري گهر ٺاهيائون ۽ انهيءَ وڻ جو خشك نہ ٿيڻ سندن كرامت آهي.

مطلب تہ يارهن چلا انهيءَ حجري ۾ اندر رهي لكل دشمن (نفس) سان لڙائي كرڻ ۾ كڍي آخر فتح حاصل كيائون،ان كان پوءِ مسلسل سترهن سال رياضت كندڙ درويش وانگر اتي گذاريائون. چوٽيهہ سالن جي عمر ۾ سن نو سؤ چهاسي هو جو فاني جهان مان لاڏو كيائون ۽ انهيءَ ئي وڻ جي هيٺان آخري آرامگاه اختيار كيائون. هجري سنہ هك هزار چوڏهن جي ختم ٿيڻ وقت

www.maktabah.org

شيخ ابوالخير مبارک بارک الله في عمل مالک اقليم نور الدين جهانگير شاهه ولد اکبر بادشاه جي حڪم سان سلطان بدخشان ميرزا شاه رخ وٽ مالوه ۾ آيا هئا ته جيئن ميرزا شاه رخ کي حڪم موجب چيتور جي قلعي جي طرف وڃي وجن جڏهن لشڪر تيار ٿي مندسور ۾ پهتو ته هڪ ڏينهن شيخ صاحب جن بياباني ۽ جي قبر تي به وڃي زيارت ڪئي هئي ۽ وڻ ۾ ناهيل گهر ۾ به داخل ٿيا هئا. شيخ جي حڪم سان انهيءَ گهر کي اندران ۽ باهران پيمائش ڪيو ويو ته باهر کان ٽڙ چوٽيهه گز ۽ اندر کان ان جو اڌ جيترو هو. ويهه ماڻهو ان ۾ آرام سان ويهي ٿي سگهيا.

شيخ فتح الله راج گدهي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ وقت جي وڏي بزرگ شيخ نظام اميني ۽ جا مريد آهن. جڏهن سماع ۾ پاڻ گرم ٿي ويندا هئا ته حيرت ايترو ته غالب ٿي ويندي هئن جو زمين تي ڪري پوندا هئا. ايتري قدر جو هٿ پير چورڻ جي به طاقت نه رهندي هئن. هڪ دفعي راج گدهيءَ کان سير لاءِ فتح پور آيل هئا جيڪو آگري کان ٻارهن ڪوهن جي فاصلي تي آهي ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ قاضي ابراهيم به پنواريءَ کان اُتي وڃي پهتا. ۽ سندن ديدار لاءِ به ويا اندر گهڙڻ کان اڳ ئي ڳائڻ وارن کي شيخ صاحب ڳائڻ کان روڪي ڇڏيو. پاڻ رنگين قميص پاتائون جنهن تي گهٽو عطر ڇڙڪيل هو. ۽ چيائون ته اي جمالِ شريعت پنهنجون خواهشون ڇڏي ڏيڻ ۽ بيخودي ۽ سان مشيئت الاهيءَ ۾ رهڻ اها بندگي آهي. ڪڏهن بادشاهي لباس پارائي عزت جي صدر مقام تي ٿو وهاري ۽ ڪڏهن پراڻن وارن جي ميري بغير آستين ۽ گريبان جي ڪفني گلي ۾ وجهي ذلت جي خاڪ تي ٿو ليٽائي. اسين تماشائي هئڻ ۽ حيرت کان سواءِ ڪهڙو فائدو حاصل ڪري ٿا سگهون. ان کان پوءِ هيءَ آيت **لَا يُسْئَلُ عَمَّا يَفْعَلُ** (الله تعالىٰ جيڪي ڪجهه ڪري ٿو ان جي باري ۾ پڇي نه ٿو سگهجي) پڙهيائون ۽ اکين مان ڳوڙها وهي آيا. ان کان پوءِ پاڻ شيخ عبدالنبي صدر جي ملاقات لاءِ به ويا هئا. شيخ عبدالنبي حديث جي درس ۾ مشغول هئا. سندن طرف توجه نه ڪيائون. فارغ ٿيڻ کان پوءِ فرمايائون ته درس جي ڪري رسمي تواضع نه ڪري سگهيس. پاڻ جواب

www.maktabah.org

ڏنائون تہ درويش مخدوم کان حالات جي اعتبار کان ننڍو آهي مخدوم جي طرفان صرف مهرباني ئي کافي آهي ۽ هيءَ حديث پڙهيائون. من لم يرحم صغيرنا ولم يوقر کبيرنا فليس منا- (يعني جيکو شخص اسان جي ننڍن تي رحم نہ ڪري ۽ اسان جي وڏن جي عزت نہ ڪري اُهو اسان مان نہ آهي). صدرالصدور هي ٻڌي خوش ٿيا ۽ دعا ڪيائون.

مصرع: خدائي مهربانش مهربان باد-

شيخ موسيٰ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ اُجين جا باشنده آهن. شيخ چندن مندسوري جا مريد ۽ وڏا خليفا آهن. رياضت- تن گذاري ۽ نفس سان لڙائي ڪرڻ ۾ سيني اهل زمانہ ۾ اڪيلا هئا. گهٽ ڪائيندي ڪائيندي هي حال ٿي ويو هئن جو سندن بدن کي ڪَلَ رڳن ۽ هڏين کي شمار ڪرڻ ۽ ڏسڻ ۾ پردو نہ ڪندي هئي. ساهہ ڪٽڻ مهل سندن پاسرين جون هڏيون آواز ڏيندیون هيون. جنهن سال دارالسلطنت آگري کان حڪومت جي مالڪ اڪبر بادشاه مالوه ڏي ڪوچ ڪيو ۽ ديپالپور کان ئي واپسي ٿي اُن وقت خداشناسن جي ملاقات جو خيال کين سير و سياحت ڏي وٺي آيو. شيخ ضياءُ الدين غوثي- قاضي صدرالدين لاهوري- قاضي جلال الدين ۽ صدرن جو صدر شيخ عبدالنبي. انهن صاحبن جي ملاقات سان کين قلبي سڪون حاصل ٿيو. صدرن جي صدر کين متوڪل ۽ مستحق سمجهي سمجهہ مناسب رقم مقرر ڪئي. ليڪن پاڻ ڪو عذر ڪري ان کي قبول نہ ڪيائون ۽ نفس جي واپسيءَ تائين جيکو هجري سنہ ڇهاسي هو. باقي زندگي مولیٰ جي ڪمن ۾ گذاريائين.

شيخ ولي محمد رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ لشڪر محمد عارف جا ماما هئا. ڄمڻ جي جاءِ قلعو جانپانير هئن. جيکو گجرات جي اڳين حاڪمن جو دارالخلافہ هو. وحدت الوجود جو جوش گهٽو هئن. جنهن جي سبب ڪري پاڻ ڪائنات ۾ ذات جو مشاهدو صفتن جي نقاب ۾ ڪندا هئا. سندن پهريون پير طريقت شيخ قطب جهان ذاڪر نهروالہ آهي بعد ۾ پاڻ قطب الاولياءَ شيخ محمد غوث قدس اسرارهم جي خدمت مان ظاهري و باطني ڪمالات جو حصو ورتو هئائون. هجري سنہ نو سؤ

www.maktabah.org

بياسي هو جو احمدآباد کان برهانپور آيا. تقريباً پنج سال ماڻهن جي رهنمائيءَ جي فرصت ملين. پوءِ هجري سنہ ستاسيءَ ۾ اجل جو سڏ ٿين. نهايت تازگي ۽ منهن جي کشادگيءَ سان قبول فرمائي قرب ڏي روانہ ٿي ويا. سيد حسين قدس سرہٗ جي "نزهت الارواح" تي پاڻ هڪڙي شرح لکي اٿن جنهن ۾ سيني عبارتن کي توجيہ ۽ تاويل جي ذريعي وحدت الوجود ڏي ڦيرائي ڇڏيو اٿن. شرح نهايت دقيق لکي اٿن. حقيقت ۾ ڀاڻندڙ عالم جي نگاه نهايت غور و خوض سان ان جي مقصدن جي تهہ تائين شايد پري کان پهچندي. شيخ لشڪر محمد عارف چئي ٿو تہ پاڻ هڪ دفعي رات جو مون کي پنهنجي مجازي معشوق کي سڏي اڇڻ لاءِ موکليائون. هُنَ اڇڻ کان انکار ڪيو. مون واپس اچي خدمت ۾ اطلاع ڏنو. پاڻ روئي ڏنائون. مان پنهنجي پٽڪي جي ڪنڊ سان سندن ڳوڙها اگهڻ لڳس. اوچتو منهنجي نظر پٽڪي جي ڪنڊ تي پئي تہ ڇا ٿو ڏسان تہ هر جاءِ تي رت جا داغ لڳل آهن. شيخ ابراهيم قاري جيڪو غوث الاولياءجو امام هو. چئي ٿو تہ سندن باري ۾ مونکي حد درجي جي حيرت ٿي تہ مظاهر جميلہ (خوبصورتي ظاهر ڪندڙن) سان ايتري تعلق هجڻ جي باوجود سندن هڪ مستحب بہ ضايع نہ ٿيندو هو.

شيخ حميد لار رحمۃ اللہ جي ياد ۾

جيڪو شخص ننڍائپ مڪتب ۾ جواني مدرسي ۾ ۽ ڪراڙپ خانقاهہ ۾ گذاري ٻنهين جهانن جو مالڪ ٿي ويو هجي اُهو غوث الاولياءَ جو خليفو آهي جنهن جي والد جو نالو لار آهي. جنهن زماني ۾ احمد آباد جي عالمن غوث الاوليا جي وجداني ڳالهين تي اعتراض جي زبان کولي هئي تہ پاڻ ۽ شيخ وجيہ الدين علوي احمد آبادي۽ ۽ اعتراضن جي رد ۾ منقولي ۽ معقولي جواب ڏئي ظاهر بينن جون دراز زبانون روکيون هيون. سندن همٿ جي جاءِ گجرات آهي. ليڪن تقديري ڪرشمون کين گجرات کان برهانپور ۾ ڇڪي آيو. برهانپور جي حاڪر کين عزت ۽ وقار سان ضرورتون پهچائڻ ۾ گهڻي دلچسپي ورتي. سندن عمر اسي سالن کان بہ مٿي ٿي وئي هئي. ليڪن لٽ جي سهاري کان سواءِ هلندا هئا. مسيح القلوب چون ٿا تہ هڪ عرس ۾ پنهنجي پير سان گڏ

www.maktabah.org

شيخ حميد جي خدمت ۾ ويو هئس. سماع جي مجلس ختم ٿيڻ کان پوءِ موڪلائڻ مهل منهنجي پير شيخ جي قدمن تي مٿو رکي گهڻي عاجزي ۽ نياز جو اظهار ڪيو هو. جيڪي مريد گڏ هئا انهن به پير جي پيروي ڪئي. مگر عرض ڪيائون ته ايتري گهڻي تواضع جو سبب ڇا آهي. پير فرمايو ته اهڙو درويش جنهن نندپڻ کان ونئي ڪراڙپ تائين حقيقي محبوب جي خيال ۾ دل ۽ان جي ياد ۾ زبان کي مصروف رکيو هجي ۽ ان کان سواءِ ڪاڏي به توجه نه ڪيو هجي. سندن جهڙو نايابَ آهي. جواب ٻڌڻ وارن کي گهڻو وجد ٿيو ۽ رقت پيدا ٿي. سندن آخري آرامگاه انهيءَ ئي اسلامي شهر ۾ آهي.

شيخ جمال ابن شيخ الاسلام رحمة الله جي ياد ۾

سندن ولادت جي جاءِ چنديري آهي. والده جي همراه اُجين ۾ آيا هئا. تصوف جي رسالن جو درس محققانه ڏيندا هئا. خاص ڪري سيد حسين جي نزهتہ الارواح تي شيرين ۽ تازين تاويلات سان گهڻو ڪجهه لطيفا ۽ رمزون بيان ڪندا هئا. سندن باطن گوناگون الاهي معرفتن سان آراستہ ۽ ظاهر جسماني ڪاروبار کان معطل هو. ايتري قدر جو سوئيءَ ۾ ڏاڪو ڪنهن جي ٻڌائڻ کان سواءِ سندن هٿ سان نه پئجي سگهندو هو. سائل سندن اڳيان خالي نه موٽندو هو ۽ مهمان سان دوستي ڪرڻ ۾ حضرت ابراهيم خليل الله جي عادت ڪم ۾ آڻيندا هئا. هڪ ڏينهن گهر جي خادمياڻي ڪجهه ڪاڏو سندن سامهون آندو. پاڻ پُـلَ ۾ چند گرهه ڪائي ويا. هيترو مزيدار ڪاڏو اڪيلو ڪاڏم. انهيءَ خيال کين پريشان ڪيو لاچار باقي ڪاڏو هٿ تي رکي ٻاهر آيا ۽ ٻاهر وارن کي چيائون ته هن ڪاڏي ۾ ايتري ته لذت معلوم ٿي آهي جو قيامت جي ڏينهن هن جي شڪر گذاري يا عذر ان کان علاوه خيال ۾ نه ٿو اچي ته هي ڪاڏو اوهان سان گڏ ڪاڏو وڃي.

شيخ تقي الدين محمد سندن ڀيٽ جو پٽ هو. چوندو هو ته هجري سنه نو سؤ چهاسيءَ ۾ شهنشاهه زمان جي طرف کان شيخ منور صدر مالوه هو ان جي خواهش تي ۽ ان سان گڏ شيخ جمال مانڊو جي سير لاءِ ويو هو. اُتي صبح جي وقت پاڻ فرمايائون ته انسان کي بيمار وانگر صحت جو عاشق نه هئڻ گهرجي ته جيئن نفس جي واپسيءَ وقت ناروا علاج ۽ ڪم ۾ ايندڙ ڪوڙي دوا بيمار

www.maktabah.org

جي حق ۾ زهريلي گاهه وانگر نه لڳي. بلڪ تسليم جي عادت سڻي آهي ته جيئن ايزدي ٿنا ۽ دعا کي توشو ۽ تعويذ سمجهي ۽ کنهن به علاج کي صحت جو دستاويز نه سمجهي. انهيءَ نصيحت جي ذريعي پاڻ پنهنجي جلد وڃڻ جي خبر ڏنائون. ۽ وڌيڪ اهو طريقو به ٻڌايائون ته بيمار داري کيئن ڪئي وڃي.

شيخ تقي الدين محمد چوندو هو ته جڏهن پاڻ ماندوءَ کان وري اجين ۾ آيا ته رمضان شريف ۾ صبح جي وقت خانقاه جي اڳڻ ۾ مٿو گوڏن تي رکي عالم استغراق ۾ هئا ۽ منهنجي هلڻ جي آواز تي آگاه ٿيا ۽ پڇائون ته تون ڪير آهين. مون عرض ڪيو ته اوهان جو فرزند تقي- ارشاد فرمايائون ته بابا تقي- اهو چوڻ ۾ به منهنجي جانشين ٿيڻ ڏي اشارو فرمايائون ان کان پوءِ اُٿي ڪڙا ٿيا ۽ هڪ پٿر مونکي ڏيکاريائون ته هن پٿر جو اڌ حصو اڳ نندي پاءُ عبدالقادر جي قبر تي لڳي ڇڪو آهي ۽ هي ٻيو اڌ حصو انتظار ۾ آهي ته جمال جي مزار تي لڳي. قبر جي جاءِ به تجويز ڪيائون انهيءَ جاءِ تي ڏاڙهونءَ جو هڪ وڻ هو ان جي ڪيڻ جو اهتمام فرمايائون ۽ انهيءَ ئي ڏينهن مزاج ۾ ٻيو رنگ ٿي ويو. شيخ منور صدر پيغام ڏنو ته مون هڪ خواب ڏٺو آهي ته شيخ جي طبيعت جلد تندرست ٿي ويندي. پاڻ ٻڌائون. تعجب ٿين ۽ فرمايائون ته بيشڪ صدر جي خبر درگاه جي آهي ۽ درويش جي ڳالهه بازاري آهي. اهو به فرمايائون ته گهٽي تعجب جي ڳالهه ته اها آهي ته صوفي آخري سفر جي وقت کي نه سجاڻي ۽ ان کان به وڌيڪ تعجب جي اها ڳالهه آهي ته آگاهه ٿي وڃي ۽ خوشحالي ۽ سان آماده نه ٿئي ۽ ان کي وصال نه سمجهي. تاريخ ستاويهين رمضان جي صبح جو هجري سنه نو سؤ ستاسيءَ ۾هي مصرع پڙهيائون. پرده برادر- که من عارض زيبا نگرم- ۽ فرمايائون ته ٻئي مصرع جي گنجائش ڪيئن ٿي سگهي جو وقت ۾ ئي گنجائش باقي نه رهي ۽ جلديءَ ۾ ٻيو مصرع به پڙهيائون. ورنه از آهه جگر پرده عالم بدرم- حسرت جو هٿ زمين تي هنيائون ۽ اک جهان کان بند ڪيائون.

شيخ اوليا رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ سراج جا پٽ آهن. دنيا کان محويت سندن عادت هئي. سخاوت

www.maktabah.org

سبب مال متاع کي ڪمزور رکندا هئا. ۽ جيڪا شيءِ هٿ لڳندي هئن اُها حاجتمندن کي ڏئي ڇڏيندا هئا. زماني جي گردش کين ڪالپيءَ کان اُجين ۾ وڃي آئي. خاندان ۾ فرزند پيدا ٿيا. ستر سالن جي عمر ۾ حجاز جي سفر جي توفيق ٿين. مڪي مڪرمہ ۾ تدفين ٿين. پاڻ ٽي پٽ ڇڏيائون شيخ قطب الدين- شيخ مودود- ۽ شيخ نظام. وچين پٽ کي ظاهري فضيلت ۽ معنوي سعادت حاصل آهي. حاجي الحرمين آهن. شيخ علي تقيءَ جي خليفي شيخ عبدالوهاب جي خدمت ۾ التزام ڪري حديث جي تصحيح ڪيائون ۽ تلقين حاصل ٿين. الله سندن وڏي عمر ڪري.

مصرع: بادا شمار وصف گرامي بنام او-

شيخ احمد ابن شيخ جلال جانپانيري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ محمود جا وڏا پاءُ ۽ شيخ صدرالدين ذاڪر جا مريد آهن. ڪلام پاڪ مسلسل معنيٰ سان ياد هئن. جڏهن پاڻ تلاوت ڪندا هئا تہ ٻڌڻ وارن کي هوش نہ رهندو هو ۽ مستانا وار سماع ڪرڻ لڳندا هئا. سندن ننڍو پاءُ شيخ محمود مانڊوءَ ۾ هو. اتفاقاً ٻنهين کي هڪ ٻئي جي ديدار جو شوق ٿيو. ٻنهين طرف ضبط جي طاقت نہ رهي. هڪ ئي وقت مانڊوءَ وارو پاءُ گجرات ڏي ۽ گجرات وارو پاءُ مانڊوءَ ڏي سفر لاءِ نڪري پيا. جيئن تہ اڇڻ واري ۽ وڃڻ واري جو رستو الڳ الڳ هو ان ڪري هيڏانهن وارو هوڏي وڃي پهتو ۽ هوڏانهن وارو هيڏي اچي پهتو. منٽ ميڙ ڪري گجرات واري پاءُ کي جلدي واپس وڃڻ کان هڪ مهيني تائين باز رکيو ويو. غوثي هن لطيفي کي پنهنجي ازلي سعادت جو ڪرشمو سمجهہ جو خدا تعاليٰ تنهنجو خالي رهڻ پسند نہ ڪيو. هڪڙي کي هتان روانو ڪيائين تہ ٻئي کي هيڏي موڪليائين تہ جيئن ڪمالات حاصل ڪرڻ ۾ تون بيڪار نہ رهين. مطلب تہ هڪ مهيني کان پوءِ گجرات ڏي ويل پاءُ واپس موٽي آيو ۽ ٻنهين پائرن هڪ ٻئي کي ڏسي خدا جو شڪر ادا ڪيو. ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ شيخ احمد کي دستن جي بيماري ٿي پئي جيڪا تمام سخت هئي انهيءَ دوران شيخ شمس الدين زنده دل شيرازي گواليار کان مانڊوءَ ۾ اچي پهتو. هي شيخ شمس الدين غوث الاولياءَ جا وڏا خليفا آهن.

www.maktabah.org

بيجاپور دکن ۾ گهر بنايو اٽن سندن قدمن جي برڪت سان بيمار کي ڪجهه آرام مليو. شيخ شمس الدين فرمايو ته محمود! هاڻي ياءُ احمد کي سندن فرزندن تائين پهچايو وڃي. مان به پنهنجي مقصد جو رستو ڇڏي توهان جو هم سفر ٿو ٿيان چو ته هن سال مون غوث الاوليا جي باطن کان اجازت ورتي آهي ته هاڻي اچڻ وڃڻ کان عمر جي تقاضا نه ٿي ڇڏي. هيءَ زيارت درويش جي آخري زيارت آهي ۽ گهٽا ڏينهن ٿيا آهن ته شيخ صدرالدين ذاڪر سان نه مليو آهيان. ۽ شيخ وجيه الدين علويءَ کي به نه ڏٺو اٽم عمر ختم ٿيڻ تي آئي آهي لهذا انهيءَ بهاني گجرات وڃڻ ٿو گهران ته جيئن اسين هڪ ٻئي کي الوداع چئون. ٽئي عزيز گجرات پهتا ليکن شيخ احمد کي ڪامل صحت حاصل نه ٿي. ايتري قدر جو موت جي خطرناڪ منزل کان دائمي زندگيءَ ڏي هجري سنه نو سؤ اناسيءَ ۾ روانه ٿيا. آخري آرامگاه بڙوده ۾ اٽن.

شيخ زڪريا رحمة الله جي ياد ۾

پاڻ شيخ عبدالرزاق جنجانويءَ جا مريد آهن. نوراني باطن ۽ روحاني شڪل هئن. هجري سنه نو سؤ چوراسيءَ ۾ دهليءَ جي صوبي مالوه ڏي وڃڻ لڳا جڏهن وهار ڳوٺ ۾ پهتا ته هتي هوا جي لطافت ماڻهن جي ملنساري ۽ عارف وقت شيخ معروف سعدالله جي صحبت کين پسند آئي. شيخ صدرالدين جهان ڇئي ٿو ته جڏهن سلوڪ جي آغاز ۾ مونکي صرف هڪ ڪرشمو ڏيکاري فيض جو دروازو بند ڪيائون ته عجيب انقباض پيدا ٿيو جنهن کان پوءِ انبساط جي ڪا صورت ئي ڪانه هئي مطلب ته جمع جي ڏينهن جامعه مسجد ۾ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس پاڻ منهنجي حالت محسوس ڪيائون ۽ پوءِ مهرباني فرمائي طبيعت جي انقباض ۾ ڪجهه ڪشائش فرمايائون ۽ چيائون ته غمگين نه ٿيڻ گهرجي چو ته معشوقي مذهب جو ڍنگ هن طرح آهي ته پهريائين هڪڙي جهلڪ ڏيکاري مزو چکائيندا آهن. ۽ پوءِ بي نيازيءَ ڪري هن جي سيني ۾ شوق جي پرورش ڪندا آهن.

سندن معاملي تي مان سلوڪ کان باز نه رهيس بلڪ پهريان کان وڌيڪ سرگرم ٿي ويس. چون ٿا ته سڄي عمر مجرد رهيا. آخر عمر ۾ هڪ مريد هڪ

www.maktabah.org

ڪنيز پيش ڪئي هئي ان کي ڪجھ ڏينھن خدمت ۾ رکيو هئائون. هجري سنہ نو سؤ اناسيءَ ۾ پاڻ بھشت نشين جا ھم نشين ٿيا. آخري آرامگاھ مولانا غياث جي تربت جي پھلوءَ ۾ آھن.

شيخ صدرالدين ذاڪر رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ شمس جا پٽ آھن. ۽ نالو محمد آھن. ڄم جي جاءِ جانپانير ۽ آخري آرامگاھ بڙوده ۾ موجود آھي. سندن وڏا سوداگريءَ جي ذريعي گذر سفر ڪندا ھئا. پنجويھن سالن جي عمر ۾ ڪين ترڪ ۽ تجريد جي توفيق ٿي. هجري سنہ نو سؤ ٻاونجاھ ھو جو قطب الاقطاب غوث الاولياءَ جي خدمت ۾ پھچي مريد ٿيا ۽ ھميشہ خدمت ۾ رھڻ اختيار ڪيائون. جڏھن سندن پير بزرگوار گجرات کان گواليار ڏي هجرت فرمائي تہ پاڻ بہ ساڻ ٿي پين ۽ اتي جواھر خمسہ کي پوري ڪمال سان عمل ۾ آندائون. نفس سان جنگ ڪري تقويٰ کي لڙائيءَ ۾ غلبو ڏنائون ۽ نفس کي فرمانبردار بنايائون. بعد ۾ خلافت جو خرقو ۽ سيني مشھور سلسلن جو اجازت نامون حاصل ڪري پنھنجي وطن ۾ رھڻ جي اجازت ورتائون. اھڙي طرح ٽي دفعا گجرات کان گواليار ڏي ويا ۽ آيا. ھڪ دفعو پير جي حياتيءَ ۾ ۽ ھ دفعا پير جي رحلت کان پوءِ قدس سرہُ ھر دفعي ماندوءَ کان گذر ٿيندو ھئن. آخري دفعي تقريباً ھڪ سال رھي چلا ڪڍيائون ۽ گھٽن ئي استعداد جي صاحبن ماندو وارن کي بيعت ۽ تلقين جي حلقي ۾ آڻي عرفاني ۽ وجداني ڪمالات تائين پھچايائون. انھن مان ھڪ شيخ امان الله ابن شيخ ڪمال الدين ڪالپوي آھي. جيڪو جھان جي پرھيزگارن جو سردار ھو. شيخ عثمان ابن لادن قريشي- متوڪلن ۾ مٿاھون شيخ ڪمنہ مجرد جيڪو گھٽي عرصي تائين شاھ ميانجي مجذوب جي روضي ۾ حجري جي اندر رھيو. شيخ جمال الدين ابن شيخ بھڪاري ۽ مصنف گلزار ابرار جي عمر بہ ان وقت پندره سال ھئي. مون بہ سندن خدمت ۾ اھل زمانہ جي اسباب کان ھٿ ڏوئي بلڪل بيڪارن جھڙو طريقو اختيار ڪيو ھو. جڏھن پاڻ پنھنجي وطن ڏي تشريف وني ويا تہ خليفن مان شيخ محمود ابن جلال کي ھتان وارن جي پرورش ۽رھنمائيءَ جي لاءِ قيام جي اجازت ملي. شيخ محمود سلوڪ ۽ تصوف جون

www.maktabah.org

منزلون طئ ڪرڻ ۾ زماني ۾ اڪيلو هو. سڄو گجرات سندن خليفن ۽ مريدن سان پريو پيو آهي. چند شخصن جا حالات ياداشت ۾ لکيا جيڪي صحيح صحيح معلوم ٿيا آهن. انشاءَ الله العزيز.

مطلب ته سندن نظر ۾ ڪيميائي اثر ۽ ڳالهه ۾ مقبوليت جو تاثير هو. سندن باطن شوق ۽ ولولي سان پريل ۽ ظاهر تقويٰ ۽ پرستش سان آراسته هو. سندن مصروفيتون ايتريون هيون جو رات ۽ ڏينهن ۾ بيڪار هڪ ساهه به نه گذرندو هئن. سندن رياضت سلسلي ۾ داخل ٿيڻ جي پهرئين ڏينهن کان نفس جي واپس ٿيڻ تائين هر دم زياده ٿيندي رهندي هئي. سندن وجدان جيترو گهڻو ٿيو اوترو خاموشي ۽ وڌندي وئي. اي غوثي! خاموش رهه سندن تعريف پوري ٿيڻ جي نه آهي. اڳتي هل ته جيئن ڳالهه ختم ٿئي. آخرڪار جانپانير جي ويران ٿيڻ کان پوءِ پاڻ گهر ۽ خانقاه بڻوده ۾ ناهيائون. جيڪو جانپانير کان ٽي منزلون پري آهي. پاڻ ڪيترن ئي بصيرت جي صاحبن جا پيشوا ٿيا آهن. هجري سنه نو سؤ اٺاسيءَ ۾ رحلت فرمايائون.

مصرع: در جهان بـ اوندارد صدر شيخي رونقه ـد-

شيخ چاون ابن عمر چشتي رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن جمڻ جي جاءِ اجمير شريف آهي. هجري سنه نو سؤ پنجاهه جي لڳ پڳ پنهنجي وطن کان مالوه جي سير واسطي آيا هئا. ڪجهه ڏينهن گوٺ بغلجه ۾ مانڊوءَ جي قلعي جي هيٺان گذاريائون. پوءِ مانڊوءَ جي جامعه مسجد ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئائون. هڪ ٽوڪري ريتيءَ جي زمين تي ڦهلائي ڏينهن جو ان تي وهندا هئا ۽ انهيءَ تي ئي رات جو به سمهندا هئا. هڪ پراڻو ڪمبل چتين سان پريل همراه رکندا هئا. سرديءَ جي موسم کان سواءِ ان کي ڪڏهن به نه ويڙهندا هئا. نه ڪنهن جي گهر ويندا هئا نه ڪنهن کان ڪجهه گهرندا هئا. اهڙيءَ طرح تقريباً ٽيهه سال انهيءَ جاءِ تي توڪل ۾ زندگي گذاريائون. هجري سنه نو سؤ اٺ ۾ جڏهن صوبو مالوه سجاول خان افغان جي قبضي مان نڪري اڪبر بادشاه جي قبضي ۾ آيو ۽ هو بد نصيب ڪوهستان بگلاڻه ۾ پڄي وڃي لڪو ته بخشيان صوبي سرڪار مانڊوءَ کي پير محمد خان

www.maktabah.org

جي نالي تي جاگير ۾ ڏئي چڏيو ۽ ان سان گڏ ٽي هزار سوارن جي پگهار به ڏنائين. ان جي ٻئي سال جاگير جو صاحب شيخ جي ملازمت ۾ حاضر ٿيو ۽ هي ته ملڪ خانديس ستين صديءَ جي اڌ کان فاروقي طبقي جي قبضي ۾ آهي ان جي فتح جي ارادي جي متعلق کجهه گذارش کيائين. مگر پاڻ اجازت نه ڏنائون. بلڪ ارادو ختم ڪرڻ لاءِ اشارو فرمايائون. ليڪن هن قبول نه ڪيو ۽ لشکر ڪشيءَ جو اهتمام ڪيائين ۽ شڪست کائي موٽيو. خانديس جي فوج تعاقب ڪندي اهڙو ته اچي مليا جو ايتري گنجائش به نه چڏيائون جو ٻيڙيءَ کي ملاح هُن کناري کان هِنَ کناري تي وٺي اچي. لاچار گهوڙي کي درياهه ۾ لاٿائين. پاڻي دٻاءَ ۾ هو ۽ گهٽن سوارن سان گڏ ٻڏي ويو.

مٿين ڪرامت ڏسي اڪبر بادشاه طرفان مقرر ڪيل مالوه جا جاگيردار ساڻن نهايت نيڪ اعتقاديءَ سان پيش ايندا هئا ۽ سندس ڳالهين مان حالات جو اندازو لڳائيندا هئا. هجري سنه نو سؤ اٽاسيءَ ۾ رحلت فرمايائون سلطان هوشنگ غوريءَ جي گنبذ جي ٻاهران اگڻ ۾ سندن قبر بنائي وئي.

مولانا روح الدين رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن پيدائش جي جاءِ لار ۽ آخري آرامگاه برهانپور خانديس آهي. مولانا عماد طارميءَ جي ٻيڙ جا پٽ آهن. لار کان هرمز جي رستي آيا ۽ دکن جي بندرن مان کنهن هڪ بندر تي ظهور فرمايائون. احمد نگر جو فرمانروا برهان نظام الملڪ هو. ان ساڻن سٺو سلوڪ نه ڪيو. لهذا پاڻ اُتان برهانپور جو عزم ڪيائون. هتان جي سپهه سالار کين نهايت دلي توجه سان آدر ياءُ ڪيو. پهريائين سندن لاءِ گهر ۽ مدرسو ٺهرايائين. پوءِ کجهه ڏينهن کان پوءِ صوبي جي حاڪم ڪمال آرزو ۽ عاجزيءَ سان کين علائقي جو قاضي القضاة بڻايو. پاڻ کيترن سالن تائين عقلي ۽ نقلي علمن جو درس ڏيندا رهيا. گهٽن ماڻهن سندن خدمت مان فضيلتون حاصل ڪيون.

شيخ حسن محمد رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ صدرالدين محمد ذاڪر جي ٻيڙ جا پٽ هئا. ڄمڻ جي ۽ آخري آرامگاه جي جاءِ جانپانير ۾ اٿن. توڪل ۽ تسليم سندن باطن کي گهر بنائي

www.maktabah.org

ڇڏيو هو گودڙي ۽ پيراهڻ کي پنهنجي درويشيءَ جو نشان نہ سمجهائون. پاڻ قبا ۽ ٻيا لباس استعمال کندا هئا جنهن سان فقر جو ڇهرو لکي ويندو هو. احوال کي لکائڻ ۾ پاڻ ايتري تہ کوشش کندا هئا جو ورهين ۾ ٻہ ويجهن دوستن کي سندن تنگ دستي يا فاقہ کشيءَ جي خبر کانہ پوندي هئي. جڏهن سندن اسبابن کان قطع کرڻ جي حقيقت ظاهر ٿي پئي تہ هڪ ڏينهن سندن مامي چيو تہ ظاهري سببن کي هٿ لڳائڻ حقيقي توکل جي خلاف ناهي. پاڻ جواب ڏنائون تہ ظاهري اسبابن کان جيڪا قطع اختيار کئي وئي آهي اها توکل جي کري نہ بلڪ همٿ جي سامهون دنيا و مافيها جي حيثيت هڪ رائيءَ جي ذري جيتري ٻہ معلوم نہ ٿي ٿئي. ۽ ٻي شمار شريک هن ۾ دل کي الجهائي تلاش ۾ آهن لاچار غيرت ۽ شرم مونکي انهيءَ تي مجبور کيو تہ پاڻ کي هوس جي فرمانبردارن جو شريک نہ بنايان بلڪ ممتاز حيثيت سان زندگي گذاريان.

مولانا عبدالجليل جونپوري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ عزيزالحق جا خليفا آهن. فضيلت جا صاحب- اهل کمال- رياضت کندڙ ۽ عارف هئا. کتابن جو محققانو درس ڏيندا هئا. گهٽو کري روزو رکندا هئا. جڏهن وجد ٿيندو هئن يا رقت ٿيندي هئن تہ فرمائيندا هئا تہ الله جل شانہٗ منهنجي متان عملي مسائل جي صورت ۾ تجلي ٿو فرمائي. هجري سنہ نو سؤ اٺاسيءَ ۾ حجاز جي مقدس سفر جو ارادو کيائون. اوچتو سندن پير جي خانقاه ۾ بدمعاشن جي هڪ جماعت گهڙي پئي ۽ کين شهيد کري ڇڏيائون. انهيءَ ئي جاءِ تي قبر ناهي وئي.

شيخ حسن پور شيخ عبدالله قريشي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن ولادت جي جاءِ ۽ آخري آرامگاه ٻئي کالپيءَ ۾ آهن. شيخ برهان انصاريءَ جا مريد آهن. فارسي شعر ۽ نظم جو رنگ قديم طرز جو هئن. رسمي علمَ سنجيدگيءَ سان حاصل کيا هئائون. وحدت جي گروه جي اصطلاح تي عقلمنديءَ جي گفتگو کندا ۽ ٻڌندا هئا. سماع جي مجلس ۾ گهٽ ويندا هئا ۽

www.maktabah.org

پنهنجي رهڻ واري جاءِ ۾ هميشہ وهندا هئا. ملک الشعراء شيخ ابوالفضل فيضي فياضيءَ سندن رحلت جو سال لفظ "فضائل پناهيءَ" مان ڪڍيو جيڪو هجري سنہ نو سؤ اٺاسي آهي.

راجي سيد مصطفيٰ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن والد بزرگوار جو نالو سيد مبارڪ ابن سيد محمود ابن سيد نور ابن سيد حامد شاھ آهي. ۽ سيد حامد شاھ شيخ حسام الدين مانڪپوريءَ جا وڏا خليفا هئا. سندن درويشانہ اخلاق ۽ صوفياڻہ انداز هئا. سندن طبيعت ناموافق شين کي برداشت نہ ڪري سگهندي هئي. زندگي نزاڪت سان بسر ڪندا هئا. ظاهري پاڪيزگي ۽ اندروني صفائي سندن خميره ۾ داخل هئي. سرور ۽ سماع کي گهڻو پسند ڪندا هئا. ليڪن هر هڪ نغمي تي سندن دل بي قابو نہ ٿيندي هئي. جيستائين ڳائڻ وڄائڻ وارا علم موسيقيءَ جا ڪامل ماهر نہ هوندا هئا تيستائين سندن مٿان وجد ۽ رقت طاري نہ ٿيندي هئي. انهيءَ صورت ۾ سندن معنوي سڪر ڏڪهو ٿي ويندو هو. غوث الاوليا جا ناني هئا. ۽ قطب الاقطاب جي نياڻيءَ مان ڪيترائي فرزند هئن انهن مان هڪ راجي سيد محمد آهي جيڪو پنهنجي پيءُ جو جانشين آهي. الله تعاليٰ جلشانہ سيني کي وڏن جي ڪمالات تي پهچائي. جڏهن هجري سنہ نو سؤ چوراسيءَ ۾ اڪبر بادشاه جو لشڪر دارالخلافہ آگري کان مالوه ڏي ڪوچ ڪري آيو تہ سڀ مشائخ فقراءِ فضلا- قضاة ۽ شاعر لشڪر سان گڏ هئا. مصنف بزرگن جي ملاقات جو پياسو هئڻ سبب خبر پڌندي بيتاب ٿي گهر ۾ ويهي نہ سگهيو. جيڪي بزرگ سير لاءِ نڪتا هئا انهن سان گڏ مصنف بہ هو ۽ راجي سيد مصطفيٰ جي ديدار سان ظاهري ۽ باطني اکين کي منور ڪيو. ۽ الاهيات وارن جي انجمن ۾ ڪيترا دفعا شريڪ ٿيو. هي انجمنون اهڙيون تہ فيض واريون هيون جو ڇڻ تہ رياضت جو چلو هر هڪ مجلس جي شريڪ تي نثار ڪجي خاص ڪري انهيءَ مجمعي ۾ جيڪو شيخ ضياءُ الدين ابن غوث الاولياءقدس الله اسرارهم جي خيمي ۾ هو هر طرف ڪان الحوصلہ الحوصلہ جو آواز ۽ الاستعداد الاستعداد جو فرياد بلند ٿيندو هو. اُهو شخص عجيب سعادتمند آهي جنهن جي طلب جو پيالو انهيءَ وحدت جي شراب سان مالا مال ٿي وڃي.

www.maktabah.org

شيخ شمس الدين رحمه الله جي ياد ۾

سندن لقب ۽ تخلص "زنده دل" هو. ۽ پاڻ شيرازي آهن. سندن مزار بيجاپور دکن ۾ آهي. سندن حالات هن طرح آهن ته چوڏهن سالن جي عمر ۾ پاڻ علم جي تحصيل ڪري تفسير بيضاوي شريف تي حاشيو لکيو هو. پارس جي حڪمرانن جي نسل مان آهن. جڏهن سلطنت سندن سوٽن جي هٿن ۾ آئي ته ساٽن بداخلاقي ۽ ڪوتاهه نظريءَ سان پيش آيا. ان ڪري سندن والده ماجده پنهنجي پٽ جي سلامتيءَ واسطي اها راءِ قائم ڪئي ته سندن هن ملڪ مان سفر ڪري هليو وڃڻ کان سواءِ چارو ڪونهي. جڏهن حڪومت نه رهي ته پوءِ ٻين پيشن اختيار ڪرڻ جي بجاءِ درويشي سڏي آهي. پاڻ پنهنجي والده جو فرمان قبول ڪري روانه ٿيا. روانگيءَ وقت مهربان ماءُ کين ٻه نصيحتون ڪيون پهرئين اها ته بيعت ڪنهن اهڙي بزرگ جي ڪجانءِ جيڪو زماني جو قطب يا غوث هجي. ٻي اها ته جيستائين زنده رهين هن ملڪ ۾ واپس اچڻ جي خواهش نه ڪجانءِ. پاڻ والده جي حڪم موجب قلندري لباس ۾ عراق ۽ عرب جي رستي کان هر هڪ شهر ۾ سير و سياحت ڪئي ۽ انهيءَ دوران پير جي تلاش ۾ جاري رکيائون. ليڪن تقدير سندن طبيعت ۾ اها ڳالهه اچڻ نه ڏني ته ڪنهن بزرگ جي سامهون ويهي بيعت ٿين. هتان پاڻ ديو نالي جزيري ۾ آيا جتي هڪ درويش صاحب سان ملاقات ٿين جنهن جي ديدار سان هڪ قسم جو جذب پيدا ٿين ۽ ڪجهه ڏينهن سندن خدمت ۾ رهي دل ڪي آزمائڻ لڳا ته خبر ملين ته شيخ محمد غوث قدس سرهُ جيڪو هن درويش صاحب جو پير آهي. گواليار کان هجرت ڪري احمد آباد ۾ آيو آهي ۽ ميدان ۾ سيني کان سبقت کڻي ويا آهن. پاڻ هي الهامي پيغام ٻڌي خوشيءَ سان احمد آباد جو رستو طئه ڪيو ۽ خانقاه جي معلومات ڪري دربار ۾ حاضر ٿيا. هڪ اخروٽ کڻي سامهون ويا. عقل ۽ خواهش جيڪا به هئي سڀ هڪ ئي ديدار جي نذر ٿي وئي. خيالات ۽ سوالات جيڪي به ضمير ۾ ڦري رهيا هئا سڀ وسري وين. انهيءَ بيهوشيءَ جي عالم ۾ قطب الاقطاب سندن هٿ اخروٽ سوڌو پکڙيو. ۽ فرمايائون ته تون منهنجو مريد آهين. پاڻ جواب ڏنائون ته هائو. آخرڪار چند سال خدمت ۽

www.maktabah.org

رياضت کان پوءِ پنهنجي اخلاق ۽ اوصاف جي تهذيب تبديل ڪري مڪمل ٿيا. دکن صوبي جي باشندن جي رهنمائيءَ جي اجازت ملي. پاڻ فرمائيندا هئا تہ جڏهن مان مالوه کان هليو هئس تہ ڪجهہ سير ڪڏڪ زنبيل ۾ رهجي وئي هئي. جڏهن بيجاپور ۾ پهتس تہ آبادي‌ءَ کان پنج ڪوهہ پري هڪ ڪليل مٿانهين‌ءَ تي رهيس ۽ بچل ڪڏڪ ان مٿانهين جي بلنديءَ جي دامن ۾ ڇنڊي ڇڏيم. هر سال ڇمندي هئي ۽ مان ضرورت جيتري ڪٽي وڻندو هوس ۽ باقي زمين تي ڪري پوندي هئي. وري فصل جي موسم ۾ ڇمندي هئي. اهڙي طرح گذر اوقات ان طرح مقرر ٿي وئي تہ پوءِ مان ڪنهن کان بہ ڪجهہ بہ نہ وڻندو هئس ۽ ان جي باوجود جو سيني مشهور سلسلن ۾ مون کي اجازت هئي ليڪن جيستائين پير زنده هو ڪڏهن بہ ڪنهن کي مريد ڪرڻ جو خيال نہ ڪيم بعد ۾ شيخ عبدالغفور نالي هڪ جوان استعداد جو صاحب هو ان کي پنهنجي خدمت ۾ قبول ڪيم. ۽ ان جي تربيت ۾ همٿ ڪيم. شيخ عبدالغفور کي پنهنجي گهر ۾ ڇڏي جڏهن پنهنجي پير جي روضي جي زيارت لاءِ گواليار ويندا هئا تہ وڃڻ ۽ موٽڻ مهل ٻئي دفعا مانڊوءَ کان گزرندا هئا ۽ مصنف جي محلي ۾ ترسندا هئا مصنف علم تڪسير ۽ جفر جامع ۾ سندن شاگرد آهي. مطلب تہ ايزدي اسرارن جي هنگامي ۾ عجيب رونق ايندي هئي. هجري سنہ نو سؤ چهاسيءَ ۾ زيارت ڇڏي ٽن سالن تائين پنهنجي گهر ۾ حق پرستي ڪندا هئا پوءِ هجري سنہ نو سؤ نوي ۾ آخري سفر پيش آيو. اُهو ئي مريد شيخ عبدالغفور پنهنجي بزرگ پير جو طريقو جاري رکيو اچن خدا اجا وڌيڪ توفيق ڏئي.

مصرع: زنده دل رفت و برو زنده دلي-

شيخ عبدالوهاب افغان رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ فضل الله ابن حسين ملتاني چشتيءَ جا مريد آهن. ڇمڻ جي جاءِ ۽ آخري آرامگاه ٻئي مانڊوءَ ۾ اٿن. جوان سپاهي هئا. اوچتو الاهي جذبو پيدا ٿين ۽ ان جي ذريعي سان باطن کي انانيت کان پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏيو. پنهنجي طور طريقن کي ڇڏي ڏنائون. انهيءَ خيال سان تہ مون ۾ مردانگي کانهي ۽ بظاهر عورت بہ نہ آهيان تہ پوءِ بهتر اهو آهي تہ پاڻ کي عورت ۽

www.maktabah.org

مرد ٻنهين جي لباس ۽ زيور ۾ تقسير ڪيان. انهيءَ بيان تي پاڻ اڌ حصي کي مردانہ لباس ۽ روش ۾ رکندا هئا. عرصي تائين انهيءَ طريقي سان بسر ڪيائون. آخرڪار جڏهن جذبي جو جوش ٿڏو ٿيو تہ گودڙي پائي سير ۽ سلوڪ ۾ داخل ٿيا. نور جا شعاع سندن پيشانيءَ مان ظاهر هئا. ڪنهن بہ ماڻهوءَ ڪان فقر جي اوقات ۾ فتوحات جي طريقي سان ڪجهہ بہ نہ ورتائون. ليڪن ڪائين جي پري جهنگ مان آٽي بازار ۾ وڪٽندا هئا ان قيمت مان ٿي حصہ ڪندا هئا. هڪ حصو عيال تي صرف ڪندا هئا. ٻيو حصو پنهنجي خوراڪ تي خرچ ڪندا هئا ۽ ٽيون حصو ويچارن ۽ يتيمن ۾ تقسير ڪري ڇڏيندا هئا. انهيءَ طريقي سان معاش مان ڪائيندا هئا. هجري سنہ نو سؤ نوي ۾ پنهنجو ظاهري منهن خاڪي عالم مان لڪائي روحانيت جي بزم ۾ وڃي ڪوليائون.

شيخ منور رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ نورالله ابن قاضي معزالدين ابن قاضي الهداد ابن قاضي محمد شرعي جا فرزند آهن. قرنع جي گروه مانَ آهن سندن وڏي ڏاڏي جو وطن توران ۾ هو. ان کي زماني جي حادثن ڪري ويرانيءَ اچي گهيريو. لاچار هندستان ڏي اچڻ جو اتفاق ٿيو. سرڪار ميوات ۾ هڪ ڳوٺ جمرادت نالي آهي، موصوف سير ڪندي انهيءَ ڳوٺ ۾ اچي پهتو ۽ رسمي علوم جي حاصل ڪرڻ کان پوءِ آخرڪار انهيءَ علاقي جي ڪوهستان ۾ گوشي نشين ٿي ويو. ۽ پنهنجي اندر کي اجارڻ جي جستجوءَ ۾ مصروف ٿي ويو. چند ڏينهن بہ نہ گذريا تہ اُن ملڪ جي ننڍن وڏن جون آگريون قاضي محمد ڏي اٿڻ لڳيون ۽ نيڪ ڪردار ڪري نامور ٿيا ايتري ۾ ڳوٺ جي قاضيءَ جي ضرورت پئي. ڳوٺ جي وڏن ۽ ٻين وڏن ماڻهن جي ذهن ۾ اها ڳالهہ آئي تہ فيصلن جو اختيار قاضي محمد جي اختيار ۾ ڏنو وڃي. هن تي سڀ متفق ٿي قاضي محمد جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ هن معاملي کي گهڻي منٿ ميڙ سان پيش ڪيائون مگر قبوليت جو جواب نہ مليو. گهڻي مدت تائين هن گفتگوءَ جو سلسلو هليو. آخر هڪ رات عالم مثال ۾ حضرت خاتم النبيين عليہ السلام جن ارشاد فرمايو تہ محمد! تنهنجي نشست شريعت جي مسند تي پسند ڪئي وئي آهي ۽ لقب "شرعي" عنايت ٿيو

www.maktabah.org

آهي. ان کري قاضي محمد شرعيءَ جي نالي سان شهرت ٿيـن. جڏهن اهـو واقعو پيش آيو تہ مجبور ٿي انهيءَ منصب جو بار کنيائون ۽ بن نسلن تائين هڪ کان پوءِ ٻيو انهيءَ مسند تي جانشين ٿيندا رهيا.

جڏهن شيخ منور جو وارو آيو تہ قضا جي منصب کي اختيار کرڻ کان اڳ ئي الاهي جذبي سندن هستيءَ کي مٿي کان پيرن تائين اهڙو تہ جکڑي بند کيو جو وطن کان نکري پير جي جستجوءَ ۾ لڳي ويا. جتي بہ کنهن درويش جو نالو ٻڌائون خدمت ۾ پهچي فيض حاصل کيائون. چون ٿا تہ هڪ رات خواب ۾ هڪ کشادي ميدان ۾ هڪ مزار نظر آين. چاهن پيا تہ اُن خوشبودار خاڪ کي چُمن اوچتو ان قبر ما هڪ هٿ نڪتو. پنهنجي مريدن جي طريقي سان مصافحو کيائون ۽ مجاورن کان پڇائون تہ هيءَ قبر کهڙي خداشناس بزرگ جي آهي. جواب ملين تہ خواجہ معين الدين چشتي اجميريءَ جي. هيءَ خوشخبري ٻڌي بيحد خوش ٿيا. صبح ٿيندي ئي ناگور ڏي هلڻ لڳا. هتي خواجہ خانون جي خدمت ۾ کين فيض هدايت حاصل ٿيو. پهريون ئي ديدار کيائون تہ تن کمال سان گرويده ٿي بيعت لاءِ تيار ٿيو. اجا انهيءَ خيال کي ظاهر نہ کيائون تہ ضمير شناس خواجہ فرمايو تہ منور ٿون توکي پنهنجي بيعت ۾ سعادت جو درجو ڏنو. تعجب جي ڳالهہ آهي تہ صرف ايتري ڳالهہ کري بيعت لاءِ خواجہ هٿ نہ وڌايو ۽ فرمايائون تہ تون اڳ ۾ ئي دست بوسيءَ جي دولت ۾ کامياب ٿي چکو آهين. خواجہ جو واقعو ياد کري اجا اعتقاد وڌين. هر حال ۾ پير جي خدمت ۾ رهيا ناگور کان چنديريءَ ۾ ۽ چنديريءَ کان گوالیار ۾ آيا. پير کجهہ وقت کان پوءِ گوالیار ۾ خلافت جو خرقو عطا فرماين ۽ پاڻ سان گڏ آگري وٺي ويا. ۽ جاءِ ڏيکاري تہ هن جاءِ تي پنهنجي رهائش اختيار کر. چنانچہ حکم مطابق آخري ساهہ تائين جيکو تاريخ ستاويهين ذي القعد هجري سنہ نو سؤ نوي هو. انهيءَ جاءِ تي ئي رهيا ۽ آخر اُتي ئي دفن ٿيا.

چون ٿا تہ شيخ جنيد ابن شيخ بهاءالدين مفتي هڪ ڏينهن اڏهم خان کي شيخ منور جي خدمت ۾ وٺي ويا. اڏهم خان دير تائين بيٺو رهيو. جڏهن عرض کيو ويو تہ فلاڻو خان بيٺو آهي تہ فرمايائون تہ چو نہ ٿو ويهي. هن نذر پيش کئي. پاڻ قبول نہ فرمايائون ۽ فرمايائون تہ شهر ۾ جيکي ماڻهو انهيءَ جي خواهش رکن ٿا انهن کي تقسيم کيو. ان کان پوءِ اڏهم خان دعا لاءِ عرض

www.maktabah.org

ڪيو تہ پاڻ خاموش رهيا. اڇڻ وارو پريشان حاليءَ سان خدمت مان اٿيو. جڏهن وينل ماڻهن دعا نہ ڪرڻ جو سبب پڇيو تہ پاڻ جواب ڏنائون تہ هن جي مغز ۾ حڪمرانيءَ جي آرزو پريل آهي. حالانڪ هن جي جسم تي سر آهي ئي ڪونہ تہ پوءِ مان ڪيئن مدد ڪيان. چون تہ تہ انهن ئي ڏينهن ۾ اتڪا خان هن کي آگري جي قلعي کان هيٺ ڪيرائي ختم ڪري ڇڏيو.

شيخ يوسف بنگالي رحمۃ اللہ جي ياد ۾

قرطاسي علمن جي لاءِ سندن دل ڪتابن جي صندوق هئي ۽ سندن زبان مجلد ڪتابن جو دوڪان هئي. پاڻ جوانيءَ جي شروعات ۾ علم جي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيدائش جي جاءِ کي ڇڏي تعليم ڏيندڙ مهربان استاد جي تلاش ۾ هڪ شهر کان ٻئي شهر ۽ هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ڏي هلندا رهيا. آخرڪار ازلي هدايت کين احمد آباد گجرات ۾ قطب مدار شيخ وجيهہ الدين احمد علويءَ جي خدمت ۾ پهچايو. جڏهن سيني نقلي ۽ عقلي علمن کي حاصل ڪيائون تہ شيخ علويءَ جي طرفان برهانپور جي اجازت ملين. پاڻ اُتي پهچي شيخ سالم جي پاڙي ۾ گوشي نشيني اختيار ڪيائون. طب جي علم ۾ شيخ سالم وقت جو جالينوس هو ۽ نفس کي مسيحائي حڪم حاصل هو. چند ڏينهن کان پوءِ شيخ سالم پنهنجي ڏيءُ کين ڏئي ڇڏي گهر ۽ سامان ٻئي پهچايا ويا. ڪافي عرصو پاڻ درس ڏيندا رهيا، پر تصوف جي تعليم ڏيڻ کان گريز ڪندا رهيا. جيڪڏهن ڪو آرزو مند ضد ڪندو هو تہ پاڻ ان کي حقيقت کان آگاہ شيخ يوسف سنڌيءَ جي درس ۾ موڪليندا هئا. مسيح القلوب ڪن علمن ۾ ۽ فضيلت جو درياہ شيخ پير محمد حليم گهٽن علمن ۾ سندن شاگرد هئا. شيخ پير محمد حليم انهيءَ درجي جا انسان هئا جو ننڍا وڏا ۽ مسافر ۽ مقيم ان جي درس مان فيض حاصل ڪندا هئا. هڪ ڏينهن شيخ يوسف جي نائي شيخ سڪر جيءَ جيڪو حڪيم عثمان بوبڪائيءَ جو شاگرد آهي مسيح القلوب جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ منهنجي سهري آخري وقت ۾ وصيت ڪئي هئي تہ منهنجي پٽن کي حقائق نثار حقيقت آگاہ شيخ طاهر ابن يوسف سنڌي جي درس ۾ تبرڪ جي طور تي وڃي ٻہ ٽي حرف پڙهڻ گهرجن. انهيءَ پڙهڻ جو اثر آخر ۾

www.maktabah.org

ظاهر ٿيندو. هاڻي جيئن ته سندن بن پٽن عبدالله ۽ عبدالرحمٰن پنهنجي پيءُ جي وصيت تي عمل ڪيو آهي ان ڪري ڪين فضيلت حق شناسي ۽ خدا پرستيءَ جون سڀ فضيلتون حاصل ٿي ويون آهن. يوسفي خوابگاه برهانپور ۾ آهي.

شيخ ابراهيم قاري شطاري رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن ولادت سنڌ ۾ ٿي. شيخ لشڪر محمد عارف جا مريد آهن. سندن عملن ۾ رعونت جي دز داخل ٿي نه سگهي هئي. سندن مراقبي جو گريبان خودفروشي کان آجو هو. پاڻ ڪيترن ئي قسمن جا خط استاديءَ سان لکي ڇاڏندا هئا. قرائت جي علم ۾ زماني وارن کي جبرئيلي لهجو سيکاريندا هئا. چنانچ سندن پير ۽ مسيح القلوب ۽ تجويدالقرآن ۾ سندن شاگرد آهن. سندن پير ڪجهه ڏينهن فتوحات جي آمد پاڻ تي حرام ڪري ڇڏي هئي. پاڻ پنجويهن سالن تائين جهنگ مان ڪاڻيون آڻي وڪڻندا هئا ۽ ان جي رقم مان اُها پنهنجي پير جي خوراڪ لاءِ خرچ ڪندا هئا. مطلب ته جڏهن پاڻ پنهنجي پير سان گڏ احمد آباد ۾ غوث الاولياءَ قدس سرهُ جي خدمت ڪئي ته غوث الاولياء گهٽو توجه فرمائي ڪين نماز لاءِ امام مقرر فرمايائون. ان کان پوءِ پاڻ يارهن سال خاص غوث الاولياءَ جي امامت ڪيائون. ۽ لاهوتي مرغ جو لقب ملين. پير جي حوالي سان روايت آهي ته پاڻ عشا نماز جي فرض کان فارغ ٿي اٺن رڪعت جو شغل شروع ڪندا هئا ۽ صبح جي سفيديءَ تائين جاري رکندا هئا. ۽ استيلائي عشقيه جي شغل کي هڪ ساهه ۾ چوويهه دفعا پورو ڪندا هئا. ليڪن آزادي ۽ بيخوديءَ کي هٿ مان وڃڻ نه ڏيندا هئا. هن قول جي تصديق هن طرح آهي ته هڪ ڏينهن مولانا حافظ صدر سنڌيءَ سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ته اسان جي حاڪم محمد شاه فاروقيءَ فرمايو آهي ته هڪ عمر رسيده ضعيف شخص قرآن پڙهائڻ وارو جيڪو قرائت جا اصول ڇاڏندو هجي وڻي اڇو ته جيئن ان کي پرده نشين حرمن جي تعليم لاءِ مقرر ڪجي. هاڻي گهٽي ڳولا کان پوءِ مٽين صفتن وارو توهان کي لڏو ائٽون. جيڪڏهن اجازت ڏيو ته معاملو اڳتي وڌائجي. پاڻ فرمايائون ته مان نظر باز پير آهيان ان ڪري مونکي نامحرمن تي نگاه نه ڪرڻ ڪپي. چو ته منهنجون اکيون ۽ دل اڃا منهنجي قابوءَ

www.maktabah.org

۾ نہ آهن. ان ڪري بهتر اهو آهي تہ انهيءَ خيال ڪي ئي ڇڏي ڏيو. مونکي ۽ پاڻ کي خطرناڪ گرداب ۾ نہ وجهو جيئن مان هر عمر وارن وٽ شرمندگيءَ جو سبب نہ بنجان. اهڙي قسم جي گفتگوءَ سان پنهنجي وضع داريءَ ڪي تبديل نہ فرمايائون ۽ آزاديءَ جو دامن سبز باغ ڏيکارڻ وارن جي هٿن ۾ نہ ڏنائون. توڪل ۽ تواضع ۾ استحڪام سان ثابت قدم رهيا. لباس درويش نما رکندا هئا. هر طريقي سان سبيل يا بغير سبيل ڪپڙي سان اوگهڙ ڍڪڻ جو ڪم ونندا هئا. هڪ ڏينهن پاڻ ٻڌائون تہ هڪ شخص اهو ٿو چوي تہ ڪاڏو ڪائڻ وقت روزي ڏيڻ واري جو نالو ونڻ گهرجي. هن جي جواب ۾ فرمايائون تہ آفرين آهي توڪي- ليڪن ابراهيم جي نزديڪ تہ صوفي اهو آهي جيڪو حقيقي رازق جي مشاهدي کان سواءِ ڪاڏي ڏي هٿ ئي نہ وڌائي. هجري سنہ نو سؤ ايڪانوي ۾ سندن زندگيءَ جو صبح موڪلاڻ واري شام سان وڃي مليو. آخري آرامگاه برهانپور ۾ اهي. مصرع: صبح و شامش باد زلف وردي حور-

شيخ قطب جهان ذاڪر نهروالہ رحمۃ اللہ جي ياد ۾

پاڻ اڪيلائيءَ ڪي پوري همٿ سان پکڙيو هئائون. تعلقات جي پابندي ۽ خواهشن جي دوستيءَ کان انڪاري هئا. اهڙيءَ حالت ۾ اللہ تبارڪ وتعاليٰ جي يادگيريءَ ۾ سندن ظاهر ۽ باطن آراسته هو. سندن فرزند شيخ عابد جو چوڻ آهي تہ منهنجي والد بزرگوار جو گهر ۾ سواءِ هڪ پراڻي تڏي جي ڪنهن بہ شيءِ سان تعلق نہ هو ۽ هميشہ در جي طاقن ۾ زنجيرون ٻڌل هوندیون هيون. جڏهن بہ ڪو ماڻهو دروازي تي سندن ملاقات لاءِ ايندو هو ۽ پاڻ ڪيس اندر گهرائڻ پسند نہ ڪندا هئا تہ پاڻ نڪري دروازو کوليندا هئا ۽ حجري تائين گڏ ايندا هئا. ۽ جڏهن اُهو ماڻهو واپس ويندو هو تہ هن ڪي واپسي دروازي تائين ڇڏي دروازي ڪي زنجيرون ٻڌي ڇڏيندا هئا. اهڙي طرح اڪيلائيءَ ۾ رهندا هئا ۽ هميشہ ماڻهن سان اهوئي سلوڪ ڪندا هئا. شيخ احمد يحيٰ منيري قدس سرہٗ جي مڪتوبات جي مقابلي ۾ پاڻ مڪتوبات لکيا اٿن. هر هڪ مڪتوب ۾ الاهي اسرار ۽ معرفت پريل آهي انهن کي ڏسڻ سان حقيقت معلوم ٿئي ٿي. نہ تہ بيان جي ذريعي کوبہ سندن ڪمال جي منهن تان پردو هٽائي نہ سگهندو

www.maktabah.org

هو. شيخ لشكر محمد عارف ۽ سندن مامون شيخ ولي محمد پهريائين ذڪر جي تلقين انهيءَ ئي موحد بزرگوار جي خدمت مان حاصل ڪئي هئي پوءِ قطب الاولياءشيخ محمد غوث جي خدمت ۾ پنهنجي استعداد کي ترقي ڏنائون ۽ گروهن جا گروه ماٺهن جا هدايت ۽ ولايت جي درجي تي پهچايائون.

شيخ بايزيد شرواني رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ سيد ولي چرٽاوليءَ جا مريد آهن. آزاد دليءَ سان زندگي گذارينداهئا. سندن شور ۽ غل سان سماع جي محفل ۾ نمڪيني پيدا ٿيندي هئي ۽ سندن روئڻ سان سندن ساٿي ۽ ٻيا ڏسڻ وارا رقت ۾ اچي گريو ۽ زاري ڪندا هئا.

شيخ لشكر محمد عارف رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ ملڪ راجن ولد ملڪ پير ولد ملڪ رڪن قريشيءَ جا فرزند آهن. زمانو معنيٰ جي اعتبار ڪان سندن نظير الاهي علم جو عالم ٻڌائيندا هئا ۽ ڏسڻ وارن صورت جي اعتبار کان سندن شبيهه ڪي آئيني فروش جي دڪان ۾ ظاهر ٿي ڪيو جيئن ته عبارت جو گهوڙو حقيقت جي ميدان ۾ بلڪل لنگڙو آهي. ان ڪري بهتر اهو آهي ته سندن پسنديده حالات بيان ڪري سعادت حاصل ڪجي. گجرات جي ويجهو هڪ ڳوٺ مهلاسه نالي آهي. انهيءَ ڳوٺ ۾ پاڻ ڏهين صديءَ جي آغاز ۾ پيدا ٿيا. سندن والده تيرهن ڏينهن ڪان پوءِ ۽ سندن والد بزرگوار ڇهن مهينن کان پوءِ رحلت فرمائي. ان ڪري سندن پرورش جي نوبت سندن ڏاڏي ڪي نصيب ٿي. سندن وڏا سڀه گري ڪندا هئا. پاڻ هوش سنياڻ جي وقت قاضي محمود ٻيرپوريءَ جو دامن پنهنجي ارادت جي هٿن سان پڪڙيائون.

پاڻ هڪ ڏينهن فرمايائون ته قاضي محمود کي پيٽ جي بيماري هئي. هڪ ميدان ۾ پردي جي ضرورت پيش آئي ايتري ۾ منهنجي ڏاڏي جو اٺ اچي پهتو. مون ان کي ويهاريو ۽ سامان مان تنبو ڪڍي لڳايم منهنجي انهيءَ عمل سان پير ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سندن خوشيءَ سان منهنجي حالات ۾ گهٽي درستي آئي ۽ اها ئي خوشي منهنجي صلاحيت- راست ڪرداريءَ جو بنياد ٿي- سپاهه گري وڏن جو شيوو هو ليڪن مون ان کي سورهن سالن جي عمر ۾ ترڪ ڪيو.

www.maktabah.org

۾ حقيقي رهنمائيءَ جي ڳولا ۾ رهيس. طلب سچي هئي اُها مون کي بحرالمعارف شيخ قطب جهان ذاکر نهروالہ جي خدمت ۾ وئي آئي. شيخ پهريائين مون کي ذکر جو شغل تلقين فرمايو. تلقين کان پوءِ منهنجي باطن تي اُهو ذکر کامل طرح غالب ٿي ويو. ايتري قدر جو بن سالن تائين منهنجي دل تي سيني شين جي آمد رفت جو رستو ئي بند رهيو. مان رسالي منهاج العابدين کي پڙهندو هئس. جيستائين پڙهيل سبق جو مفهوم سان متصف نہ ٿي ويندو هوس اڳتي نہ پڙهندو هوس. ان کان پوءِ هجري سنہ نو سؤ ايکونجاهه هو جو احمد آباد گجرات ۾ غوث الاوليا قدس سرہُ جن جي خدمت ۾ پهچي حق شناسيءَ جي پسنديده سببن کي حاصل کيم. جڏهن غوث الاوليا جن گواليار ڏي وڃڻ فرمايو تہ مون ساڻن گڏ وڃڻ جو عزم کيو. ليکن حڪم ٿيو تہ عارف! اسان توکي پنهنجي جاءِ تي معرفت جي طالبان جي هدايت لاءِ هن ئي صوبي ۾ ڇڏيون ٿا. چنانچہ حڪم پير جي تعميل ۾ ٽيهہ سال احمد آباد ۾ رهڻ جي توفيق ملي. آخرڪار هجري سنہ نو سؤ بياسيءَ ۾ برهانپور خانديس جي طرف ارادو ڪري هليو ويس.

هجري سنہ نو سؤ ٽيانوي تائين طالبان خدا لاءِ سندن هدايت جو دروازو کليل رهيو. گهٽن ماٹهن سندن مؤثر انفاس جي فيض سان امکان جي تاريڪ گهر کي شهود جي فروغ سان ۾ حقيقت جي ستاري کي قيد مان ڪيي اوج تائين پهچايو. جيڪي صاحب ساڻن نسبت رکن ٿا انهن جي ذکر سان ناظرين کي حالات معلوم ٿيندا. انشاءَ الله العزيز- هي شوال نو سؤ ٽيانوي تي عالم شهادت کان عالم غيب جي وسيع آباديءَ ڏي رحلت فرمايائون. سندن نالو جيڪو لشکر محمد عارف آهي. اهو ابجد جي حساب سان رحلت جو سال آهي.

مسيح الاولياءَ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن فرمايائون تہ هاڻي اعتبارات جي ڪثرت حقيقي لباس پاتو آهي ۾ حقيقي وحدت اعتبار جي پردي ۾ لڪي وئي آهي. چو تہ عالم (بحيثيت موجوده) ظاهر ٿيڻ کان اڳ عين حق هو ۾ ظاهر ٿيڻ کان پوءِ حق عين عالم ٿي ويو. پوءِ جڏهن اها حالت طاري ٿي ويندي هئن تہ هي حنيدي زمزم ڳائيندا هئا:

وغني لي منيٰ قلبي- و غنيت كما غنا
وكنا حثيما كانوا-
وكانوا حثيما كنا.

www.maktabah.org

وڌيڪ مسيح الاولياءکان روايت آهي تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ خدا تائين پهچڻ آسان آهي ليکن حضور خاتم النبوت عليہ السلام تائين پهچڻ دشوار بلڪ سخت دشوار آهي ڇو تہ الله تعاليٰ جلشانہ جدا جدا ۽ خاص خاص طريقن سان سڀني شين تي تجلي ٿو فرمائي ۽ پنهنجي خاص طريقي سان الله تعاليٰ جلشانہ جي طرف هر هڪ جو رستو لڳو پيو آهي. پوءِ ان خاص طريقي سان وجود مطلق جو تعين ۽ تشخص جو ادراڪ اهو ئي خدا تائين پهچڻ آهي ۽ محمد رسول الله ﷺ جن جي حقيقت جميع الاهي ۽ امڪاني ڪمالات جي جامع آهي ۽ انهيءَ حقيقت جي سجاٽپ سيني اسمائي ۽ صفاتي ڪمالات سان متصف ٿيڻ تي ٻڌل آهي. متفرق تعينات سان جيڪي طريقا مخصوص آهن جيستائين انهن مڙني طريقن سان وجود جي معرفت اجمالاً ۽ تفصيلاً حاصل نہ ٿئي. تيستائين طالب ذات بابرڪات احمدي عليہ السلام جو عارف نہ ٿو ٿي سگهي.

حضرت مسيح الاولياءَ کان اِها بہ روايت آهي تہ سيد عبدالغفور سنڌيءَ جڏهن سندن بيعت ورتي تہ پاڻ فرمايائون تہ عيسيٰ! شيخ ابوالعباس قصاب چوندو هو تہ منهنجو والد مونکي ٻڪرين ڪُهڻ کان سواءِ ٻيو ڪم سيکارينداِ ئي نہ هئا ۽ استعداد جي تعليم ولايت جي هن عالي مرتبي تي پهچايو ۽ خود منهنجي ابن ڏاڏن جو پيشو مردم ڪشي (سپاهيانہ نوڪري) هو. ليکن ڏسو استعداد مونکي ڪٽان کان ڪٽي کڻي اچي اڪابر ۽ سادات جي رهنمائي لاءِ معمور ڪيو آهي.

هيءَ بہ مسيح الاولياءَ کان روايت آهي تہ وقت جي رابعہ ٻوبو راستيءَ فرمايو تہ هڪ ڏينهن والد بزرگوار مونکي ۽ برادرم ملڪ محمد کان پهريائين راز کي مخفي رکڻ جو وعدو ورتو ۽ ان کان پوءِ هي الهامي لطيفو بيان ڪيو. تہ اڄ رات اونداهيءَ واري گهر ۾ مراقبي جي لاءِ مون مٿو جهڪائي رکيو هو تہ يا عبدالرحمٰن جو آواز ٿي دفعا مون ٻڌو. ٽئين دفعي مون لبيڪ چيو. وري آواز آيو تہ تون اونداهيءَ ۾ وينو آهين مان ڏيو موڪليان ٿو. فوراً ايتري تہ روشني ڦهلجي وئي جو انجي ڪيفيت بيان کان ٻاهر آهي. ۽ ٻوبو راستيءَ اهوبہ چيو تہ ٽيهن سالن کان پوءِ توهان جي پڇڻ تي مون هي راز کوليو آهي. پاڻ فرمائيندا هئا تہ پنهنجي قطبيت جو خطاب مان ڪيترا سال لڪائيندو

www.maktabah.org

رهيس. هڪ ڏينهن قوال آيو ۽ اُهو غزل ڳايائين جيڪو قطبيت جي درجي جي خبر ڏئي رهيو هو. مسڪرائيندي فرمايائون. عيسيٰ! هن قوال کي منهنجي راز جي خبر ڪيئن پئي.

مسيح الاولياءڪان ئي روايت آهي ته شعبان جو مهينو ۽ هجري سنہ هڪ هزار تيرهن هو ته خانخانان سپهہ سالار اڪبر شاه- شيخ ابوالخير مبارڪ ۽ مولانا صالح سنڌي ۽ قاضي عبدالعزيز عيسيٰ قادري- هي چارئي اصحاب هن درويش جي گهر ۾ راز جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا ايتري ۾ بحرالعلوم قاضي نصيرالدين شيخ سراج محمد دروازي جي ٻاهران جهومندو آيو ۽ ڪجهہ ڳالهيون بيان ڪيائين انهن مان هڪ هيءَ هئي ته رابعہ وقت بوبو راستي ڏيءَ شيخ لشڪر محمد عارف هڪ ڏينهن فرمايو ته بابا تي هڪ عجيب حالت طاري هئي جيڪا تعبير ۽ تقرير ۾ نہ ٿي اچي سگهي. جڏهن اُها حالت هٿي ته ان جي ڪيفيت معلوم ڪئي وئي. فرمايائون ته بايزيدي مقام تي مونکي وڻي ويا ليڪن الله تعالیٰ جو احسان آهي جو منهنجي زبان "سبحاني" چوڻ ڪان محفوظ رهي. ان کان پوءِ مسيح الاولياءڪان روايت آهي ته ان ۾ شڪ نہ آهي. ائين ئي آهي. مون کي ٻہ ان وقت سڏيو هئائون ۽ فرمايائون ته عيسيٰ! سبحان ربي الاعليٰ بهتر آهي يا سبحاني الاعليٰ ۽ سبحانہُ چوڻ سٺو آهي يا سبحاني چوڻ. مون عرض ڪيو ته سبحانہُ چوڻ بهتر آهي.

گلزار ابرار جي مصنف جي ذهن ۾ اها ڳالهہ ٿي اچي ته جڏهن صوفي فنا جي امداد سان عروجي سير ۽ امڪاني خلعت جسم تان لاهي الاهي لباس ۾ اچي ويو ته ان وقت سبحانہُ جو آواز نڪرڻ تاويل ۽ توجيہ جو محتاج آهي. سبحاني جو آواز جيڪڏهن نڪري ته غلط نہ آهي. چو ته اها ئي هن جي مراد آهي. انهيءَ بنياد تي سبحانہُ جي بهتر هڻڻ واسطي ٻہ توجيهات درڪار ٿيندیون. البته ان وقت ۾ توجيهہ جي ضرورت نہ آهي. جڏهن مراد اهو هجي ته بايزيدي مرتبي کي پهچڻ وارو شخص جيڪڏهن سبحانہُ چوندو ته ظاهر ٿيندو ته امڪان ۽ وجوب جي ٻنهين درياهن کي جذبات جي موجن درهم برهم نہ ڪري ڇڏيو آهي. ۽ شريعت جو برزخ جي رعايت سبب هن ۾ حفظ مراتب آهي ۽ اهوئي وچ ۾رحائل آهي ۽ انهيءَ مقام جو ڪمال ٻہ اهوئي آهي. يعني بايزيدي مرتبي تي پهچي سبحاني نہ چئي بلڪ سبحانہُ چئي. جيئن نزولي سير

www.maktabah.org

۾ جڏهن ذات مطلق انساني مظهر مان ظهور ڪندي آهي تہ سبحانُ چوندي آهي نہ سبحاني.

جيڪي اصحاب مبدا ۽ معاد جو رستو هلڻ وارا آهن ۽ جن صاحبن تي عروج ۽ نزول جي منزلن جا حالات منڪشف آهن. انهن روشن ضمير اصحابن ڪي ڇڳي طرح معلوم آهي تہ سوال جو عنوان هي آهي تہ سبحاني چوڻ بهتر آهي يا سبحانُ هن عنوان مان انهيءَ جو مفهوم ڇو ظاهر ٿئي تہ جڏهن سالڪ امڪاني مراتب طئي ڪري وجوب جي مرتبي تي پهچندو آهي تہ ان وقت انهن بنهين صيغن مان ڪهڙو صيغو چوڻ بهتر آهي. بظاهر تہ اهو ڇو معلوم ٿئي تہ سبحاني چوڻ بهتر آهي نہ سبحانُ پوءِ هن حالت تي نظر ڪرڻ سان اعتراض جي گنجائش آهي تہ مجيب ڪهڙي اعتبار سان سبحانُ ڪي اولئ چيو. ليڪن جڏهن سوال جواب جي اعتبار سان مراد هي مفهوم نہ هجي جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو. بلڪ اها هجي تہ مقام سبحاني مقام سبحانُ ڪان بهتر آهي يا سبحاني چوڻ وارو سبحانُ چوڻ واري ڪان افضل آهي يا ان جي خلاف آهي. تہ انهيءَ صورت ۾ جواب تي هرگز اعتراض وارد نہ ڇو ٿئي. ڇو تہ انهيءَ تقدير تي جواب جي اها معنئ ٿئي ٿي تہ سبحانُ جو مقام سبحانُ چوڻ وارو افضل ۽ اعلئ آهي.

هن ۾ ڪو شڪ نہ آهي خاص ڪري ان شخص لاءِ جيڪو صاحب دل هجي يا ڪَن ڏئي حضور قلب سان ڳالهہ ڪي ٻڌي ڇو. ڇو تہ سبحانُ چوڻ وارو الوهيت سان متصف ٿيڻ ڪان پوءِ امڪان سان متصف آهي جيئن حق ان ڪان پوءِ بہ واجب هو هاڻي امڪان سان متصف ٿي ويو ۽ سبحاني چوڻ وارو وجود سان متصف هوندو آهي جنهن ۾ امڪان سان هئڻ ڪري اعتبار ڪي دخل ناهي. پوءِ سبحانُ چوڻ وارو محقق آهي ۽ سبحاني چوڻ وارو مجذوب آهي ۽ مقامِ تحقيق جذب جي مقام کا وڏيڪ روشن تر هوندو آهي.

انهيءَ سبب ڪري مسيح الاولياءجي خط تي بہ نظر پوي ٿي. جيڪو مصنف جي خط جي جواب ۾ مليو آهي. مصنف جي خط ۾ انهيءَ قسم جو اعتراض هو. خط جو حاصل هي آهي تہ جڏهن سلطان العارفين بايزيد بسطاميءَ جن مقام سبحانيءَ ڪان ترقي فرمائي ۽ پاڻ ڪي جهڙي طرح الاهيات جي تجليءَ ۾ ڏنو هئائون اهڙي طرح ممڪنات سان گڏ متلبس ڏنائون تہ چيائون تہ جيڪڏهن مون ڪنهن ڏينهن "سبحاني ما اعظم شاني" چيو هو تہ پوءِ مان تہ

www.maktabah.org

مجوسي ۽ ڪافر ٿي پيس ۽ هاڻي مان زنار ٽوڙي چوان ٿو ته اشهد ان لااله الا الله و اشهد ان محمد رسول الله.

چو ته انسان وجود مطلق جو خليفو آهي، واحديت جي مرتبي جي اعتبار سان. ان لاءِ ته هن مرتبي واحديت جي اندر وجود ۾ به ظهور ڪيو آهي. جنهن جي خاص وصف وجوب آهي ۽ ظاهر علم ۾ به ظهور ڪيو آهي. جنهن جي لوازم ۾ امڪان داخل آهي.

انهيءَ ڪري ابن منصور کي برحق چيو ٿو وڃي. جيڪڏهن اسان جي زماني ۾هجي ها ته اسين هن کي انهيءَ حالات کان ترقي ڏيون ها جيڪا هن کي حاصل هئي. ۽ اها ترقي ان کان سواءِ ناهي ته ڪائنات سان اتصاف پيدا ڪيو وڃي ان کان پوءِ جو الاهيات سان اتصاف پيدا ٿي چڪو آهي. جيئن حق امڪان سان متصف ٿيو آهي ان کان بعد جو واجب هو.

پوءِ سبحانهُ مرتبي جي ترقيءَ سان عبارت آهي نه سبحاني- پوءِ ان کي سمجهڻ گهرجي. واضع هجي ته هن مقدمي جو قالب صاحب فصوص الحڪم جو ڪلام آهي. جنهن کي مصنف فص نوحيءَ ۾ وارد فرمايو آهي يعني اهو ته قوم جو نوح عليه السلام کان پڇڻ ان لاءِ هو جو سندن دعوت ۾ تنزيه ۽ تشبيهه جي وچ ۾ جامعيت ڪانه هئي.

نوح عليه السلام عرض ڪيو ته مون پنهنجي قوم کي سڏيو راتين ۾ انهن جي باطني حقيقتن جي اعتبار سان تنزيه جي طرف ۽ هڪ ڏينهن ۾ انهن جي ظاهري حقيقتن جي اعتبار سان تشبيهه جي طرف مگر منهنجي دعا فرار کان سواءِ ڪوبه اثر نه ڪيو. يعني پنهنجي قوم کي جنهن ڳالهه ڏي سڏي رهيو هئس ان کان نفرت ٿي.

پوءِ وري فصوص جو مصنف لکي ٿو ته قوم جيڪو نوح عليه السلام جي دعوت کي قبول نه ڪيو ته ان جو سبب ان کان سواءِ ٻيو ڪونه هو ته هن دعوت جي اندر تنزيه ۽ تشبيهه جي وچ ۾ علحدگي آهي ۽ نفس الامر ۾ تنزيه ۽ تشبيهه جي وچ ۾ قرب هئڻ گهرجي نه امتياز يا عليحگي.

پوءِ وري فصوص جو مصنف لکي ٿو ته قرآن شامل آهي فرقان کي جيئن ڪُلُ پنهنجي جزن سان شامل هوندو آهي ۽ فرقان قرآن سان شامل ناهي. چو ته جُز

www.maktabah.org

کُلَ سان شامل نہ هوندو آهي لهذا قرآن بنسبت فرقان جي زياده کامل آهي.

پوءِ وري فصوص جو مصنف لکي ٿو تہ جيئن تہ قرآن، فرقان جي بنسبت زياده کامل آهي. لهذا قرآن سان جنهن کي خصوصيت ڏني وئي اُها محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي ذات اقدس آهي. ۽ اتباع کندڙ هيءَ امت آهي جيکا بهترين امت آهي. انهن امتن مان جيکي ماڻهن جي رهنمائيءَ لاءِ پيدا کيون ويون آهن. ۽ جنهن قرآن سان نبي ﷺ جن جي ذات پاک ۽ سندن امت خاص کئي وئي آهي. ان مان مراد اُهو قرآن آهي جيکو اهڙي حقيقت ٿو رکي جيکا مساوات ۽ اعتدال جو درجو رکي ٿي. ۽ تنزيہ و تشبيہ ۽ سيني متقابلات کي اهڙي طرح جامع ٿي ڪري جو ٻنهين متقابلن مان کوبہ کنهن تي مرتبي ۾ غالب نہ هجي. لهذا هن قرآن جي مثل کا شيءِ کانهي جيئن خود قول الله تعاليٰ جل شانہُ جو آهي تہ ليس کمثلہٖ شيءٍ- پوءِ تنزيہ ۽ تشبيہ ٻئي هک آيت ۾ جمع آهن ۽ آيت مان مراد سي آيتون آهن يا تنزيہ ۽ تشبيہ ٻئي واحد ڪلام ۾ جمع آهن. ۽ ڪلام مان عبارت جملہ آيتن جي ٻن اڏن مان کوبہ هک اڏ آهي.

پوءِ مصنف فصوص لکي ٿو تہ جيکڏهن نوح عليہ السلام هن آيت جي هدايت جي موجب تعليم فرمائن ها تہ قوم ان کي ضرور قبول ڪري ها.

انهيءَ طرز تي مسيح الاولياءجو بہ بيان آهي جنهن کي صاحب موصوف انوارالاسرار جي ديباچي ۾ جتي تفسير جا قسم لکيل آهن. لکن ٿا تہ:

مسيح الاوليا جو بيان آهي تہ جنهن شخص قرآن جو تفسير کيو ۽ صرف باطن جي طرف تاويل ڪري ڪڍي ويو ۽ ظاهر ڏي قطعي ملتفت نہ ٿيو جيئن اذهب الیٰ فرعون انہ طغیٰ مان اها مراد ورتي تہ موسیٰ ان جو روح آهي ۽ فرعون ان جو نفس آهي. سواءِ ان اصلي معنيٰ جي لحاظ کان جنهن لاءِ خاص قرآن نازل ٿيو آهي تہ اُهو باطن آهي. ۽ جو تہ قرآن جي ٻنهين معنائن مان هک کي ڇڏي صرف ٻيءَ کي اختيار کيو اٿس. جنهن قرآن جو تفسير صرف ظاهر تي کيو ۽ جيکي اشارا ۽ نڪتا الله تعاليٰ جلشانہ جي نسبت ڪري تہ عين بلاغت آهن ۽ تفسير ڪرڻ واري جي نسبت ڪري تہ محض فصاحت آهن. هنن اشارن ۽ نڪات جو هي مفسر نہ ايمان رکي ٿو ۽ نہ اقرار رکي ٿو. اُهو شخص حشوي خارجي آهي جنهن کي جلال قراة مان بيروني عزت کانسواءِ ڪجهہ بہ نظر نہ آيو

www.maktabah.org

۽ ان کي محل قيام ۾ داخل ٿي ان جي جمال جو ڏسڻ نصيب نہ ٿيو جيڪو ان ۾ مندرج ۽ پوشيده آهي. جنهن شخص ظاهري ۽ باطني بنهين معنائن کي جمع کيو. اُهو شخص عارف کامل آهي. کتاب ۽ ان جي نزول جي مراد کان واقف آهي. انهن ئي ظاهري ڳالهين جي ڪري اُهو تحقيق بہ آهي. جيڪو لفظ انفس جي متعلق مسيح الاولیا لکيو آهي يعني انسان جي عنصري ترڪيب ۾ روح واجب جي مرتبي ۾ آهي. ڪالب ممڪن جي درجي ۾ آهي ۽ دل انهيءَ مقام تي آهي جيڪو بنهين جو جامع آهي. **عبارتنا شتي و حسنک واحدٌ** اسان جون عبارتون متعدد آهن ۽ تنهنجو حسن صرف هڪ آهي.

مطلب تہ هي طويل منقولات ان لاءِ آهي تہ جامعيت جو مرتبو افضل آهي. سبحانہُ تنزيہ جامع آهي ۽ سبحاني صرف تنزيہ واجب آهي. **مظهر المراد وزال الاعتراض** مطلب ظاهر ٿي ويو ۽ اعتراض دور ٿي ويو.

قاضي محمود مورپي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

مورپ هڪ ڳوٺ آهي گجرات جي پهراڙيءَ جو. پاڻ شيخ لشڪر محمد عارف قدس سرہُ جا مريد آهن. رسمي علمن جي تحصيل کين فضيلت جي درجي تي پهچايو هو. حڪيم عثمان بوبڪائي ۽ مولانا موسيٰ بوبڪائي جيڪي عادل پور برهانپور جا مدرس هئا. کن علمن ۾ مثلاً عربي ۽ نحو ۾ سندن شاگرد هئا. سندن پير کان روايت آهي تہ جن ڏينهن ۾ مان هدايہ فقہ قاضي محمود کان ۽ قاضي محمود نقد نصوص ۽ مراة العارفين هن درويش کان پڙهندا هئا. تہ کين هڪ مسئلي ڪلام ۾ سخت دشواري پيش آئي تہ هيءَ جليل القدر صفت الله تعالیٰ جل شانہُ جي نسبت کهڙي طرح ثابت ڪئي وڃي جيڪو اعتراض کان محفوظ رهي. مطلب تہ مٿيون مسئلو اهڙي طرح دلنشين ڪيو ويو جو تردد جي خلش سندن ذهن ۾ باقي نہ رهي ۽ عبارت وارن جي جهڳڙي کان سندن ضمير کي نجات ملي ۽ سکون حاصل ٿين. ان وقت پاڻ چيائون مردن لاءِ هيءَ وڏي لغزش گاه آهي انهيءَ موقعي لاءِ عصا هٿ آئي ۽ وڏيک پاڻ فرمائيندا هئا تہ جنهن ڏينهن کان پوءِ شيخ عارف جي هٿ تي مون بيعت ڪئي آهي انهيءَ ڏينهن کان عام ۽ فن جون ڪيترين مشڪل ۽ مخفي

www.maktabah.org

ڳالهيون مون تي پير جي خدمت جي فيض سان آسانيءَ سان حل ٿي ٿيون وڃن. ۽ گهٽي وقت کان ائين ئي ٿيندو آهي جو مولانا عبدالرحمٰن جامي قدس الله سرهُ خواب ۾ منهنجون دشواريون حل ڪري ڇڏيندا آهن.

مصرع: باد آسان در طريقت انچه دشوارش بود.

شيخ اولياءؒ جي ياد ۾

پاڻ هليا ته سچائي ۽ صفائيءَ جي ميدان ۾ ۽ گوشي نشين ٿيا ته فقر ۽ فنا جي ڪوچي ۾ شيخ لشڪر محمد عارف جا خليفا هئا ۽ شيخ الاسلام خواجه عبدالله انصاريءَ سان نسبت هئن قدس الله اسرارهم. هڪ ڏينهن خبر ٻڌائون ته توهان جو پٽ ۽ نياڻو لڙائيءَ ۾ شهيد ٿي ويا. هن خبر ڪي پاڻ ڪشاده پيشانيءَ سان ٻڌائون ڪوبه ماتم يا تعزيت وغيره جو رنگ قطعاً پيدا ڪونه ٿيو. هنن ٻنهين عزيزن جي رحلت جو آيل خط ڪٽي وڃي پنهنجي گهر واريءَ کي ٻڌايائون ته تنهنجي واسطي ايزدي بارگاه جو هديو آندو اٿم.

شيخ رڪن الدين ابن محمودؒ جي ياد ۾

سندن ڇمڻ جو هنڌ بيانه آهي جيڪو دارالسلطنت آگري کان ٻه منزلون پري آهي. هتان جي ميندي ۽ نيل ٻئي بي مثل ٿيندين آهن. جهان وارا سوغات سمجهي هر هڪ ملڪ ڏي ڪٽي ويندا آهن. پاڻ فرمائيندا هئا ته اسين ٽي شخص جيڪي پاڻ ۾ پائر هئاسين تبريز کان هندستان آيا هئاسين شرف الدين- داؤد ۽ عبدالمجيد پهرين پاڻ بيانه ۾ شادي ڪئي باقي مجرد رهيا. شيخ رڪن الدين چوڏهين پشت ۾ شرف الدين کي پهچن ٿا. جنهن سال هيمو نالي پيڪر پرست جنت آشيانيءَ جي لشڪر سان وڙهيو هو. پاڻ بيانه کان دارالامان مندو مالوه ۾ هليا آيا هئا. صناعت خان جي بغير ٽنين جي مسجد، بادشاهانِ خلج جو جتي گمنبد آهي ان جي هڪ طرف واقع آهي. انهيءَ ئي مسجد ۾ پاڻ قيام فرمايائون. خدا پرستي ۽ بيدار دليءَ سان متوڪلن وانگر گذران ڪيائون. نحو ۽ فقهه جي ڪتابن کان آگاه هئا. پرهيزگاريءَ ۾ استحڪام سان قدم ڇميل هئن. مڪمل ٻاويهه سالن تائين درويش زادن کي

www.maktabah.org

بغير اجرت يا احسان جي قرآن پاڪ پڙهايائون ۽ عربي زبان ۾ استعداد پيدا ڪرائيندا رهيا. پنهنجي حجري کان جامعہ مسجد ۽ جنازي جي نماز کانسواءِ ڪاڏي به نہ ويا. تاريخ 24- جمادي الاول هجري سن نو سؤ ٻيانوي تي هن فاني دنيا کي ڇڏي ويا. هڪ ڇوڪري کي بيانہ مان پاڻ سان وٺي آيا هئا جنهن جو نالو عبدالغفار آهي. اهو اڄ تائين انهيءَ مسجد ۾ زندگي گذاري رهيو آهي. آخري آرامگاه سيد محمود جي مسجد جي اڳڻ ۾ ماندوءَ ۾ اٿن.

شيخ يوسف قادري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سيد اسماعيل جا مريد آهن جيڪو شيخ ڪمال الدين قريشي جي خليفن مان آهي. آگري جي نئين قلعي ۾ رهندا هئا. طالبان خدا جي رهنمائيءَ ۾ گهڻي دلسوزي ۽ ڪوشش کان ڪم ونندا هئا. آخرڪار پير بزرگوار کين پنهنجي نائي بنائڻ سان سرفرازي عطا ڪئي. انهيءَ ظاهري رشتي سان گڏ معنوي نسبت جو رشتو به پيدا ٿيو. سندن اولاد دارالسلطنت ۾ موجود آهي. خدا ڪري خداشناسيءَ جو شرف به حاصل ٿئين.

شيخ حسن چشتي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن ولادت جي جاءِ گوٽ ٽانسير آهي جيڪو سلطان پور نذرباد جي پرڳڻن مان آهي پاڻ تمام وڏي ضعيف عمر جا هئا ليڪن زنده دل انسان هئا. هميشہ رعبدار اکين سان گوڏن تي مٿو رکيو وينا هوندا هئا. سندن صحبت ۾ دل رباعيءَ جي صفت هئي. جيڪو شخص هڪ دفعو کين ڏسندو هو ان کي ٻيهر سندن ڏسڻ کان سواءِ آرام نہ ايندو هو. مسيح القلوب کان روايت آهي تہ ان جي باوجود جو کين پنج پٽ هئا جيڪي ديندار عالم هئا ۽ ارادتمندن ۽ عقيدتمندن جي هڪ جماعت هئن ليڪن درويشن ۽ عالمن جي خدمت ۾ جڏهن ٻہ ويندا هئا تہ اڪيلا ويندا هئا. جڏهن انهيءَ باري ۾ کانئن پڇو ويو تہ فرمايائون تہ مون کي خيال ٿيندو آهي تہ ڪاڻي ائين ئي نہ ٿئي جو بزرگان دين جي ملاقات جي وقت منهنجي ساڻين مان ڪنهن جي دل ۾ ڪو باطل انديشو پيدا ٿئي يا منهنجي دل ۾ پنهنجي همراهن يا فرزندن ۽ مريدن لاءِ ڪا اهڙي

www.maktabah.org

خواهش پيدا ٿئي جنهن ۾ طريقت جي مشائخن جي خوشنودي نہ هجي انهيءَ سبب ڪري خداشناس گروه جي خدمت ۾ اڪيلو وڃڻ بهتر لڳندو آهي.

شيخ محمد رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ علمن جا ماهر هئا خاص ڪري علم جفر ۽ دفق اعداد ڇگي طرح ڄاڻندا هئا. علم کي عمل سان رفيق بنائي پنهنجي صحبت ۾ ماڻهن کي فيض پهچائيندا هئا. هميشہ مهمان خاني ۾ آيل مسافرن سان گڏ کاڏو کائيندا هئا. محبت ۽ عشق جو ولولو هميشہ ۽ هر وقت سندن حريف هو ۽ هميشہ شگفتگي سندن مزاج جو جز هئي. "امام فضلا" 993 هـ سندن رحلت جي تاريخ آهي.

شاهہ منجهن رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ عبدالله ابن قاضي خيرالدين جا فرزند آهن. سندن والد جي طرف کان ڏاڏو خلاصتہ العلماءقاضي تاج الدين نحوي ۽ ماءُ جي طرف کان نانو زبدة السادات قاضي سماءُ الدين دهلوي آهن. جيڪي فتويٰ لکڻ جي عالي منصب تي سرفراز ۽ قتلخ خاني جي خطاب سان مشهور هئا. سندن پير بيعت تاج العرفا سيد تاج الدين بخاري آهي. هي سيد صاحب گهٽو ڪجهہ معرفت ۽ سيرسياحت کان روشناس آهن ۽ هر هڪ ملڪ جي مشائخن کان کين خلافت حاصل آهي. جڏهن سيد صاحب هندستان ۾ آيا تہ غوث الاوليا جي خدمت ڪري خلعت ۽ اجازت حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ انهيءَ شطاريہ سلسلي ۾ پاڻ کي مشهور ڪيائون. پوءِ پنهنجي مريد شاه منجهن جي سفارش حضور غوث الاوليا وٽ ڪري کيس خدمت ۾ ڇڏيائون. پاڻ انهيءَ فرصت ۾ مرشد جي سيني تصنيفن مان جواهر خمسہ کي پير جي خدمت ۾ پڙهي عمل ڪيائون. جواهر خمسہ هڪ ڪتاب آهي جيڪو سالڪ جي رفتار- صوفيءَ جي اعتقاد ۽ زاهد جي افعال تي مشتمل آهي. خاص خرقو جيڪو ڪوهستان چنار جي رياضت وقت غوث الاوليا کي پاتل هوندو هو کين عطا ٿيو. هجري سنہ هڪ هزار ڇوڏهن ۾ سندن فرزند ارجمند عثمان جي هٿان مصنف بہ ان خرقي جي

www.maktabah.org

زيارت ڪئي هئي.

هاڻي سندن حالات پيش ڪجن تا. شاھ منجھن خلاصہ علماءِ زمانہ شيخ احمدي جا همدرس هئا. سڀ علمن جا محققانہ درس ڏيندا هئا. شرعي حدون ۽ ان جي آداب جو لحاظ رکندا هئا. گھڻي ڪوشش ۽ اهتمام سان سندن زندگيءَ جا ڏينھن درس- مطالعي- مراقبي ۽ محاسبي ۾ وقف هئا. جنھن سال ۾ شير خان قلعو راءِ سين فتح ڪري ان جو نالو اسلام آباد رکيو. انھيءَ سال پاڻ پنھنجي وطن لکنو کان هلي انھيءَ قلعي ۾ آيا هئا. ھڪ عرصي تائين اُنھيءَ قلعي جي شيخ الاسلامي ۽ خانقاه داريءَ جو منصب سندن نالي سان رهيو. جڏھن ذڪر ڪيل قلعي جي سرداريءَ جي نوبت هنود ڪي ملي تہ پاڻ اُتان سڪونت ترڪ ڪري سارنگپور مالوه ۾ هليا آيا ۽ اتي ئي گھر ٺاهيائون. اهڙو عالم جيڪو علمن جي فيض رسانيءَ جو دروازو ماڻھن تي ڪشادو رکي انھيءَ زماني ۾ انھيءَ علاقي ۾ ڪونہ هو. ڪتاب بہ حادثات ۾ هليا ويا. لاچار پاڻ هر هڪ فن ۾ پنھنجي ياداشت سان هڪ هڪ رسالو لکيائون ۽ طالبان کي جيستائين ڪتاب هٿ اچن انھن ئي لکيل رسالن جي ذريعي فيض بخشي ڪندا هئا. آخرڪار سندن قدمن جي برڪت سان سارنگ پور شهر شيراز وانگر دارالعلوم بنجي ويو ۽ ڪيترن ئي اهل ڪمال جي ماڻھن لاءِ اُتان جي مٽي سڪونت جو سبب بني.

جڏھن پاڻ آخري عمر تي پهتا تہ پنھنجي دل کي اولاد ۽ عزيزن جي محبت کان پاڪ ڪيائون ۽ سارنگ پور کان بہ منزلون پري هڪ ڳوٺ آشٹہ ۾ گوشي نشينيءَ لاءِ هڪ گھر ۾ رهائش اختيار ڪيائون ۽ چند سالن کان پوءِ هجري سنہ هڪ هزار هڪ جي ربيع الاول جي مهيني ۾ پاڻ سارنگ پور ويا ۽ سڀني ننڍن وڏن سان ملي موڪلائي وري واپس پنھنجي گوشي نشينيءَ جي حجري ۾ واپس هليا آيا. ان وقت سندن عمر اسي سال هئي هڪ ڏينھن پاڻ انھن اصحابن سان جيڪي ذڪر جهر جي هنگامي ۾ موجود هئا تہ فاني جهان کي الوداع چيائون.

سندن ڏاڏو بزرگوار قاضي تاج الدين نحوي شيخ محمود زنده پوش قرشي عشقيءَ جي نسل مان آهن جن جي خانقاه اسلامي شهر بلخ ۾ هئي. جنھن زماني ۾ اشرف دانشوران قاضي شهاب الدين صاحب ۽ قاضي فخرالدين جي ذات مبارڪ سان هندستان ۾ فيض جي مجلس عين رونق تي هئي. انھيءَ

www.maktabah.org

زماني ۾ قاضي تاج الدين نحوي بلخ کان هندستان آيا هئا ۽ لکنوتي شهر ۾ قيام ڪيو هئائون. گهڻن ئي علم جي طالبن کي علم ۽ فضيلت سان آشنا ڪيو هئائون. جڏهن هجري سنہ نو سؤ ڇهاسيءَ ۾ مالڪ اقليم اڪبر شاهه مالوه ڏي ڪوچ ڪيو تہ صوبي مالوه جي سيني مشائخن کي هڪ خاص درجي سان لشڪر ۾ شامل ڪيو ويو. هن مجمعي ۾ مصنف کي شاهه منجهن جي خدمت ۾ حاضريءَ جو موقعو مليو هو. ديدار ۽ دست بوسيءَ سان فيض حاصل ڪيم. خدا ڪري سندن برڪتون هميشگيءَ سان هر آغوش رهن.

خواجہ ڪلان پور خواجہ جوئباري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ ديني سعادت ۾ گذريل موحدن جي هم پايہ ۽ دنيا جي تصرفات ۾ فرمان روايانِ زمانہ جا همسر هئا. طريقت جي معنيٰ ۾ بي تعلقي آزادي ۽ درويشيءَ جي قانون ۽ آئين ۾ هڪ ذرو بہ گهٽ وڌائي نہ ڪندا هئا. چون تہ تہ حاجتمندن جا عرض ۽ هوس وارن جون خواهشون ٻڌي انهيءَ حجري ۾ گهڙي ويندا هئا جيڪو ناهي ڇڏيو هئائون ۽ پنهنجي روحاني مشغوليت ۾ لڳي ويندا هئا. انهيءَ طريقي سان سڄي عمر گذاري ڇڏيائون. جڏهن هجري سنہ نو سؤ ٻيانوي ۾ هن فاني دنيا مان ڪوچ فرمايائون تہ گهر مان سواءِ هڪ پراڻي تڏي جي ڪجهہ بہ نہ نڪتو.

شيخ يوسف بن شيخ عبدالله تميمي انصاري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ ڪتابي علمن جي تحصيل پنهنجي والد بزرگوار جي تعليم مان ڪئي هئائون. جڏهن امير سيد اسماعيل ابن سيد ابدال قادريءَ جي صحبت ۾ پهتا تہ اُتي نانيءَ هڻڻ جو سبب پيدا ٿيو ۽ انهن جو ئي دامن پڪڙي الله تعاليٰ جي معرفت جو سامان فراهم ڪيائون. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سيد اسماعيل خلافت جو خرقو پارائي کين پنهنجو جانشين مقرر ڪيو. دنياوي لين دين ۽ ضرورتون بشريت جي لاءِ لازمي آهن. انهيءَ ڏيتي ليتي ۾ ڪنهن بہ قسم جي مڪر ۽

www.maktabah.org

فريب جو سندن عملن ۾ دخل نہ ھو. هجري سنہ نو سؤ چورانوي ۾ شوال مهينو گذرڻ کان پوءِ چنڊ جي رات اچڻ واري ڏينهن عصر نماز مسجد ۾ پڙهڻ کان پوءِ معمولي وظيفي ۾ مشغول هئا. سج لهڻ کان پوءِ ڪن مسجد ۾ ويٺلن ذي القعد جو چنڊ ڏسڻ بعد اُتي هڪ ٻئي کي مبارکباد ڏيڻ لڳا ته سندن اکين مان لڙڪ ڪري پيا ۽ روئندي چيائون ته جيڪڏهن چنڊ نظر اچي ويو آهي ته درويش کي عنصري تعلقات جي بارکان آجو ڪري پنهنجي حضور ۾ چو طلب نہ ڪيائون شايد خداوند جي بارگاه جي لائق نہ سمجهو هوندائون. اهي ڳالهيون ڪري رهيا هئا ته مغرب نماز جي تکبير لڳي پاڻ نماز پڙهي پنهنجي گهر هليا آيا ۽ انهيءَ ئي وقت وهاٽو مٿي هينان رکي پنهنجي جان کي شهادت جي ڪلمي سان اصلي وطن پهچائي چڏيائون. آخري آرامگاه آگرو اٽن.

مولانا ڪاسڪراني ابن امير امين الدين خراساني رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ پنهنجي مامي مولانا فخرالدين علي واعظ جا مريد آهن. سندن دل ۾ عشق ۽ عرفان جا جواهر پريل هئا. سندن زبان جي چاپيءَ سان عقل ۽ نقل جا خزانا کلندا هئا. ڪنهن بہ مقام تي بلڪ پنهنجي ڪرامتن جي مڪان ۾ بہ رهڻ پسند نہ هئن. هميشہ فنا جي آرزو رهندي هئن. چون ٿا تہ گهٽا ماٺهو سندن درس مان استادي ۽ مُدرسيءَ جي درجي تي پهچي ويا. پاڻ فرمائيندا هئا تہ منهنجو مامو باغ ۾ هميشہ اکيلو ويندو هو هڪ ڏينهن مون عرض ڪيو تہ مونکي بہ ساڻ وڃي هلو فرمايائون تہ توکي باغ جي ڏسڻ جي طاقت ڪانهي. ليڪن منهنجي دل رکڻ لاءِ مونکي ساڻ وڃي ويا. جڏهن باغ ۾ قدم رکيائون تہ سڀ وڻ قيام جي حالت کان رکوعءَ ۾ هليا ويا. مون کي سخت حيرت جي ڪري بيهوش ٿيڻ وارو هئس تہ پاڻ منهنجي پٺيءَ تي هٿ ڦيرايائون تڏهن منهنجي دل ۾ انهيءَ حالت کي ڏسڻ جي برداشت پيدا ٿي. هجري سنہ نو سؤ چورانوي ۾ فاني جهان کي الوداع چيائون.

www.maktabah.org

مخدوم جعفر رحمة الله عليه جي ياد ۾ (۹)

سندن جمڙ ۽ آخري آرامگاه ٻئي ٻوبڪ ۾ آهن جيڪي سيوهڻ جي ويجهو آهي. سيوهڻ کي سنڌ جو سيستان ٻ چوندا آهن. زبان کي رسمي فضيلت ۽ دل کي حقيقي معرفت حاصل هئن. پاڻ ضمير جي ڳالهين کان آگاه هئا. شيخ طاهر ابن يوسف سنڌيءَ جي استاد جا پٽ آهن جيڪو مجمع البحار طاهري ۽ رياض الصالحين جا مصنف هئا. مسيح الزمان شيخ عيسيٰ قاسم مد ظلهُ جن کان روايت آهي ته حڪيم عثمان بوبڪائيءَ کان مون ٻڌو آهي ته مخدوم صاحب جن آخر عمر ۾ منطق جا ڪتاب درياه ۾ لوڙهائي ڇڏيا هئا ۽ احياءُ العلوم عوارف المعارف- فصل الخطاب ۽ اهڙي قسم جا ٻيا ڪتاب سندن مطالعي ۾ رهندا هئا ان کان علاوه ٻيو ڪو شغل ڪونه هئن.

مخدوم بايزيد لاکو رحمة الله عليه جي ياد ۾

لاکا هڪ سنڌ جو قبيلو آهي. مرزا عبدالرحيم خانخانان مسيح الزمان جي خدمت ۾ بيان ڪيو ته جڏهن مان ننڍي جو صوبو فتح ڪيو ته ان کان پوءِ مخدوم جي خانقاهه ۾ ويس ته صوفين جي هڪ جماعت ڏسڻ ۾ آئي جن جا هٿ ته ظاهري ڪمن ڪارين ۾ مصروف هئا ليڪن سندن زبانون تلاوت ۽ ذڪر ۾ مشغول هيون. انهن جا قلب نفساني خطرات کي دور ڪرڻ جي فڪر ۾ مشغول هئا. سندن گرامي صحبت مان گهڻو ڪجهه باطني فراغت حاصل ٿي.

مخدوم بلال سنڌي رحمة الله عليه جي ياد ۾ (۱۰)

پاڻ حق جا عارف ۽ خلق جا معروف هئا. هدايت سنڌيءَ کان روايت آهي ته هڪ رات جو ذڪر آهي ته مخدوم صاحب جن خلوتخاني ۾ اندر مطالعي ۽ مشاهدي ۾ مشغول هئا. پياس (اُجَ) ايترو ته وڌي وئي جو پاڻيءَ لاءِ ٻاهر اچڻو پين. اوچتو حضرت خواجه خضر عليه السلام موجود ملين. ڏنائين جيڪي ڪجهه ٻ ڏنائين ۽ حاصل ڪيائون جو ڪجهه حاصل ڪيائون.

www.maktabah.org

مولانا خرد ديوانوؒ جي ياد ۾

سندن هٿ مولانا خواجگي ڪاشانيءَ جي ارشاد جو دامن پڪڙيو هئو پاڻ دل ڪان آگاه خدا شناسن مان هئا. هميشہ فيض رسانيءَ جي مسند تي معرفت الاهيءَ جو بيان ڪندي جذبي جي سبب سندن چهرو مبارڪ سرخ ٿي ويندو هو ۽ معانيءَ جو نشو مٿي مان جوش سان نڪرندو هو. اهڙيون تہ گهريون ۽ بلند ڳالهيون ڪندا هئا جو ان جو ادراڪ ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو هو. ڪوبہ دانشمند سندن بيان جو تفصيل نہ ٻڌائي سگهندو هو. چون ٿا تہ دارالاسلام بلخ جي حاڪم پير محمد خان اوزبڪ پنهنجي زماني ۾ هڪ اهڙي خليفي لاءِ عرض ڪيو جيڪو نقشبندي سلسلي تي ماڻهن جي قلبن کي ڇڪي اچي. چنانچہ مولانا پنهنجي يارن ڪان معلومات ڪئي هر هڪ انهيءَ ڪم لاءِ پنهنجو پاڻ ڪي پيش ڪيو. ان وقت مجلس ۾ مولانا خرد موجود ڪونہ هو. پيربزرگوار سيني جي راءِ کي مسترد ڪري ڇڏيو چو تہ انهن مان خود نمائيءَ جي بو اچي رهي هئي. قلبي توجہ سان مولانا خرد کي گهرائي ورتائون ۽ فرمايائون تہ ديوانہ تون ئي بلخ جي درويش جو پيشوا ڪيو ويو آهين. اٿي روانگيءَ لاءِ تياري ڪر. جڏهن اُتي پهچي وڃين تہ رهنمائيءَ جو طريقو اختيار ڪجانءِ ۽ طالبن کي پنهنجي مقصدن ۾ ڪامياب ڪجان. پاڻ حڪم جي تعميل ڪيائون. ۽ رهنمائيءَ جو ڪم سنجيدگيءَ سان سرانجام ڏنائون. هجري سنہ نو سؤ نوي ڪان ڪجهہ مٿي هو سندن روحاني عالم ۾ طلب تي پاڻ قبول فرمائي بلخ ۾ ئي پنهنجي لاءِ آخري آرامگاه اختيار ڪيائون.

شيخ صديق برودره (بڙوده ؒ) جي ياد ۾

پاڻ عطار جا فرزند هئا. جڏهن توفيق جي بزم ڪان ڪين ڪيفيت حاصل ٿي تہ پنهنجي والد جي عطاريءَ جو دوڪان ڇڏي پنهنجي پير جو شطاري طريقو اختيار ڪيائون. ٿوري عرصي ۾ ذاڪر- شاغل- عابد- عارف- فاني- متوڪل ۽ پوءِ گوشي نشين ٿي ويا. خلافت جو خرقو ۽ بيعت جو ڪلاہ شيخ صدرالدين ذاڪر ڪان مليو هئن. هميشہ سر توڙ ڪوشش ڪندا هئا تہ پنهنجي پير جي ئي خدمت ۾ رهجي. پير جي رحلت ڪان پوءِ لاچار ٿي هڪ مسجد جي ڪنڊ ونڊي ويهي رهيا ۽ اُتي ئي رهيا جيستائين ناسوتي ڇت جو پيالو ٽوڙي لاهوتي شراباً

www.maktabah.org

طهورا جو پيمانو وات سان نہ لڳايائون ۽ وحدت جي بزم ۾ ٽپيون نہ هنيائون. هجري سنہ نو سؤ ٻيانوي ۾ جيڪو مظفر گجراتيءَ جي خارج ٿيڻ ۽ خان خانان جي فتح جو سال هو. راقم ظاهري علمن جي حاصل ڪرڻ جي ارادي سان پنهنجي وطن کان احمد آباد گجرات وڃي رهيو هو تہ جڏهن بروده شهر کان گذر ٿيو تہ پنهنجي مرشد شيخ صدرالدين ذاڪر جي روضي جي زيارت لاءِ ۽ اتان جي مشائخن جي خدمت جي نيت سان ٻہ ٽي ڏينهن اُتي قيام ڪيم ۽ پنهنجي مشتاق اکين کي انهن جي ديدار سان منور ڪيم. انهيءَ دوران شيخ صديق جي خدمت ۾ ڪيترا دفعا رازداريءَ جون ڳالهيون ٿيون. پوءِ هجري سنہ هڪ هزار ٽي ۾ استادي شيخ وجيہ الدين علويءَ جي روضي مقدس جي خاڪ کي چمڻ لاءِ گجرات ويس تہ هن دفعي کين انهيءَ مسجد ۾ نہ ڏٺم. مسجد جي پاسي وارن کان سندن حالات معلوم ڪيم تہ انهن ٻڌايو تہ هجري سنہ نو سؤ ستانوي ۾ پاڻ هن فاني دنيا مان رحلت فرمائي ويا. ڪن سن ڇهانوي بيان ڪيو. العلم عندالله الملک العلام.

شيخ عبدالرحمن صوفي سرهندي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ ترين گروه مان آهن. عاشق منش- مبتلا سرشت- سوختہ دل- حسن پرست- فراخ مشرب- همدرد ۽ بلند همت- گوشي نشين- نياز مند- آرزوءَ جا دشمن- قناعت جا دوست ۽ ڪشف جا صاحب هئا. کين سيد ٻڌو بلگراميءَ جي خدمت ۾ ارادت هئي. جڏهن پنهنجي ڳوٺ کان پاڻ دارالسلطنت آگري آيا تہ غوث الاوليا جي فرزند مخدومي شيخ ضياءُ الله جي خانقاه ۾ هڪ هجري ۾ رهيا. قدس سرهم ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ منور صحبتن زندگيءَ جو باغ پُر بهار ڪري ڇڏين. عائشہ نالي واري هڪ حسين ۽ جميل عورت تي پاڻ عاشق ٿي پيا ۽ مزي جي ڳالهہ اها آهي تہ انهيءَ عورت ٻہ درويش ۽ درويشيءَ تي دل ڏئي ڇڏي هئي. مطلب تہ ٻنهين طرفن کان اجازت ۽ رضامنديءَ سان نڪاح جي رسم ادا ٿي. ڪيترن سالن تائين ٻئي هم راز هئا. سيد احمد قادري سندن هم رازن مان هو ۽ هميشہ چوندو هو تہ شيخ صاحب انهيءَ عورت سان گڏ ايترو تہ گهرو مراقبو ڪندو هو جو رات گذري ڏينهن ٿي ويندو هو ۽ **زين للناس حب**

www.maktabah.org

الشهوات (يعني ماڻهن کي مرغوب شين سان دل لڳائڻ سنو ٿو لڳي) انهن ماڻهن کان پري هئا. ۽ ٿو سندن نظر زماني جي رنگينين کي ڏسي کڏهن ب پنهنجي جاءِ کان نه هٽندي هئي ۽ سندن دل روزگار جي طلسمي هنگامي کان کڏهن ب ڏوکو نه کائيندي هئي. بلڪ نهايت گهٽ درجي جي کائڻ ۽ پهرڻ سان بک ۽ اوگهڙ کي دلاسو ڪشادي پيشانيءَ سان ڏيندا هئا. هجري سنه نو سؤ پنجانوي ۾ پنهنجي عنصري صورت خاڪ جي سپرد ڪري اصل وطن ڏي روانه ٿيا.

شيخ طيب طاب ثراه جي ياد ۾

پاڻ حافظ- عالم- قاري- بي تڪلف- شڪسته دل ۽ وهندڙ اکين وارا هئا. پنهنجي گهر جون ضرورتون خريد ڪرڻ لاءِ بازار ويندا هئا. هڪ ڏينهن هڪ حسين کي جيڪو خوبصورتيءَ ۾ مشهور هو مسيح القلوب سان گڏ ڏٺائون. ڪليا ۽ مذاق ۾ چيائون **اهذا الذي يذكر الهتكم** (يعني ڇا اهي ئي آهن جيڪي توکي ياد ٿا ڪن) ۽ اهو چئي هليا ويا. مخدوم هارون هڪ بزرگ هو سنڌ جي سڄي زمين ان جي وجود سان روشن هئي ۽ نٽي جي اردگرد هن جي باعلم اولاد ۽ شاگردن سان منور هئي چون ٿا ته شيخ طيب ب انهن ئي مخدومن جي اولاد مان هو. ظاهري علمن ۾ سندن استاد مُلا يونس مفتي سنڌي آهن. تقدير جي ڪرشمي کان لاچار ٿي پاڻ پنهنجي وطن کان دلبر داشته ٿي پيا. ۽ ايلچپور جي طرف سفر اختيار ڪيائون. انهيءَ زماني ۾ شيخ طاهر يوسف هتي رهندو هو. هڪ ٻئي کي ڏسي خوش ٿيا ۽ الله جو شڪر بجا آندائون. ۽ ٻنهين ۾ ايتري ته محبت وڌي وئي جو شهر جا ماڻهو کين پاڻ ۾ پائر سمجهندا هئا. ليڪن هي شيخ طيب اُهو شيخ طيب نه آهي جيڪو هن جو پاءُ هو انهن جي زندگيءَ جو پيمانو هجري سنه نو سؤ پنجاهه ۾ لبريز ٿي ڇڪو هو مطلب ته پاڻ هڪڙي مفيد شرح رسالي غوثيه تي لکي اٽن. ۽ سندن عمدا عمدا حاشيه مشڪواة حديث تي ب آهن. مسيح القلوب اصول فقه ۽ ڪلام ۾ سندن شاگرد آهن. برار جي حادثي ۾ شيخ طاهر سان گڏ پاڻ ب حاڪر جو عرض قبول ڪري برهانپور ۾ اچي ويا هئا ۽ گهٽو فيض هتان جي ماڻهن کي

www.maktabah.org

پهچايائون ۽ ڏهين صديءَ جي ڏهين حصي ۾ پاڻ هُن جهان جو عزم فرمايائون. آرامگاه شيخ ابراهيم عمر سنڌيءَ جي احاطي ۾ اٿن.

شيخ عربي ديانہ (ڏنو) سنڌي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن اهڙي تہ عجيب حيران ڪندڙ ڪرامت زماني جا ماڻهو بيان تا ڪن جو ان کي تحرير ۾ نہ ٿو آڻي سگهجي. ٻين ڪرامتن کان علاوه ذڪر قربان کي ڪمال درجي تي پهچايو هئائون. جڏهن پاڻ ان جو شغل ڪندا هئا تہ جسم جا سيئي حصا الڳ الڳ ٿي ويندا هئن ۽ پوءِ وري ملي ويندا هئا. ڪيترن جو اهو گمان آهي تہ مخدوم نوح سندن مريدن مان هو. والله اعلم.

شيخ سعدالله دهلوي چشتي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن روزانو جو خرچ- زراعت- تجارت يا سپاهگيريءَ تي ڪونہ هو. بلڪ في السماءِ رزقكم (توهان جو رزق آسمان ۾ آهي) جي جاگيردارن جي نالي ازل جي ديوان مان وظيفو جاري ٿي ويو هئن. انهيءَ ڪري پاڻ انهيءَ آسماني روزيءَ تي بسر ڪيائون . ڪنهن بہ ظاهري سبب کي هٿ ڪونہ لڳايائون ۽ آزادگي ۽ گوشي نشينيءَ جي دامن کي هٿ سان پکڙي قرب جي واصلن کان فيض حاصل ڪيائون. پاڻ کي شيخ چايلده دهلوي قدس سرہٗ جي خانقاه نشين مان بيان فرمائيندا هئا. شيخ عبدالعزيز يحيٰ دهلويءَ سان قريبي نسبت رکندا هئا. شيخ محي الدين مسيح الملڪ کي عادل شاه برهانپور جي حضور ۾ منصب حاصل هو ۽ هي سندن فرزند هو ۽ عادل شاه جي عرض ڪرڻ تي پاڻ مهرباني فرمائي دهليءَ کان سڪونت ترڪ ڪري برهانپور هليا آيا هئا. ڪجهہ سالن کان پوءِ انهيءَ شهر جي حدن ۾ شيخ ابراهيم سنڌيءَ جي تربت جي ويجهو آخري آرام گاه اختيار ڪيائون.

سيد حيدر قدس سرہٗ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن سلوڪ جي شروعات هئي تہ شيخ بلال جي خدمت ۾ پهتا ۽ ڪائن

www.maktabah.org

تلقين گهريائون. شيخ بلاول فرمايو ته پنهنجي نفس ۾ سير وڏو بلند درجو آهي. اهو توکي حاصل آهي. تنهنجو رهنما مون جهڙو گودڙيو فقير جيکو کجهه به نه ٿو ڄاڻي، کري ته سڏو نه ٿو لڳي. لهذا بهتر اهو آهي ته کنهن اهڙي بزرگ جي تلاش ۾ همٿ سان سفر کر ۽ پنهنجي مقصد ۾ کاميابي حاصل کر جيکو تنهنجي نسبت ۾ هکجهڙو هجي. مطلب ته پاڻ سير ۽ سفر شروع کيائون. پاڻ فرمائيندا هئا ته سفر جي دوران جنهن به بزرگ جي صحبت ۾ پهتس اتي اميد پوري نه پئي ٿئي. جواب ملندو هو ته تنهنجي هدايت شيخ بلاول جي حصي ۾ اچي وئي آهي. لاچار گهمندو ڦرندو شيخ بلاول جي آستاني تي آيس ۽ بيعت کيم. وڌيڪ فرمائيندا هئا ته جڏهن مان ڇهن ڏينهن جو هئس ته ان وقت جا حالات ياد آهن ته کهڙي طرح ۽ کٿي هئس.

شيخ کتين لاکو رحمه الله جي ياد ۾

سندن طريقت جو پير شيخ بلاول آهي. چون ٿا ته پاڻ دولتمند ۽ مالدار هئا. ايتري قدر جو کجهه گروه سندن حڪم هيٺ رهندا هئا. اوچتو هن مال ملکيت جي ترڪ ڪرڻ جو خيال آين. سڀ کجهه ڇڏي ڪمبل جي ڪفني گلي ۾ وجهي پير جي خدمت ۾ شغل اختيار کيائون. هڪ ڏينهن کانئن پڇو ويو ته عزت ۽ اقتدار کي ڇڏي فقيري ۽ نياز جي دوستي کهڙي حد تائين پهتي آهي. پاڻ فرمايائون ته گدائي ۽ ظاهري خواريءَ سان مون کي ايتري قدر ته آرام معلوم ٿو ٿئي جو جيکڏهن مان پنهنجي فرمانبردارن جي گهرن تي وڃي مانيءَ جو ٽڪر پنان ته منهنجي طبيعت تي بار پيدا نه ٿو ٿئي. بلڪ آرام وڏي ٿو. جڏهن پاڻ قبر ۾ رکيا پئي ويا تڏهن ذڪر جو آواز ٻڏڻ ۾ اچي رهيو هو.

شيخ محسن کانه رحمه الله جي ياد ۾

کانه هڪ ڳوٺ جو نالو آهي جيکو دهليءَ کان چاليهه ميل پري آهي. توکل ۽ خاموشي هي ٻئي وصفون سندن ولايت جون شاهد آهن. هڪ بزرگ

www.maktabah.org

لکي ٿو تہ پاڻ پنهنجي ڳوٺ کان کاڏي بہ نہ ويندا هئا. البتہ چند ڏينهن کان پوءِ درويشن جي ديدار لاءِ اسان جي ڳوٺ ۾ ايندا هئا. هتان جا باشندا ننديا وڏا سڀ سندن استقبال لاءِ ويندا هئا ۽ سڀني طريقي سان آڻي هر هڪ پنهنجي گهر ۾ رهڻ لاءِ عرض کندو هو. پاڻ سيني کان معذرت کري جتي دل چوندي هئن اُتي لهي پوندا هئا. سواءِ ضروري ڳالهائڻ جي زبان نہ کولیندا هئا. اهڙي طرح هڪ ٻہ هفتا اُتي رهي پنهنجي وطن ڏي موٽي ويندا هئا.. ڪيترا سال اهڙي طرح گذاري ڇڏيائون. آخري آرامگاه ڳوٺ کانہ ۾ آٿن.

شيخ ظهور الدين محمود بن جلال رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ گجرات جا رهاڪو هئا. قطب الاقطاب غوث الاولياءجا مريد- شيخ صدرالدين ذاڪر جا خليفا- مصنف جا دوست- ڪلام الله جا حافظ بي يارن جا يار ۽ ڪمزورن لاءِ طاقت هئا. هر هڪ سلسلي جي پيرن ۾ دعوت جو علم ۽ ذڪر جو طريقو مختلف هوندو آهي ۽ اهڙي طرح مشهور سلسلن جي مشائخن ۾ اشغال ۽ اسرار جا طرز گونا گون هوندا آهن. انهن سيني ۾ کين ڪمال حاصل هو. مرشد سان گڏ گهڻي مدت تائين سير ۽ سفر ۾ ساڻ رهيا. مطلب تہ پير جي اسرار ۽ افعال جو پاڻ آئينو هئا. يعني پير جي صورت مان رنگ ۽ پير جي معنيٰ مان خوشبو پهچائي هئائون. جڏهن مرشد کي گجرات وڃڻ جو خيال ٿيو تہ کين پاڻ منڌو (مانڌو) وارن جي هدايت لاءِ هتي ڇڏيائون. تقريباً ڏهہ سال شهر جي باشندن کي فيض رسانيءَ کان پوءِ تاريخ ارڙهين شعبان هجري سنہ نو سؤ ڇهانوي ۾ منزل قدس ڏي روانہ ٿيا. خانقاه ۾ ئي قبر ٺاهي وئي. شهر وارا جو عمر گهٽ ٿا ٻڌائن. ان جو سبب پنهنجي گهٽ واقفيت ٻڌائيندا هئا. رنج ۽ افسوس جي زيادتيءَ جو حال ڇا لکان جو هن وقت جي علامہ جا نہ لکيل واقعن جو هڪ انبار اهڙو آهي جنهن جي ڪنهن کي خبر ناهي. رحلت وقت سندن چند ڪر ڪار وارا خليفا حاضر هئا. پاڻ حاضرين مان شيخ داؤد

www.maktabah.org

کي منتخب ڪري پنهنجي جاءِ نشين ٿيڻ لاءِ اجازت فرمائي. شيخ داؤد جيئن ظاهر ۾ برگزيده هو ائين ئي باطن ۾ به برگزيده هو. انهن شيخ عبدالله ۽ شيخ ضياءُ الله مخدوم زادن جي خدمت ۾ رهي فضيلت ۽ وقت جي صفائي حاصل ڪئي. هاڻي انهن بنهين صاحبزدگان جي طرف کان گوالیار هليو وڃڻ کان پوءِ پاڻ هجري سنہ هڪ هزار ويهه ۾ منڊوءَ جي طرف واپس آيا آهن. الله تعاليٰ جل شانهُ کين قيام ۽ راست رويءَ جي توفيق عطا فرمائي.

مصرع: همچوا و انجام کارماوتو محمود باد.

شيخ محبت رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ بني اسرائيل گروه مان هئا. ڇمڻ جي جاءِ دهلي ۽ آخري آرامگاه سارنگ پور مالوه اٿن. سپاهيانہ روش هئن. نستعليق خط استادن وانگر لکندا هئا. هجري سنہ نو سؤ پنجاهه هو مالوه جي هڪ ڳوٺ وهار ۾ هڪ حسين مظهر تي عاشق ٿي پيا. خلعت کي گودڙيءَ جي بدلي ۽ عقل کي ديوانگيءَ جي عيوض وڪٽي ڇڏيائون. انهيءَ دوران ۾ حجاز مقدس جي سفر جو ولولو باطن ۾ پيدا ٿين ۽ حرمين شريفين زادهما الله شرفاً جي طواف سان سرفراز ٿيا. بحر اعظم جي ڪنارن جو سير ڪندا مالوه ڏي موٽي آيا. هڪ عرصي تائين مصنف سان صحبت رهي. انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ دوست جي گهر ۾ خوشيءَ جو جلسو هو ۽ ان ۾ به قوال پاڻ ۾ وڙهي پيا پاڻ صفائي ڪرائڻ چاهيائون ليڪن تقدير ناموافق هئي. سندن صلح جون ڳالهيون هنن مان هڪ کي ناگوار لڳيون. انهيءَ خنجر ڪڍي کين هنيو. محفل ۾ حاضرين انصاف ۽ حق جي حمايت ۾ هن بدڪردار کي مارڻ چاهيو مگر پاڻ پڪاري چيائون ته درويش جو خون سلسبيل آهي. ديت ۽ قصاص ونڊ جي لائق ناهي. جيڪي حاضرين منهنجي خوشنوديءَ چاهين. انهن کي گهرجي ته پنهنجي تڪليف ۽ دشمن کي آزار گوارا نہ ڪن چو ته ازلي دفتر ۾ خنجر مارڻ وارو ۽ زخمي ٿيڻ وارو ٻئي هڪ ئي اصل

www.maktabah.org

جا حصہ آهن ۽ڪنهن کي بہ تقدير ۾ لکيل کي دگرگون ڪرڻ جي طاقت ناهي. هجوم کي شائستگيءَ سان منتشر ڪيائون. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ زخم صحيح ٿي ويو ۽ پاڻ اجين کان سارنگ پور هليا ويا اتي هڪ نانگ جي ڏنگ سبب سندن عنصري عمارت ۾ هجري سنہ نو سؤ ڇهانوي ۾ خرابي پيدا ٿي پئي. وقت جي عارف سيد محي الدين پسر سيد چاند سارنگ پوري جن جو ظاهر ۽ باطن ٻئي آراستہ آهي. بيان تا ڪن تہ هڪ ڏينهن امير سيد علاؤالدين جي روضي ۾ شيخ محبت سان رازداريءَ جون ڳالهيون ڪري رهيو هئس تہ هڪ طرف هڪ جنازو ايندي معلوم ٿيو ۽ ٻئي طرف هڪ جميل مظهر ظاهر ٿيو منهنجي نظر جنازي تي پئي جنهن مان مون کي حيرت ۽ عبرت گهٽي ٿي ۽ سندن نظر انهيءَ محبوب جي منهن تي پئي جنهن سبب پاڻ مشاهدي ۾ مستغرق ٿي پيا. مون چيو تہ جنازي ڏي نظر ڪرڻ سان عبرت ٿي پيدا ٿئي ۽ خوبصورت چهري ڏي ڏسڻ سان نفساني خواهش وڌي ٿي. پاڻ فرمايائون تہ درويش جي نظر ۾ هي ٻئي ڳالهيون برابر آهن. ۽ جيڪو شخص فنا ٿي ويو هجي موت ۽ زندگي ان جي اختيار ۾ آهن. چنانچہ انهيءَ ئي رات پاڻ پنهنجي ساٿين کي ٻڌايائون تہ مون کي نانگ ڏنگيو آهي. جڏهن علاج ۽ جنتر منتر ڪرڻ شروع ڪيائون تہ پاڻ مسڪرائي فرمايائون تہ درويش کي انهيءَ عمل جي ضرورت ناهي پوءِ اهوئي بهتر آهي تہ پاڻ کي خدا کي سپرد ڪري بلڪل راحت جي ابدي نند ۾ سمهي پوان. صبح جي وقت ماڻهن کين حق جي رحمت ۾ آسودو ڏنائون ۽ سندن پوري جسم تي نانگ جي ڏنگڻ جو ڪوبہ نشان ڪونہ هو ۽ سندن مراقبي واري گهر مان هڪ شرعي گوڏ کان سواءِ ڪابہ رقم وغيره کانہ ملي. هن بيان مان معلوم ٿيو تہ نانگ جي ڏنگڻ جي روايت عام ماڻهن ۾ مشهور آهي دراصل سندن رحلت جي حقيقت هن طرح هئي جيئن بيان ڪئي وئي. ان کان پوءِ سندن هڪ ديرينہ رازدار ۽ غمگسار شيخ صدرالدين جهان خواب ۾ ڏٺو تہ ڪائنڪ الاهي عالم جي ماجرا پچيائون. پاڻ ڪليا ۽ فرمايائون المومن مراة المومن ۽ وات بند ڪري ڇڏيائون.

مصرع: آئينہ خداي نما باد جان او-

www.maktabah.org

سيد بدرالدين ابن سيد جلال متوكل رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن ڪامل ۽ مڪمل همت شريعت جي حدن جي نگهباني ۽ سڃي نيت حقيقت جي اسرارن جي پاسباني ۽ مصروف هئي. پاڻ هميشہ رهنمائي ۽ نصيحت جي وقت معرفت ۽ ڪشف جا انوار شريعت جي لباس ۾ لڪل عبارت جي ذريعي بيان ڪندا هئا. تصوف جون مخفي ڳالهيون گهٽو ڪري گهٽ ڪندا هئا. حقائق ۽ اسرار بيان ڪرڻ وقت دلچسپ اشارن ۽ دل ڪي وٽندڙ نڪتن جي جواهرات کي نظم ۽ نثر جي ڏاڳي ۾ پوئي ٻڌڻ وارن جي ڪن ۽ ڳچيءَ جو هار ٺاهيندا هئا. ظاهري علم جي تحصيل شيخ ابوالفتح ٽانسيري ۽ شيخ جلال انصاريءَ جي فيض بخشيءَ سان ۽ باطن جي پرورش پنهنجي والد بزرگوار جي توجہ سان ڪري هنن ڪمالات ۽ حالات کي پهتا هئا. سندن ولادت جو سال نو سؤ ستيتاليهہ آهي. جوانيءَ جي شروعات ڪان پوءِ فرض- سنتون ۽ نفلن جي ادائگي ۾ هر ممڪن ڪوشش ڪندا هئا. شيخ محمد صوفيءَ ڪان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن مان جهنگل مان وڃي رهيو هئس تہ ٻہ عرب مرد سامهون آيا ۽ سلام ڪيائون. مون سلام جو جواب ڏنو انهن پڇو تہ ڇا توهان سيد بدرالدين ابن جلال متوڪل کي سڃاڻو ٿا. مون چيو تہ هائو مان سندن سلسلي جو غلام آهيان. انهن چيو تہ اسان کي ان سان ملڻو آهي. مان انهن ٻنهين شخصن کي سيد وٽ وٺي ويس. انهن قدم بوسيءَ ڪان پوءِ عرض ڪيو تہ فرزند رسول الله عليہ الصلواة والسلام سان بيعت ٿيڻ جي آرزو اسان جي دل ۾ هئي. معاملي ۾ حضور ﷺ جن اسان کي اجازت ڏني آهي تہ هندستان ۾ وڃي آگري ۾ سيد بدرالدين جا مريد ٿيو اگرچہ اسان جا فرزند هن ملڪ ۾ ٻہ آهن ليڪن توهان جو حصو ازل ۾ انهن جي ئي حصي ۾ مقرر ٿيل آهي. پاڻ فرمايائون تہ هن شهر ۾ توهان جي انهيءَ مطلوب نالي وارو ڪو ٻيو شخص هجي. چگي طرح تحقيق ڪري پوءِ بيعت ڪجو. هنن عرض ڪيو تہ جن دلربا خصلتن جي ذريعي سان جيڪي خصلتون اسان کي ٻڌايون ويون هيون اهي تہ توهان ۾ ئي ملن ٿيون. خير- بيعت جي رسم بجا آڻي انهيءَ ئي رات اجازت حاصل ڪيائون. راوي ٻہ ٻاهر تائين انهن سان گڏ ويو هو. انهن فرمايو تہ جنهن سال سيد جي ڏاڙهيءَ ۾ سفيدي شروع ٿيندي اهوئي سال سيد جي ڪمال جو

www.maktabah.org

هوندو. چون تا ته جڏهن سندن عمر پنجونجاهه تي پهتي ته ڪاڙپ جي سفيدي ظاهر ٿي ۽ انهي ئي سال صفر مهيني ۾ استسقا جي بيماري کين لڳي ۽ ڪامل ٻه مهينا لڳاتار رهي ليڪن عبادت جي وظيفن ۾ ڪجهه بہ قسر جو فتور واقع نہ ٿيو. تاريخ چويهين ربيع الاول هجري سنہ نو سؤ اٺانوي ۾ پاڻ شهر جي بزرگن کي سڏائي انهن جي روبرو خرقو ۽ سجاده پنهنجي پٽ سيد باريءَ جي حوالي ڪيائون. حاضرين دعا لاءِ هٿ کڻي چيو ته الله تعاليٰ جلشانہ هن وصيت کي مبارڪ ڪري. پاڻ فرمايائون ته هر هڪ طريقي سان مبارڪ آهي. آخرڪار انهيءَ ربيع جي چنڊ رات واري ڏينهن دنيا جي ويران جاءِ ڪان رخصت فرمائي عالم غيب جي عمارت جي طرف سفر ڪري ويا. آخري آرامگاه آگري ۾ آهي.

شيخ راجي محمد برودره (بڙوده) رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ رند هئا. مگر ساده، آزاد هئا سؤ زنجيرون پيرن ۾ پيل هئن. ديوانہ هئا مگر ڪم سڀ علقمندن جهڙا. فنا في الشيخ کي فنا في الله کان وڌيڪ دوست رکندا هئا ۽ ترجيح جو سبب بيان ڪندا هئا. سڀ ڪردار گفتار ۽ رفتار ۾ پنهنجو خاڪي نقش لوح کان مٽائي سڀ شيخ ڏانهن منسوب ڪندا هئا. انهيءَ ئي انديشي ۾ سندن آمدرفت رهندي هئي. ۽ مستانہ وار نعرو هڻڻ کان سواءِ ڪوبہ قدم رستي ۾ نہ رکندا هئا. هجري سنہ نو سؤ نوي کان ڪجهه مٿي هو جو سندن نالي الاهي طلب جو پيغام پهتو. پاڻ قبول ڪري عِندَمَليک مُقتَدرُ جي حضور ۾ روانہ ٿي ويا. پاڻ هڪ فرزند پويان ڇڏيائون جنهن جو نالو شيخ ولي محمد هو. ان کي سلوڪ کان پهريائين هوش سنڀاليندي ئي توحيد جي قوي جذبي اچي پڪڙيو. گهٽي تعجب جي هيءَ ڳالهه آهي ته توحيد کان سواءِ ٻئي ڪلام لاءِ چڙ ته گونگا هئا. هجري سنہ هڪ هزار هڪ ۾ احمد نگر دکن جي مقام تي نظر آيا هئا پوءِ سندن ڪابہ خبر ڪانہ آئي. سندن برگزيده مريدن مان شيخ صدرالدين ذاڪر آهي. هي هميشہ پنهنجي پير سان آخري ساهہ تائين سفر ۽ حضر ۾ رفيق رهيا.

www.maktabah.org

شيخ ميان آباؒ جي ياد ۾

سندن نالو ابراهيم آهي. صاحب حال و قال ۽ اهل مقامات وڪرامات هئا. ڄمڻ جي جاءِ قلعو پروچ گجرات ۽ آخري آرامگاه برهانپور محمد شاهه فاروقيءَ جي حظيره ۾ اٿن. چون ٿا ته پاڻ گهٽن ئي مشائخن جي خدمت ڪري فيض حاصل ڪيو هو ليڪن خلافت جو خرقو ڪين غوث الاوليا قدس سرهُ جن جي خدمت مان ئي مليو. جڏهن گجرات کان برهانپور آيا ته محمد شاهه اتان جو حاڪم هو ۽ سيد زين الدين ان جو وزيراعظم هو جنهن غوث الاوليا جي خدمت ۾ هڪ عرصي تائين رهي ڪم ڪيو هو. هي ٻئي ڇڻان قلب جي صفائيءَ سان سندن مريد ٿيا. جڏهن حاڪم ۽ وزير مريد ٿيا ته پوءِ پاڻ مريد ڪرڻ ترڪ ڪري ڇڏيائون. ان جو سبب معلوم ڪيو ويو ته جواب ڏنائون ته ڪاڻي ائين نه ٿئي جو هاڻي جيڪي ماڻهو مون ڏي ارادت جو اظهار ڪن ٿا انهن جو اهو خيال ٿئي ته هن صوبي جي حاڪم جو مان پير آهيان. ان ڪري اهوئي بهتر آهي ته مان پنهنجي طرفان انهيءَ خطرناڪ شيوي کان پاسو ڪيان ته جيئن جيڪي ماڻهو ارادت جو استعداد رکن ٿا مان انهن جي گمراهيءَ جو سبب نه بنجان ۽ ڪنهن جي خالص عمل کي ريا جي آرائش سان خراب نه ڪيان. هجري سنه نو سؤ اناڻوي يا نوانوي ۾ اعليٰ عالم ارواح ڏي رحلت فرمايائون. خليل الرحمٰن 999 هـ سندن وفات جي تاريخ آهي.

حاجي ابراهيم سرهنديؒ جي ياد ۾

سندن رنگين طبيعت جو شاهد مختلف علمن ۽ معرفتن جي زيور سان آراسته هو. شيخ المحدثين ابن حجن تيمي جي خدمت ۾ پاڻ حرم محترم ۾ رهي حديثن جي تصحيح ڪيائون. حديث ۽ تفسير جي سند ۾ ڪين مٿاهين نسبت حاصل هئي. سندن ڪلام جي قوت اثرائتي ۽ واعظانه اشعار جي زبان ڪان آشنا هئي. جنهن زماني ۾ سڄي ملڪ هندستان کي اڪبر بادشاه فتح ڪيو هو ته ان جي دل ۾ هيءَ خواهش پيدا ٿي ته سڀني عالمن جيڪي وڏي تعداد ۾ گاديءَ جي هنڌ واري شهر ۾ موجود آهن. هڪ هڪ ڪري سڄي ملڪ ۾ مقرر ڪيا وڃن جيئن ظاهري فوج ۽ اميرن سان ملڪ ۾ امن و امان ۽ آرائش

www.maktabah.org

آهي. ساڳي طرح هن باطني گروه جي بابرڪت انفاس جي برڪت سان ۽ ملڪ جي هر حصي جي باشندن کي پنهنجي پنهنجي استعداد جي موافق فيض پهچي. ۽ هر هڪ شخص پنهنجي حوصلي جي مطابق هن جماعت جي خدمت سان معرفت جو فروغ حاصل ڪري. انهيءَ خيال جي بنياد تي هر هڪ شخص مختلف حصن ۾ مقرر ڪيو ويو. جنهن حصي ۾ پاڻ موڪليا ويا هئا اتان بغير اجازت جي دارالسلطنت ڈي موٽي آيا هئا ڳالهه بادشاه کي ناگوار گذري ۽ ان ڪري کين قلعي ۾ بند ڪرائي ڇڏيائين. هتي اڪيلائي ۽ پنهنجي حالت تي سختي ڏسي ڏاڍو پريشان ٿيا. هڪ عرصي تائين تہ آزاد ٿيڻ جو انتظار ڪيائون مگر جڏهن آزاد نہ ڪيا ويا تہ پوءِ هڪ رات رسي قلعي جي ديوار تي لٽڪائي تہ ان تان هيٺ لهي ۽ پوءِ وڃي ڪجهه ڏينهن گمنامي ۾ گذاريان پر اڏ تائين مَسَ پهتا تہ رسي ٽٽي پئي جنهن سبب سندن رحلت ٿي وئي.

شيخ ودودالله شطاري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ معروف صديقيءَ جا فرزند آهن ۽ نالو شيخ لاد اٽن. هميشہ درويشي ۽ فقر ۾ زمانو گذاريائون. سندس وڏا شيخ عبدالرحمٰن تائين پهچن ٿا جيڪو حضرت صديق اڪبر جو پوٽو هو رضي الله عنہ- غوث الاولياءجا مريد ۽ خليفا آهن. اندازاً ٻارهن سال متواتر پنهنجي پير بزرگوار جي خدمت ۾ رهي شطاري مشرب جي اشغال ۽ ذڪر جا طريقا ۽ دعوت جي سند حاصل ڪيائون ۽ سيني کي علم ۾ ۽ آندائون. حضرت غوث الاولياءجڏهن گواليارکان گجرات جي طرف هجرت فرمائي هئي ۽ ان جو سبب مٿي لکجي چڪو آهي. تہ کين کنهن سبب ڪري منع فرمائي وئي ۽آيت ڪريمہ **لا عَلَى الَّذِينَ إِذَا أَتَوْكَ لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَا أَجِدُ مَا أَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ تَوَلَّوْا وَأَعْيُنُهُمْ تَفِيضُ مِنَ الدَّمْعِ حَزَنًا أَلَّا يَجِدُوا مَا يُنْفِقُونَ** (يعني: نہ انهن ماڻهن تي ڪو الزام آهي جو جڏهن تو وٽ آيا تہ توهان هنن لاءِ سواري مهيا ڪيو. تہ تو جواب ڏنو تہ مون وٽ ڪا سواري موجود ئي ڪانهي جو توکي ان تي سوار ڪيان. هو ماڻهو واپس هليا ويا ۽ خرچ ميسر نہ اچڻ جي غم ۾ اکين مان ڳوڙها جاري هئا) وانگر معذورن مان ٿي پيا. لاچار پاڻ ڪجهه سالن تائين

www.maktabah.org

ڳوٺ آشٽ ۾ گوشي نشين رهيا. هي ڳوٺ مالوه جي ويجهو آهي. پوءِ جڏهن باز بهادر افغان اڪبر بادشاه جي فوج کان پڇي بگلاڻ جي ويجهو آيو ۽ ملڪ مالوه کي اڪبر فتح ڪيو ۽ افغانن جي جيڪا جماعت اعتقاد سبب هنن وٽ ايندي هئي رڪجي وئي تہ پاڻ هجري سنہ نو سؤ چوهتر ۾ هن ڳوٺ مان لڏي خانديس ڏي هليا ويا ۽ جامود نالي ڳوٺ ۾ وڃي رهيا. ان وقت هي ڳوٺ ان صوبي جي حاڪر ميران محمد شاه فاروقيءَ جي حڪر سان سيد ميران شڪر ڪوٽيءَ جي جاگير ۾ هو انهيءَ سال ۾ شيخ ودودالله جي عمر شريف هڪ سؤ سال کان بہ وڌي چڪي هئي. مسيح الاولياء فرمائن تا تہ هڪ دفعي مون کي ڪنهن تقريب ۾ پنهنجي مرشد شيخ لشڪر محمد عارف سان گڏ جامود جي ميدان ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو. اتي شيخ ودودالله جي خدمت بہ حاصل ٿي هئي اسان هڪ نوراني پير ڏٺو. جنهن جي پيشانيءَ مان ولايٽ ۽ ڪرامت جا انوار ڏسڻ وارن جي سامهون ظاهر هئا. هجري سنہ نو سؤ ٽيانوي ۾ فاني دنيا کي ڇڏي پاڪ ملڪ ڏي روانہ ٿيا. آخري آرامگاه جامود ۾اٽن. پاڻ هڪ فرزند ڇڏيو اٽن شيخ اسماعيل نالو اٽس انهيءَ ويهن سالن تائين مسيح الاولياءجي خدمت ۾ رهي ظاهري ۽ باطني تڪميل ڪئي هئي ۽ فقر ۽ فاقي سان اهڙي طرح يگانگت پيدا ڪيائون جو جيڪڏهن سڄي جهان جي دولت سندن بي نيازيءَ تي قربان ڪجي تہ بہ مناسب آهي. هجري سنہ هڪ هزار ويهہ ۾ مرشد جي اجازت سان والد بزرگوار جي پراڻي مقام ڏي وڃي رهيا هئا جيڪو ڳوٺ آشٽ نالي آهي ۽ جيئن تہ آشٽ وڃڻ واري کي منڊو (مانڊو) مان لنگهڻو پوندو آهي. لهذا شيخ اسماعيل کي منڊوءَ ۾ اچڻو پيو ۽ مصنف جي غريب خاني تي ڪجهہ ڏينهن مهمان رهيا. گهڻا دلاسا ۽ تسليون ڏنيون ويون تہ الله جي دَرَ جي فقير لاءِ گوشي گزين ٽيڻ لاءِ آشٽ کان منڊو بهتر آهي. تہ پاڻ اهو عذر ڪيائون تہ مرشد جي اجازت آشٽ ۾ ئي رهڻ جي واسطي ٿي آهي ۽ اهڙي طرح مصنف جي التماس کي قبول نہ فرمايائون. تاريخ پندرهين ربيع الثانيءَ تي آشٽ روانہ ٿيا.

ميان وجيہ سنڌيؒ جي ياد ۾

سندن ولادت هڪ ڳوٺ ۾ ٿي جيڪو ٺٽي جي نزديڪ آهي هڪ ڏينهن مسيح الزمان چون پيا تہ هجري سنہ هڪ هزار ست ۾ برگزيده صاحب دلان-

www.maktabah.org

مردم چشم ڪيميا نظر خانخانان ابدولته جڏهن برهانپور خانديس ۾ نزول فرمايو ته پهريائين خانخانان خيمه گاه ۾ نه لٿو. سڏو سنئون سامان سوڏو فقير جي مسجد ۾ هليو آيو. سڀ کان پهريائين سندن ڀالهه هيءَ هئي ته جڏهن ميان وجيه جي ڳوٺ ۾ لشکر جا خيما نصب ٿيا ته ان جي باوجود جو ميان سان منهنجو اعتقاد درست هو. مگر ننڊ جو اهڙو ته غلبو ٿيو جو بغير وقت جي غنودگي پيدا ٿي. انهيءَ سال ۾ ميان صاحب جو ڳوٺ لٽ ڦر ۾ اچي ويو جنهن جي ڪري منهنجي دل هر وقت هڪ عجيب انقباض ۾ آهي ۽ انهيءَ خوف ۽ خيال ۾ خيمي گاه ۾نه وڃي سڏو توهان جي ديدار لاءِ آيو آهيان. ۽ ميان وجيه جا ڪجهه حالات بيان ڪيائين جن جو خلاصو هي آهي ته هڪ شخص آهي جنهن جي دل هميشه طلب جي درد سان مالا مال آهي. اڪيون پشيمانيءَ جي ڳوڙهن سان پريل هيون ۽ زبان خدا جي ياد ۾ مصروف هئي.

شيخ احمد متوڪل اُجيني رحمة الله عليه جي ياد ۾

اُجين صوبي مالوه جو هڪ شهر آهي. کين خلافت جو خرقو غوث الاولياءَ کان حاصل آهي قدس سرهما- پاڻ هميشه زباني ۽ مخفي ذڪر پاس انفاس رکندا هئا. معاملات جي باريڪ باريڪ تدبيرن کي پاڻ ڪڏهن هڪ جَوَ جي برابر به نه سمجهائون پيدائش هندستان ۾ ڪنهن مشرقي شهر جي آهي. شيرشاه سوريءَ جو زمانو هو جو پاڻ وطن کان هلي اجين ۾ آيا ۽ رهائش اختيار ڪيائون. ڪنهن به شخص کان روپيه پئسا هڪ ڏينهن جي خرچ کان وڌيڪ ڪڏهن به نه ورتائون. هميشه آخري ساهه تائين سندن روزي آسمان تي رهي. اهل روزگار جي دانائيءَ تي نادانيءَ کي ترجيح ڏيندا رهيا. مصنف کي سندن ذات سان نهايت ويجهڙائي ۽ دلبستگي هئي. هجري سنه نو سؤ اناڻوي ۾ سندن نوبت زندگاني پوري ٿي. آخري آرامگاه انهيءَ حوض جي ڪناري تي آهي. جيڪو قلعي اُجين جي باهرئين حصي سان مليل آهي. هڪ جانشين ڇڏيو هئائون جنهن جو نالو شيخ عبداللطيف هو. انهيءَ رياضت جي ذريعي خلافت جي چراغ ۾ گهٽي روشني وڌائي هئي ۽ مسيح القلوب جي خدمت ۾ برهانپور وجي حقيقت ۽ معرفت جو سرمايو پهچايو هو ۽ هجري سنه هڪ هزار ست ۾ فاني جهان کي ڇڏي ويا.

مصرع: شد روزيش الله لطيف بعباده

www.maktabah.org

شيخ معروف ابن قاضي سعدالله رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ صديقي خاندان جا هئا. شيخ نظام الدين نارنولي جا خليفا هئا. جمڻ جي جاءِ دهار ۽ آخري آرامگاه مدينه منور- سندن وڏا بغداد کان آيا هئا ۽ هندستان جي صوبي جونپور جي متعلق هڪ شهر بهار نالي آهي ان کي پنهنجو وطن بنايائون. بهار کان سندن ڏاڏو شيخ محمود سلاطين خلجيءَ جي دور ۾ منڊو (مانڊوءَ) ۾ آيو هو. ۽ اتي ئي رهائش اختيار ڪيائين. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ مجيره جو قاضي ٿي ويو. جيڪو منڊوءَ کان ٻارهن ڪوهه ۽ وهار کان پنج ڪوهه پري آهي. هن ڳوٺ ۾ پان اهڙا خوشبودار ۽ عمدا ٿيندا آهن جو ٻين صوبن ۾ ماڻهو سوغات طور ونڊي ويندا آهن. جڏهن شيخ محمود کي آسماني قضا جو سڏ ٿيو تہ سندن پٽ سعدالله شريعت جي مسند تي ويٺو. جڏهن انهن به دنيا جي عالم کي ڇڏيو تہ ان وقت شيخ معروف ننڍو هو. جڏهن شيخ معروف جي هوش جو زمانو آيو تہ طريقت جي پير جي جستجوءَ ۾ پڇ ڏڪ شروع ڪيائون. انهيءَ دوران پير شيخ نظام نارنوليءَ جي فيض رسانيءَ جي شهرت ٻڌائون. دل کان صبر ويندو رهيو ۽ نارنول وڃي مريد ٿيا. ۽ چند سال خدمت حضور ۾ رهي فيض حاصل ڪيائون. فرمائيندا هئا تہ پير سان گڏجي نارنول کان دهليءَ ويندو هئس. هڪ سيلاڻي شيخ عبدالله هو ان کي عالم ارواح جون رمزون ۽ عالم شهود جا حقائق ڇڪي طرح معلوم هئا. رستي ۾ هڪ ڳوٺ جي اندر ان جي خدمت به نصيب ٿي. هر قسم جون ڳالهيون ڪيوسين. گهڻي ڪجهه نوازش ۽ دلجوئي حاصل ٿي ۽ مون کي هر هڪ سلسلي جي پيرن جي خلافت جو خرقو عطا فرمايائون. سواءِ اجازت سلسلہ چشتيہ قدسيہ جي جيڪو مونکي پير کان حاصل ٿيو هو. ڪجهه سال بعد ڳوٺ وهار ۾ موٽي آياسين ۽ انهيءَ ئي ڳوٺ جي حدن ۾ هڪ ڪوٺڙي پسند ڪئي جتي نفس سان لڙائيءَ ۾ مشغول ٿي ويس ۽ هن گهر جي چور ۽ هم نشين جي اچڻ وڃڻ جا رستا بند ڪيم. ٿوري ٿوري غذا گهٽائڻ سان نفس ٽلهو ٿيڻ کان رڪجي ويو ۽ انهيءَ طريقي سان سمهڻ ۽ کائڻ جي پابندين کان نجات ملي. سبحان الله- جيڪڏهن پاڻي يا شربت پاڻ نہ پئندا هجن ها تہ وَمَا جَعَلْنٰهُمْ جَسَدًا لَّا يَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ جي نفي ۾ شامل ٿي وڃڻ کان پاڻ مستثنيٰ ٿي وڃن

www.maktabah.org

ٿا. هڪ پراڻي گودڙيءَ ۾ ليٽيل پيراهڻ ۾ هميشہ رهندا هئا ۽ سڄي عمر نماز معڪوس ۾ راتين کي ڏينهن ڪندا هئا. هجري سن نو سؤ ڇهانوي ۾ صوبي مالوه جي حاڪم نواب خان اعظم مرزا عزيز بزرگ کي جيڪو اڪبر شاهہ هو. انهيءَ سال شيخ اُجين کان عمره جو احرام ٻڌو ۽ حجاز جو رستو انهيءَ طرح طئ ڪرڻ جو عزم ڪيو جو دل ۾ ارادو ڪيائون سِر هيٺ ڪري ويندس. ليڪن نواب سان دوستي هئن. نواب کين روڪيو ۽ ٻين دوستن ۽ عقيدتمندن ٻہ اهو ئي عرض ڪيو لهذا پاڻ سال رڪجي پيا جڏهن ڪعبي جي زيات جي شوق جو غلبو ٿين تہ پنهنجي اکين تي پٽي ٻڌائون تہ جيئن ٻيون ڏسڻ جون شيون ڏسڻ ۾ ئي نہ اچن ۽ پاڻ تي لازم ڪيائون تہ جيستائين ڪعبي جو جمال نہ ڏسندس پٽي نہ کوليندس. ٻئي سال ارادي جي موافق زاد راہ ۽ سفر جي خرچ لاءِ جيتري ضرورت هئي ۽ اها ٻہ صرف ايتري قدر جو درويشيءَ ۾ ٻہ خلل اندازي نہ ٿئي نواب عزيز جي خزاني مان وٺي سفر جو انتظام ڪيائون هڪ ماڻهوءَ جي قد جي برابر هڪ حجرو تيار ڪرايائون ۽ ٻن اڻن تي ٻڌائي، انهيءَ حجري ۾ اندر پنهنجو پاڻ کي اڻو لڪايائون اهڙي طرح سمنڊ جي ڪناري تي پهتا. بعد ۾ حجري کي جهاز ۾ بيهاري ڇڏيائون ۽ پاڻ ان ۾ بدستور لڙڪيا رهيا. چون ٿا تہ رستي ۾ پاڻ گهٽو رُنا ۽ ڳوڙهن جي گرمائش سان پٽيءَ جي مٽان سڙڻ جو داغ ماڻهن ڏنو آهي. اهڙي طرح بيت الحرام جو ديدار کين ٿيو جنهن جي سبب ڪري سندن اکين تي نظاري جي لذت حلال ٿي. عمري ۽ حج جا ارڪان ادا ڪيائون ۽ مديني منوره جو طواف ڪري روشن ضميري حاصل ڪيائون. پنجن مهينن جي فرصت ملين. جڏهن تاريخ ٿين ربيع الاول هجري سنہ نو سؤ اٺانوي تي فرمان صادر ٿيو تہ ڪمال آرزو شگفتگي خاطر ۽ خنده پيشانيءَ سان عالم قدس ڏي روانہ ٿيا.

مولانا اسماعيل سومرو رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾ (6)

سومرو سنڌ ۾ هڪ خاندان جو نالو آهي. پاڻ انهيءَ ملڪ جي نامور مشائخن مان آهن. سندن خانقاه چا هئي هڪ زاهدستان هو. ڪيترا هزار ڳوٺيون ڪٽڪ زراعتي ٻج هوندو هو جنهن جي پيداوار خانقاه نشينن جي

www.maktabah.org

احتياج ۾ خرچ ٿيندي هئي. سندن خاص طريقو درويشن جي خدمتگاري ڪرڻ هو. هجري سنہ نو سؤ اٺانوي ۾ يا نوانوي ۾ رحمتِ حق سان وڃي مليا.

شيخ عبدالله ڪٽواسن رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن پير بيعت ۽ مرشد طريقت ڪٽي ۾ بيان ۾ نہ آيا آهن. غالباً سندن مشرب اويسيہ هو. پنهنجي توڪل ۽ آزادگيءَ جي محل ڪي نهايت مضبوط رکيو هئائون. ڪڏهن ۾ زماني وارن جي روبرو احتياج جو منهن ڪٽي نہ ويا. آخري آرامگاه دارالخلافہ آگره ۾ آهي.

ملا دوست صحاف رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

جيڪي محرم هم نشين هئا اُهي ڪين ڪاڪا چوندا هئا. پاڻ مولانا خواجگي ڪاشاني جي خاص عقيدت مندن مان هئا. سندن درياه جهڙي ضمير جي عرفاني دَبي ۾ الاهي اسرار ۽ تصوف جا بيشمار جواهرات ۽ موتي پريل هئا. هڪ عرصي تائين بلخ ۾ ماڻهن جي رهنمائي ڪيائون. گهڻا ئي طالب سندن خدمت ۾ رهي پنهنجي مطلوب کي پهتا. هڪ ڏينهن پراڻو رازدار صوفي شادي سندن عبادت خاني ۾ آيو ۽ چيائين تہ ڪاڪا توهان کي ياد هوندو تہ جڏهن مقصد جي تلاش ۾ توهان جي ڪوشش تيز هئي ۽ جلد سازيءَ جو حڪم ڪندا هئا. انهن ڏينهن ۾ توهان ڪهڙا نہ خوش وقت ۽ خوش دل رهندا هئا. هاڻي مونکي معلوم ٿيو آهي تہ جيڪي ماڻهو خانقاه ۾ رهن ٿا انهن توهان کي قرب جي خلوت کان پري ڪري ڇڏيو آهي ۽ توهان کي پريشان رکن ٿا. پاڻ هيءَ ڳالهہ ٻڌي اکين ۾ آب آڻي جواب ڏنائون تہ بيشڪ صحيح آهي جيئن توهان فرمايو ٿا. چون ٿا تہ هجري سنہ نو سؤ نوي کان ڪجهہ مٿي هو تہ پاڻ عنصري منزل کي ڇڏي اصل وطن ڏي روانہ ٿيا. آخري آرامگاه بلخ ۾ اٿن.

شيخ جنيد مفتي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ بهاؤالدين قريشي اسدي هاشميءَ جا فرزند آهن. علم جا صاحب

www.maktabah.org

درست احوال- پاکيزه اخلاق- سهڻين صفتن ۾ زاهدانہ افعال جا مالڪ هئا. علم جي تحصيل پنهنجي والد بزرگوار کان ڪئي هئائون. مهمان کان بغير ماني نہ کائيندا هئا. اهل طريقہ سان پاڻ خليلي رسم زنده ڪري رکي هئائون. ضرورتمندن لاءِ سندن سفارش اثرائتي هوندي هئي. اهل ضرورت جو تعلق جتي بہ هوندو هو اُهو چاهي ڪيترو بہ نامهربان يا پٿردل هوندو هو مگر بنادير جي نتيجي تي پهچي ويندا هئا. اهڙي طرح سندن دعائون واقفن يا غيرن جي مشڪلات ۾ مقبول ٿي ويندیون هيون. مطلب تہ سندن گفتار جي پيشاني ناڪاميءَ جي داغ کان پاڪ صاف هئي. تاريخ چوٿين شعبان هجري سنہ نو سؤ اٺانوي ۾ پاڻ روحاني باغ جي سير لاءِ هليا ويا. آخري آرامگاه آگري ۾ اٿن.

شيخ نظام ابن عبدالڪريم نارنولي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ حضرت فاروق اعظم رضی اللہ عنہ جي نسل مان آهن ۽ الهداد نالو اٿن. ڇهٽ جي جاءِ ۽ آخري آرامگاه نارنول ۾ اٿن. جوانيءَ جي شروعات ۾ پاڻ محقق رهنما جي ٻولا ۾ وطن کان نڪري پيا ۽ هڪ همدرد دوست سير فيروز جي همراه گهٽا ڪجهہ سفر ڪيائون، گهٽيون آبادیون ۽ جهنگ جهر ڏنائون ۽ گهٽن ئي سالڪن ۽ مجذوبن جي خدمت ڪيائون. ليڪن منزل تي پهچائڻ وارو هٿ نہ آين. انهيءَ دوران پاڻ گوالیار پهتا ۽ ڪجهہ ڏينهن غوث الاولياءقدس سرہٗ جي ٻين خانقاه ۾ رهندڙ صوفين سان گڏ رهيا. تقدير ۾ جيئن لکيل هو ان جي مطابق خواجہ خانون تاج ناگوريءَ جي خدمت مان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيا ۽ خلافت جي نور سان قلب جي روشني حاصل ڪيائون. خواجہ صاحب جي صحبت ۽ خدمت جي برڪتن سان ڪمال ۽ تڪميل تي پهتا ۽ پير جي اجازت سان پنهنجي وطن ۾ اچي رهنمائيءَ جي مسند تي وينا. پاڪ ذات ۽ استعداد جي صاحبن گروهن جا گروه سندن پرورش ۽ فيض سان الاهي معرفت جي مٽاهن درجن تي پهتا ۽ هر هڪ صوبي ۽ سرڪار ۾ وڏي ننڍي جي هدايت لاءِ سندن فيض يافتہ باخبر اصحاب مان هڪ هڪ ڪري مقرر ڪيا ويا. سندن ولايت جي صاحب خليفن جي فهرست گهٽي وڏي آهي. هن ڪتاب ۾ نہ ٿي اچي سگهي مطلب تہ سندن فيض رساني- نورپاشي- رهبري ۽ رهنمائيءَ جي شهرت

www.maktabah.org

ايتري ته ٿي جو هندستان جي چئني طرف ڦهلجي وئي. سندن زماني ۾ سلطان مشائخ نظام الاولياءقدس سرهُ جو مبارڪ دور حاصل ٿي ويو هو ۽ نارنول جي زمين کان دهليءَ تائين فيض عام ٿيو هو. تاريخ اناويهين صفر هجري سنہ نو سؤ ستانوي ۾ عالم ناسوت کان عالم ملڪوت جي سير لاءِ روانہ ٿي ويا.

شيخ بياره نور ظهور رحمۃ اللہ جي ياد ۾

پاڻ مجذوب هئا. جمالي مظاهرن سان عشق رکندا هئا. ڪجهہ سال ديوانگيءَ جو عيش ڪيائون. اندروني بي آرامي گهٽي رهندي هئن انڪري هڪ گهڙي بہ هڪ جاءِ تي نہ وهندا هئا ۽ زبانِ حال سان ماڻهن کي ٻڌائيندا هئا. هن ۾ شڪ نہ آهي تہ عشق ۽ ديوانگي هي ٻئي جڏهن دل ۾ جمع ٿي ويندا آهن تہ نظر بازيءَ جو شوق ايرندو آهي ۽ دوراندیشي، عقل ۽ فهم ڪوچ ڪري ويندا آهن. انهيءَ ڪري سندن پردو فاش ٿيو ۽ پاڻ هر هڪ شمع تي پروانن وانگر ڪري تڪليف ۽ مصيبت برداشت ڪندا هئا. هڪ ڏينهن مصنف ساڻن گڏ رستي ۾ بيهي ڳالهائي رهيو هو ايتري ۾ پالڪيءَ وارو هاڻي اچي پهتو پاڻ چلائگ لڳائي هاڻيءَ جي ڏند تي وجي پير رکيو ۽ پالڪيءَ جي پردي سان لڙڪي هڪ پرده ڪشا نغمو ڳائڻ لڳا. پالڪيءَ ۾ اندر جيڪي عورتون ويٺيون هيون انهن بيتاب ٿي پردو ڪٽي ورتو ۽ ديواني کي پنهنجي ناز ۽ ڪرشمي جو نشانو بنائي خود بہ هن جي راز ۽ نياز تي موهجي پيون. مطلب تہ ٻنهين طرفان حيرت حد کان وڌي وئي ايترو جو ان حيرت جي بيهوشيءَ هاڻيءَ ۾ بہ اثر ڪيو بي اختيار فيلبان (هاڻيءَ کي هلائيندڙ) پالڪيءَ جو پردو هيٺ ڪري ۽ ڪاوڙ ۾ لٺ هڻي هاڻيءَ کي رستي تي آندو.

ان کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن ۾ پاڻ ماڻهن جي نظرن کان لڪي ويا. ايستائين جو هجري سنہ هڪ هزار سورهن ۾ شيخ دولت جي زباني جيڪو ديپالپور جي تلاءِ جي ڪناري هڪ ڪوٺڙيءَ ۾ رهندو هو ڪجهہ حال ٻڌڻ ۾ آيو. انهيءَ بيان ڪيو تہ هجري سنہ نو سؤ ستانوي هو فقير ان وقت اُجين ۾ شيخ عبدالغفور داؤد جي مسجد نور ۾ رهندو هو. شيخ بياره بہ انهيءَ ئي مسجد ۾ اچي گوشي نشين ٿيو هو ۽ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ کين دستن جي

www.maktabah.org

بيماري ٿي ۽ اهائي بيماري هن عالم مان سندن کوچ ڪرڻ جو سبب بني ۽ انهيءَ ئي مسجد جي اڳڻ ۾ دفن ڪيا ويا.

سيد ابراهيم بکري رحمة الله جي ياد ۾

پاڻ شيخ جلال متو جا خليفا آهن. جيڪو شاه شاهباز جو وڏو جانشين هو قدس سرهم. پير جي دوستي ۽ مهرباني ۽ وقت جي حاڪم جي آرزو ۽ نياز سان پيش اچڻ سندن برهانپور ۾ رهڻ جو سبب ٿيو. گهڻن سالن تائين هن دارالسلام ۾ پاڻ قيام فرمايائون ۽ گهڻن ماڻهن کي جيڪي تلاش جي رڻ پٽ ۾ پٽڪي رهيا هئا تن کي عرفان ۽ وجدان جي آبادي ۾ پهچايائون. مسيح القلوب کان روايت آهي ته هڪ ڏينهن مان سيد جي خدمت ۾ وينو هئس پاڻ فرمايائون ته شيخ لشکر محمد عارف قدس سرهُ جن کان مون ٻڌو آهي جنهن وقت هو ايجادي حڪم جو نظارو ڏسي زبان سان تراني جي صورت ۾ ڳائيندا هئا.

اطاعک العاصي في عصيانک
وذکرک الناسي فـــي نسيانک

(يعني نافرمان تنهنجي نافرماني ۾ جڏ ته فرمانبرداري ڪئي ۽ ساري جڏڻ واري تنهنجي وسارڻ ۾ جڏ ته توکي ياد ڪيو). حالانڪ هن ڪلام کي ٻڌندي هڪ زمانو گذري ويو ليکن اڃا تائين دل جي اندر هن ڳالهه جو ذوق باقي آهي. هي ذوق ڇڏي ئي نه ٿو. هڪ ڏينهن هڪ سپاهي عرس جي مجلس ۾ هڪ ڪند کان اٽيو ۽ ٻئي هٿ ادب سان ٻڌي اڇي بينو ۽ روئندي فاتحه ۽ دعاءِ خير لاءِ عرض ڪيائين. جواب مليس ته ابراهيم جو باطن ته نمرود جي باهه کان بہ وڌيڪ آهي. جيڪڏهن توکي ان جي خبر پئجي وڃي ته سؤ دفعا لاحول پڙهي هن جي صحبت کان پاسو ڪرين ۽ هزارها مهربانين ۽ دلسوزيءَ سان هن جي بخشش لاءِ دعا گهرين. هي جواب ٻڌي انجمن ۾ جيڪي ماڻهو وينا هئا انهن ۾ هڪ جوش پيدا ٿيو. هجري سنہ نو سؤ اناني ۾ پاڻ عنصري قيد خاني کان آزاد ٿي بهشت جي سير لاءِ روانہ ٿيا. آخري آرامگاه برهانپور ۾ اٿن. ٿي پٽ خليفا ۽ گهٽا ٻيا خليفا ڇڏيائون جيڪي پٽ سلف جي روش سان متصف آهن.

www.maktabah.org

شيخ عبدالله رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن پراڻو نالو بهيکاجي آهي. سندن والد قطب خان ضراب خان جا داروغا ۽ خزانچي هئا. پاڻ به پنهنجي والد جي کارخاني جو ڪم ڪندا هئا. شروع جوانيءَ ۾ شادي شده ٿي ويا ۽ پنهنجي زال سان حد کان وڌيڪ دل هئن. جڏهن ناز ۽ نياز هڪ ٻئي جي قريب ٿيا تہ شوق ۽ ڪرشمي ۾ ڪاميابي ٿي. ايتري قدر جو اجل جو سڏ نئين شادي ٿيل زال کي ٿيو ۽ انهيءَ فراق جي داغ سندن ٽٽل دل کي ديوانو بنائي ڇڏيو. پريشانيءَ سبب ڪم ڪار ڇڏي ڏنائون. زماني وارن جو لباس لاهي هڪ ڪمبل کي ڪفني ٺاهي پاتائون. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ طريقت جي پير جي هدايت سان سندن مجازي محبت حقيقي عشق ۾ تبديل ٿي وئي ۽ ڪيترائي سال گھر ۾ اندر ئي اڪيلائيءَ ۾ گذاريائون. ۽ خداشناسيءَ جو رستو بلند همتيءَ سان طئ ڪيائون. پاڻ هڪ خزانو هئا جنهن ۾ دل کي وٽندڙ گفتار جا جواهرات پريل هئا. هجري سنہ نو سؤ نوانوي ۾ پنهنجي عبرت جي اک کي دنياوي نمائش گاه کان بند ڪيائون. آخري آرامگاه منڊوءَ ۾ اٿن.

شيخ ابويزيد رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ شيخ لشکر محمد عارف جا فرزند هئا قدس سرهما. جيڪي صاحب سندن والد بزرگوار جي دعوت قبول ڪري آيا هئا جڏهن اُهي زندگي پوري ٽيڻ سبب هڪ هڪ ڪري واپس ابدي زندگيءَ ڏي موٽيا ۽ پيءُ جي جاءِ تي پاڻ جانشين ٿيا تہ ان وقت جي حاڪر نوجوان پٽ جي حيثيت پيءُ کان گھٽ سمجهي امداد کي ضبط ڪيو. جيئن تہ توڪل ۽ تسليم سندن خمير ۾ پريل هئي ان ڪري پاڻ پيشانيءَ تي ڪو پريشانيءَ جو نشان به اچڻ نہ ڏنو ۽ لنگر تي ڪائڻ وارن لاءِ سندن دل ۾ ڪوبہ فڪر جو غبار پيدا نہ ٿيو. ان جي باوجود جو هڪ هڪ هفتي تائين کاڏو نہ ملندو هو مگر عبادت جي طاقت زائل نہ ٿيندي هئن. سندن خاندان تي هر طرف کان فقر چاهي کيتري ئي چڙهائي ڪئي ليکن پاڻ پنهنجي خلوت خاني کان پير باهر نہ ڪيائون. مگر وصيت مطابق مسيح القلوب جي درس ۾ سج اپرڻ کان اڳ روزانو پهچي فيض حاصل ڪندا

www.maktabah.org

هئا. مطلب تہ سلامتي سندن حصو هو. هڪ ڏينهن جو ذڪر آهي تہ پاڻ مسيح القلوب سان گڏ سيد ابراهيم بکري قدس سرهُ جي خدمت ۾ وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ هڪ خدمتگار گهر کان دل آزار خبر آندي ۽ واپس ٽيڻ لاءِ جلدي ڪيائين. پاڻ فرمايائون تہ هڪ بزرگ جي ملاقات جي ارادي سان درست نيت مطابق هلي رهيو آهيان لهذا رڪجندس ڪونہ ڇو تہ شروع ڪيل ڪم پورو ڪرڻ کان اڳ نفس جي پڙڪائڻ سان ڪنهن ٻئي ڪم ۾ مشغول ٽيڻ صوفيءَ لاءِ نہ ٿو سونهين. ٿوري زندگيءَ ۾ ئي پاڻ تمام گهڻو رباني عرفان حاصل ڪيو هئائون. هجري سنہ نو سؤ نوانوي ۾ پاڻ جهان وارن کان دل ڪٽي ويا.

مخدوم نوح هالا ڪنديؒ (هالا) جي ياد ۾

پاڻ سنڌ جي بزرگ مشائخن مان آهن. مسيح القلوب کان روايت آهي تہ شيخ يوسف رسمي علمن جي شروعات ۾ سندن هر درس هو. ۽ اُهي چوندا هئا تہ ڪين هڪ دفعي جذب ٿيو ان کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن بعد سندن زبان ۾ ڳالهائڻ جي طاقت پيدا ٿي. ان جي باوجود جو علم نحو نہ ڄاڻندا هئا مگر قرآن پاڪ جو تفسير پاڻ ڪيترن ئي طريقن سان بيان ڪندا هئا. سنڌ جا ۽ گهڻو ڪري ٻاهر جا عالم امتحان لاءِ اچي هر هڪ فن جا مشڪلات سندن سامهون پيش ڪندا هئا. پاڻ فوراً هڪ روشن جواب سان خدشات کي ختم ڪري ڇڏيندا هئا ۽ معترضن کي معتقد بنائي ڇڏيندا هئا. حڪيم عثمان بوبڪائيءَ کان روايت آهي تہ مان هڪ ڏينهن مخدوم جي خدمت ۾ ويس ۽ چاهيم تہ علم جا ڪمالات حاصل ٿيڻ لاءِ دعا لاءِ عرض ڪيان. اڃا اها ڳالهہ مون بيان ئي ڪانہ ڪئي تہ پاڻ فرمايائون تہ **وَاتَّقُوااللّٰهُ يُعَلِّمُكُمُ**. (الله کان ڊجندو رهہ هو توکي علم نصيب ڪندو) ان ڏينهن کان منهنجو خوف ۽ علم ڏينهون ڏينهن وڌندو ٿو رهي. کي چون ٿا تہ قرآن جي معنيٰ جي تعليم ڪين الله جي طرف کان آهي. ۽ ڪن جو هي بيان آهي تہ خضر عليہ السلام کان اٽن. ۽ کي روايت ٿا ڪن تہ هڪ بزرگ خراسان کان هن ڳوٺ ۾ آيو هو. ان جي تلقين سان ملين جو ڪجهہ ملٹو هئن.

www.maktabah.org

شيخ مبارڪ مجذوب رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن حالات دل فريب ۽ صحبت خوش گوار هئي. آگري ۾ ڊولي ڪال دروازو ۽ ڪڪائين گهر ۾ مدتن تائين گذاري ڇڏيائون. جيئن ته دل جي تعمير جو ڪم درپيش هئن ان ڪري پاڻ ٻئي طرف متوجه نه ٿيا. دنيا مان واپس وڃڻ بعد هاڻي قبر تي پڪين سرن جي هڪ عمارت ناهي وئي آهي.

سيد حبيب رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن جذبو سلوڪ سان شامل هو ۽ مستي هوشياريءَ سان مليل هئن. لڪل واقعات ۽ حالات جو سندن بصيرت جي آئيني ۾ عڪس پوندو هو. دارالسلطنت آگري ۾ شاهه قلي خان محرم جو هڪ باغ آهي جيڪو دولت ۽ فقيرن جي محبت ۾ مشهور آهي. انهيءَ باغ جي پهلوءَ ۾ سندن گهر هو.

شيخ نظام مجذوب رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ زماني وارن وانگر ڪانين ۽ رسيءَ جو هڪ وڏو ڇپرو ناهيو هو جنهن تي ڏهه ماڻهو آرام سان سمهي سگهن. پاڻ هميشه ان تي وينا هوندا هئا ۽ ان تان گهٽو ڪري هيٺ نه لهندا هئا. جيڪي ڪجهه سندن زبان مان نڪري ويندو هو اُهو دير يا جلد ٿي ويندو هو. چون ٿا ته جنهن زماني ۾ شيخ ابوالفضل مبارڪ جي هوش ۽ عقل کي ڏينهون ڏينهن ترقي ٿيندي هئي. انهن ڏينهن ۾ عقلي ۽ نقلي علمن جي حاصل ڪرڻ ۾ پڻ اضافو ٿئي ٿو ۽ اڪيلائي ۽ آستانن جي حاضريءَ ۾ پاڻ ڪمال ڪوشش ورتائون. ان زماني ۾ جڏهن هو شيخ جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو ته پاڻ وڏي آواز ۾ چوندا هئا ته اچو وزير ڇغتائي اچو. آخر شيخ ابوالفضل مبارڪ ٿوري ئي عرصي ۾ اڪبر بادشاهه جي خدمت مان وڏي عهدي تي سرفراز ٿيو ۽ بادشاه جي همنشيني جي خلعت پاتائين ۽ گهٽ صوبن جو جاگيردار ٿيو. شيخ ابوالفضل مبارڪ جو نندو پاءُ شيخ ابوالبرڪات مبارڪ آگري ۾ سندن قبر تي هڪ گنبذ تعمير ڪرايو آهي. خدا تعالىٰ کيس جزائي خير عطا ڪري.

www.maktabah.org